سنهڪُ
منهنجا
سُپرِين

ڪمل پياسي

سنڌُ
منھنجا
سُپرِين

ڪمل پياسي

سَنمُکَ منھنجا سُپرِين

آشيرواد

شري مھنت بابا شيوارام صاحب
بابا ھريرام صاحب اُداسين
ڀيلواڙا. (راجستان)

ليکڪ:

ڪمل ميوارام ڪيولراماڻي 'پياسي'
ڀڙوچ (گجرات)

سنمک منهنجا سپرين

(هري جيون ساهتيه - پستڪ نمبر ٢)

ليکڪ:

ڪمل ميوارام کيولراماڻي "پياسي"

فشريز ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف گجرات،

ڀڙوچ - ٣٩٢٠٠١

آشيرواد:

سري مهنت بابا شيوارام صاحب

بابا هريرام صاحب اداسين، ڀيلواڙا،

(راجستان)

سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ:

هاسارام جيسارام کيولراماڻي

هري شيوادام، ڀوپال گنج،

ڀيلواڙا (راجستان)

ڇاپو پهريون

سال ١٩٧٧

ڪاپيون: هڪ هزار

مُلهه: شرڌا ۽ آسيس

سهڪار ۽ سنيهه:

سوامي گنگارام بابا شيوارام صاحب، ڀيلواڙا.

سوامي آگيارام بابا شيوارام صاحب، ڀيلواڙا.

پروردگار، اپار، اگم، بي انت تون



سنت سرمور بابا هريرام صاحب اداسين

جنم :-
٢١ مانگهه ١٩٣٣

برهم لين :-
٢٩ چيٽ ٢٠٠٤

اُهو هيءُ ديوتا آهي - اُمنگ جنهن لاءِ چلائين ٿا،
وڏو آدر، جذبا پر، دلين ۾ ڪيس ڏيائين ٿا،
هيءُ پرميشور وڌاتا هو، هيءُ ماتا پيءُ پرانا هو،
هيءُ ڀڳوان خود ئي ڪرشن هو، ديالو دين داتا هو.

- ڪمل پياسي

سمرپڻ

گرديو

جي چرن ڪملن ۾

جي ڏي

'سنمک مهنجا سپرين'


ڪمل ڀاسي

ڏني نيڻ ڏرن- آڪر ڪجيبن جا

(باباڄن جا پوتر هٿ اکشر)

ڀاءِ جڳڪرشن ٺاڪر داس گور سهاڻي ڏانهن لکيل هڪ خط. پيار و چاڻ باباڄن ڪيس انب جو پٽ ڪري ڪو ٺيندا هئا.

੧ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ



ايڪو انڪار سٽگر پرساد

سري واهگروءِ جا پيارا پرميشور ٿوهان جا ڪم سنواريا. پيارا جڳڪشن خوشي آسيس ٺاروشاه مان سنت هريرام جي. اسان ڪدي ٿوهان گهڻو ياد آهيو انب سوڏا. ڀڳوان جي ديا سان ٿوهان جو وار ونگو نہ ٿيندو. وڏيڪ پرب ڪي سمرن ڪارج پوري سک آنند.

وشيه سوچي

راڄ ۾ راڄا - جوڳ ۾ جوڳي



سرومڻي سنت بابا شيوارام صاحب اُداسين

عاشق پاڪ الاھ جو آھين - تون ھر دئاري شيام،
رامچندر جي روپ ۾ راڻا - نانڪ جيان نشڪام،
گوتم ٻڌ جي ڀڳتي تو ۾ - عيسيٰ جو پيغام،
شرڌا ڪري سلام - سائين! ٻھڄي ٻاجھ ڪجان ء.

- ڪمل پياسي

Printers : Sunder Printing Press, Kaiserganj, Ajmer – 305001
Publishers: Shri H. J. Kewalramani, Hari Shewa Dham, Bhopal Ganj, Bhilwara (Raj.) – 311001

آشيرواد

اها سرهائيءَ جي ڳالهه آهي جو باباڻن جي پياري ٻالڪ ڪمل ميرواڻيءَ ڪيولراماڻي، جنهن سال اڳ باباڻن جي جيوني ڪو ليکا ۾ رچي "سُرڳ سڀاڳا سپرين" جي سري سان شايع ڪئي، تنهن وري اچي وڌ وڌائي باباڻن جي ڪٿن جو وستار انوکي ڍنگ سان "سمڪ مهڪا سپرين" ۾ لکي تيار ڪيو آهي. پيارو ڪمل ننڍي هوندي کان دربار صاحب ۾ ايندڙ هو. سندس صدق ۽ باباڻن جي پيار ڪيس باباڻن ڏانهن ڇڪيو آهي. انهن ٻرابر آهي ته باباڻن جو ڪارڻ باباڻن پاڪ هلائي رهيا آهن. هونئن پياري ڪمل کي نالم دان، گيان ڏيان، شان عان جي بخشيش پيا ڪن ۽ ڪندا رهندا جو اهي ڇهه ئي ڳالهيون هن جي هردي ۾ وسنديون رهنديون. آشا آهي ته پياري ڪمل جي هيءَ ڪمل عمت اڳي وانگر ترمين ۾ پسند پوندي ۽ ڪمل کي پنهنجي ڪارج ۾ سڦلتا ملندي. جهڙو نالو اٿس ڪمل تهڙا گل پيو ٽڙندو رهندو ۽ ليون رچيون رچي پريمين ۾ ورچيندو رهندو. اها آهي اسان جي آشيرواد پنهنجي پياري ٻالڪ ڪمل پاسيءَ لئي.

[illegible]

هري شيواڌام، پيلواڙا.

۵ مارچ ۱۹۷۷ (هولي).

سائين سار لهيج



بابا شيوارام صاحب

ڀاءُ چرنداس ٺاڪرداس
گور سهائي

ڀاءُ ڄڳڪرشن ٺاڪرداس
گور سهائي

سدائين اسان سان گڏ تون نڀائين،
اسين داس تنهنجا - تون داسن جو سائين.

- ڪمل پياسي

مهاڳ

لڳ ڀڳ ٽيهه سال اڳ، سنت هريرام صاحب برهم لين ٿيا پر اڄ به هو جيڪڏهن استول سرير ۾ نه، ته سوکشم اوستا ۾ سدائين اسان سان گڏ آهن.

مونکي نهايت خوشي ٿي آهي ته منهنجي پستڪ "سنتن جي چرنن ۾" ڇپائڻ کان پوءِ منهنجي پياري متر شري ڪمل پياسيءَ سنتن جي جيون جون گونا گون تصويرون نئين ڍنگ سان "سمڪ منهنجا سهڻان" جي سري سان واکاڻي ڇپيون آهن. پستڪ ۾ سندس اڻميت شرڌا اوتيل آهي. پستڪ ۾ سنتن کي هن اوچ پدويءَ تي ويهاري، عزت ۽ عقيدت جي ڀيٽا ڏني آهي.

حقيقت ۾ جهڙن جتان پالو آهي، تهڙن الان جائي گڻ ڳاتا آهن. مول ڳالهه آهي دل جي سچائيءَ ۽ صدق جي، جستجوءَ ۽ جهل جي.

سون جي زيور ۾ جڙجڻ جي لائق ڪڏهن هيري يا جواهر کي جيڪڏهن پتل يا ڪانچ ۾ جڙبو ته هيرو يا جواهر پارکو ته کپندو ڪين، باقي جڙيندڙ کي ته هرڪو ڏوهه ڏيندو. هت جواهر کي سون جي زيور ۾ پوريءَ ريت جڙيو ويو آهي. اهائي ته جواهريءَ جي خوبي آهي.

اڄ سنتن مهاتمائن جي جيون چرتر جو ڪهڙو به پستڪ اٿلائي ڏسو ته، ان ۾ سندن ڪيترن ڪرامتن ڏيکارڻ جو ورنن ڪيل پڙهجي ٿو. سچ ته اهو آهي ته مهاتمائون ۽ مهاپرش عشق ۽ ڪرامت جي سخت برخلاف هوندا آهن. هو ڪرامت کي "قهر جو گهر" ڪري سمجهندا آهن.

جڏهن طالب جي آس سنتن جي آسيس سان پوري ٿئي ٿي تڏهن هو ان کي ڪرامت ڪري ڳڻي ٿو. اها نہ ڄاڻي پرسند آهي تہ ڀڳوان ڀڳتن جي ڏوريءَ ۾ ٻڌو پيو آهي. مهاتمائن جي گرٻان ۾ مالڪ سدا لڪو پيو آهي. جيڪي ڀڳت ڪري سگهندو سو ڀڳوان ۾ ڪين ٿو ڪري سگهي. پر شرڌالوءَ کي گهرجي تہ هو آپو ٿئي، سنتن کي ٻڌي، ادب سان ٻيا تنهن جي آسيس جو طالب ٿي بيٺو رهي. تڏهن هن جي سڀ ڪاما پوري ٿينديون. انهيءَ کي ڪرامت ڪين چئجي مگر سنتن جي آسيس ۾ ڪرپا.

سنتن ۾ ڏوراهن جي جيون رهڻ سمجهڻ لاءِ روحڪ هردي ۾ روي نيڻن جي ضرورت آهي. هنن جا گڻ اسڪپ آهن. جڏهن مهش کي هنن جي گڻن جي پرک ڪرڻ ٿئي اچي اهو مهش انهن آهي جنهن ڪلراڻي زمين ۾ هر ڪيرائڻ.

پاڻ ڪمل جدا جدا وشين ۾ جيڪي پيهندا ۾ ٻين جي اندر جا اڌما، آسيسون ۾ ڪرپائون سنتن وٽان ملبل ورنن ڪيون آهن تن لاءِ جيڪر انهن چئجي تہ هن اچا سرار مان هڪ چراڻي ٻہ نہ پيئي آهي. سنتن جي جيون ۾ جيترو گهرو وڃڻ جي ڪوشش ڪجي اوترو ئي هنن جي جيون جون ڪڙين رنگ برنگي تصويرون چٽي سگهبيون.

سنت هتا عطائي، هنن ٻيا جاڻ پڻي ايشوري ذات واڪئي ڪئي. دليون گهائڻ، ردا رجائڻ ۾ اڪن چڪن ڪرڻ سندن سياڻپ ڪارڻ هئو. شرڌا مان جا پروڙ ۾ پرجهه انهن ٿئي ٿي تا جيڪي ذاتي جاڻ مان فهم ۾ ادراڪ پيدا ٿئي ٿو سوئي تہ انسان جي وشواس جو جهلو آهي.

پالڪ اوستا کان وٺي مان سنتن جي ولهو ايندو واس، مون سندن سنگ ۾ انهن پرکيو تہ جتي هوا ۾ سورج جو پ

ٺائي ٺاهي تيار ڪئي پر ان ۾ ورق ۽ گلاب جو پاڻي ڇڙڪايو آهي منهنجي دادا شري هاسارام. مان ته صرف نالي ۾ ليکڪ آهيان، سڄو ڪم دادا جو آهي.”

شري هاسارام هڪ عمدو ليکڪ آهي. سندس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ”شري مد ڀڳوت گيتا“ پوڄ سوامي ماڌو داس صاحب پرم پرڪاش آشرم اجمير جن جي رهبري هيٺ پرڪاش ٿيل، پڙهڻ وٽان آهي. انهيءَ پستڪ جا ڪيترا حوالا هن پستڪ ۾ ڏنا ويا آهن.

اميد ته هيءُ پستڪ پاٺڪن کي پسند پوندو ۽ ليکڪن جو لاڀ سڀاڳو ٿيندو. شال ستگرن جي آسيس ۽ ڪرپا هر هڪ تي ٿئي، اها آهي منهنجي آشا !!

۴ فبروري ۱۹۷۷

چرن داس ٺڪر داس گورسهائي

ڪرڻائون ٿي پهچي سگهيون اُتي سنتن وٽ ئي پرورش
ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن چوندا هئا:

”بابا، ڏينهن ٿورو، پنڌ گهڻو، ڊوڙڻو اٿئي ته ڊوڙ.“
انهن اکرن ۾ سمايل هئو زندگيءَ جو سمورو راز، جيڪو اڳيان
ان کي پوريءَ ريت پروڙي.

سنتن اُپديش ۾ ليکنا بلڪل اوچ ڪڙيءَ تي پهتل هئي.
سنتن واڻيءَ ۾ سمايل هئو ڌيرج، شانتي ۽ سيتلتا، استري
قدر جو گهڙو به بي قرار ۽ پريشان ٿيل منش سنتن سمک
وڃي سنتن وچن پڙهندو هئو ته انهن اکرن جي تاثير تان
هن کي جمعيت جڙندي هئي ۽ هن جي من جا مونجهه، پيٽ
جا پيچ، دل جا ڀانڊ ۽ جيءَ جا جهڳڙا غائب ٿي ويندا هئا
۽ هن جو اندر ٿڌي پاڻيءَ جيان ٺري ٺڪر ٿي پوندو هئو.

سنت هرنرام صاحب کي به چير ڪونه چاليا ۽ نه هن
ڏل ٽانگهيا. هو ته بلڪل هڪ سڌي ۽ هموار راهه تان هليا
پر هو پنهنجي پيڪيل من کي پاڻ لڳائڻ جي پنهه ڏسي، جان
۾ جنبش پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. هو آتم انتيءَ ۽ موکي
پائڻ جو سنديش ڏاڍيءَ عمديءَ عبارت ۽ ٻولي لکنديءَ
۾ ڏيندا هئا. سنتن سمک وهڪ مان سنتن ويراڳ، شانتي،
ڌيرج، سمدرشٽي، استرتا ۽ سرلتا جو فقط اندازو لڳائي
سگهجي ٿو ليڪن انهن جي لهڻ ٽاپين رسڻ عام انسان لاءِ
نهايت اوکو آهي.

هن پستڪ کي سهڻي ۽ سپڪ ٻوليءَ ۾ ڀارت لاءِ ڏهڻي
قدر لائق آهي پاءُ ڪمل پيياسيءَ جو بزرگ دادا شري
هاسارام جيسارام ڪيولراماڻي. پاءُ ڪمل پنهنجي خط ۾ لکي
ٿو ته:

”مونکي منائيءَ لاءِ وڪرمليو سنت سڳين وٽان. مون

ٻرين ڏون مَ ڇڏيج



ليکڪ بابا شيوارام صاحب جن جي چرن ڪمل ۾

تون باغن جي سرهاڻ - مان احمق ۽ اڻڄاڻ،
تون پرهه ڦٽي لالاڻ - مان پُتو مٽيءَ جو پاڻ،
تون پاڪي آءُ اُساڻ - تون ديپڪ مان هڪ لاٽ،
ڏس مولڪي ماهر وات - هت ڇوڙ ر مون لاءِ ٻاٽ.
جڏ سارلم تنهنجو سنگُ،
هيءَ اُڇلي ٻيهر اُمنگ.

- ڪمل پياسي

روشنيءَ جي هڪ لهر

جڳت ۾ جڏهن اونده انڌوڪار هوندو آهي ته هڪ تاري جي روشنيءَ جو سهارو به پانڌيئڙي لاءِ امولڪ آٿت ٿي پوندو آهي منزل تي پهچڻ لاءِ. تاري جي اها اديوت روشني، ٿي سگهي ٿو سندس پنهنجي اصل نه هجي ۽ چنڊ زمان جيان اها ڪنهن کان ورتل هجي پر اهڙي روشني ڪروڙن سالن تائين سفر ڪندي رهي ٿي. جيئن روشنيءَ جون لهرون سفر ڪنديون رهن ٿيون، تيئن خيالن جا وهڪرا به ڪنهن اهڙي من تائين پهچڻ کان اڳ، جنهن سان ملي لرزش ۾ اچن، سوين سال سفر ڪندا ٿا رهن. انهيءَ مان ممڪن آهي ته ڪي سٺا ۽ ڪي بُڇا خيال لهرن جي روپ ۾ جنبش ۾ اچن ٿا ۽ اهي ڪنهن جي دماغ ۽ جذبات ۾ گهڙي وڃن، انهيءَ لاءِ ڪافي ڪشمڪش ڪرڻي پوي ٿي. ان جو به دارومدار وايو منڊل تي آهي، جيڪو خيالن جي اندر گهڙڻ لاءِ لنگهه ٿو کولي. وايو منڊل جا برا خيال، پنهنجن سائي خيالن کي اپنائين ٿا، پر وايو منڊل جا ڀلا خيال، اندر گهڙي شر ڪرڻ ڪي زور وٺائين ٿا. برائي ڪرڻ سان اسين پاڻ سان گڏ ٻين کي به ڇيهو رسايون ٿا ۽ ڀلائي ڪرڻ سان اسين نه رڳو پنهنجو پر ٻين جو به ڀلو ڪريون ٿا. اهو ٿيو اسانجي ڪرم جو درشن. جيڪو ڪرم اسان ڪيو ان جو اسانکي ڦل مليو.

ٻن ڪرمن کان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟ اهو ٿيندو

ودوان ۽ گهائوان پرشن جي سنگ ۾ رهڻ سان. پلو ماڻهو آهي ڀڳوان جو روپ، جنهن لاءِ ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن جي اکرن ۾ انهن چئجي ته ”سندن نالو ٻڌڻ سان ئي نهال ٿي ٿو وڃجي. هيءُ اوچ آتمائون، جيڪي گرام پد ۽ ڪرائيسٽ انساني جاءِ ۾ اصليت جو پيغام ڏيڻ آيا“، هيءُ سلسلو جاري رهيو آد جڳاد کان، ڀڳوان ڪرشن کان گرو نانڪ تائين ۽ رفته رفته، هر ڌرم، هر فرقي ۽ ديش جي هر حصي ۾ اهڙا سنت پرش پنهنجو پاڻ پسائي، ڀڳوان جو درشن ڏيندا رهيا. باباجن به ان منزل تي اچي پهتا هئا، ۽ هن پستڪ جي اندر اهو ڏيکاري ڪيل آهي ته هو اوتار هئا؛ پر اسان انوقت پورو چٽيو ٿي ڪين. هو ان زماني جا روشنيءَ جي ننڍين لهر هئا ۽ سندن روشنيءَ جو ڪرڻو اڄا به هن جڳت ۾ موجود آهي.

سچي گروءَ جو سچو گڻ به اهو ئي ته آهي ته جنهن کي گرو ڪرڻ چاهجي، ان وٽ وڃي ويهجي ۽ پوءِ ڏسجي ته الي وڏيڪ ۽ وري ويهڻ تي دل ٿئي ٿي يا نه. هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪ ڪشش جي شڪتي آهي، هڪ قسم جي بجلي جيڪا ٻين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. لوگي جن جا سچا گرو پنهنجي لوڪ ساڌنا ۽ تپ ديا وار ان کي اچا به وڌيڪ ڪشش ڪندڙ بڻائي ڇڏيندا آهن. انهن جي وڌيڪ ويجهو ويندي، سندن اها شڪتي وڌيڪ اثر ڪندي آهي. سندن من چاهيندو آهي ته ان جي ويجهو ويٺو رهجي. سچي گروءَ جي ويجهو وهندي من ۾ هڪ عجيب قسم جي نشچنتا، عجيب ٻولڙا پيدا ٿيندي آهي.

’گرو ملا تب جانيئي، مٽي موهه سنتاپ،
هرش شوڪ ولاپي تهين، تو گرو اپني آپ.

آهن. اُن جي وانگر مندل ۾ پنهنجو پاڻ وسري ويندو آهي، نه ڪرڻ ۽ ڏندا وسري ويندا آهن ۽ پير ياد پوندو آهي هڪ يار، هڪ محبوب، جنهنجي رنگين تصوير تي سندس پريم شڪتيءَ جو پاور هائوس آهي، بجلي گهر آهي، جنهن مان اُنست ڪرڻا اُٿندا آهن ۽ شرڌالن جي اندر ۾ گهڙي ويندا آهن. باباڻن جي تصوير نه تن هانجي گهرن ۾ ئي هوندي، تن جي من اندر ۾ هوندي، پر هيءَ تصوير آهي جڻ ته جيون جوتي، قادر جي قرب ڪرڻ جو مرڪز.

هن پرڪريا ۾ اهڙا جيو ازغيبي طرح ايندا آهن، ازغيبي طرح رهندا آهن ۽ ازغيبي آسيسون ڏيندا آهن. اهي آسيسون اهڙن مهاپرشن جا چمتڪار، انهن لاءِ هر ندا آهن جي اُجا سيڪڙامت آهن، وشواس گهٽ ۽ سوُ نڄهه سوُ نڄهه گهٽجي اِٿن. وشواسي جگياسين لاءِ اهڙن سنتن جا چمتڪار سون جي ڪاٺ هوندا آهن. هو ان مان پائيندا آهن، پرائيندا آهن. هن پستڪ ۾ باباڻن جي جيونيءَ کان وڌ سندن ڳڻن جو وستار ڪيل آهي. اهي ڳڻ به پرماڻ پاڻ پڌرا ڪيا آهن. ڳڻن جو وستار اُجا به گهٽو هوندو پر سندن پيدار مان جو ڪجهه هٿ اچي چڪو آهي، ان جو ئي ورنن ڪيل آهي. ڪتاب جو مقصد آهي ته باباڻن جي ڳڻن جو وستار پڙهي ڪي شش شيوڪ باباڻن جا گڻ گراهڪ ٿي ڪجهه پرائي سگهن. لڏهن به هيءَ ڪيل ادم اُيا اڻپورو آهي. اڻ پورو انهيءَ ڪري جو جن جن ڪجهه احوال ڏنو آهي، اهو صرف ان عرصي سان لاڳو آهي جڏهن ٻه باباڻن هئا. ٻه باباڻن آهن، انهيءَ جو وستار گهٽو ڪين اچي سگهيو آهي. هو سچائي ۾ ساکيات آهن، اهڙو وڏيڪ وستار جي پيو به اچي ته پڪ اِتهه ته ان مان به پورو پورو ڪتاب تيار ٿي سگهندو.

گرو اهو جو ٻيڙا مان ٻچائي ۽ گرو مليو ته پوءِ ڏک ڇاجو ؟ گروءَ جو رهسيہ آهي مُڪتي حاصل ڪري مُڪتي بخشڻ . گرو آهي ايشور جو روپ . آهي جن پريوءَ کي پاتو آهي ، سي منش لاءِ ٻاٽ تي ٻريو ڏيو ٿيون . هنن وٽ پريوءَ جي روشنيءَ جي لهر هوندي آهي ، ان جي لڳڻ سان هو هر اوندهه ۾ روشني آڻڻ چاهيندا آهن . پريوءَ وٽان آنند اهڙا روشني جڳهه ۾ رهندي آهي ، انهن گروءَ جي ڏيهه موجود نه هوندي آهي . گروءَ جي ان آتمڪ روشنيءَ جي لهر کي محسوس ڪرڻ ۽ لکوارن ۽ پيدا ڪيل وائو منڊل ڏٺارن تي پائي ۽ پرکي سگهجو آهي .

لوهين پيلواڙي آستان تي اچو ٿا ، پيلواڙو عام طرح ته نه آهي هوا خوريءَ جو هنڌ ، نه آهي سمنڊ جي ڪناري تي ، نه وري ڦهاڙي شهر آهي . پيلواڙو ڪو الهاسڪ شهر به نه ڪين آهي . پيلواڙي ۾ ڪي اهڙا مشهور ڪارخانا ۽ ڪاروان به ڪين آهن جو هتي زندگي ڪارڻ اچجي ۽ لڌو هن به هر سال مهندا پائر ۽ مهنجون ماڻهون ۽ پيرون هت اچن ٿيون ، ڇو ته هتي جاڳرتي ڌام آهن . هت پيارن گرن جون سماڌيون آهن ، جتي هر سال ميلا لڳن ٿا ، سارنهدڙ ايندا آهن ، پڳتيون پونديون آهن . انهن سماڌين جي اندر روشنيءَ جي هڪ لهر اڪل آهي . روشنيءَ جي اها لهر سماڌين کان ٻاهر به آهي ، جتي جتي سنتن جي آسيس جو ڦل آهي ، اُتي هو آهن ، ان جو ثبوت آهن اسان جا پوڄيہ بابا شيوارام صاحب . هو آهن روپ انهيءَ راول جو ، ساڄن جو ، ٿرلتم جو . پيلواڙي ۾ اهو آهي مهان مقناطيسي مرڪز جو توهين هت اچو ٿا ، شرن پئو ٿا ۽ آسيسون وٺو ٿا . مان به هن در ٿي اهڙو آهيان . زندگيءَ جون اُهي گهڙيون مون لاءِ شُڀ گهڙيون هونديون

' than fiction ' ، يعني سچ من گهڙت ڳالهين کان عجيب آهي. سو انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هيءُ سچيون حڪايتون قصن جي ڪهاڻين کان به وڌيڪ حيرت انگيز لڳن. ٿي سگهي ٿو ته ڪي اهڙا سچ هجن جن کي هن ڪوڙڪن ۾ حير ڪو وشواس ٻڌهي ، انهن کي مان جيڪر ونتي ڪريان ته ٻجاءِ اَوشواس جي ، هو جي گهرو وڃي اها کوج ڪندا ته اهڙا ڪوڙڪ ڪيئن ممڪن ٿيا ۽ اوس سندن راءِ ۾ ڦيرو ايندو.

ڪتاب لکڻ کان اڳ ڪيترن ئي سڄڻن وٽان ڪيترائون ئي سندر صلاحون آيون. انهن سڀني جي گرهڻ ڪرڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي. دادا وقت به وقت پنهنجي همٿائو ، باباجن جي آشيرواد وٺي موڪليائون ۽ آشا ظاهر ڪيائون ته: " اُميد ته هيءُ پستڪ لکهڻجي جيون جو اول نمبر جو پستڪ ٿيندو." درٻار جي هڪ اهڙي اجهل ڏارا منهنجي دل ۽ دماغ ۾ اُٿي ڪڙي تي جو مان هڪ عجيب استٿيءَ هيٺ اچي هيءُ ڪتاب جيئن ئي پنهنجي پوڄيه پتا جن جي شراڌ ڏينهن (١٠ سيپٽمبر ١٩٧٦) ، جمر دالا جي آسپاس پاڻي ، لکڻ شروع ڪيم ته لڳاتار لکندو رهيس ۽ دسهري ڏينهن (٢ اڪٽوبر ١٩٧٦) لکي پورو ڪيم. ڪتاب لکندي مان قدم قدم تي محسوس ٿي ۽ باباجن کان پلو بخشائيندو بخشائيندو پي رهيس. مون لاءِ باباجن جي جيون هستيءَ جون ڪجهه نشانيون چٽيون آهن جي سندن عاليءَ شخصيت جي سگنت تيون ڦهلائين ۽ باقي سندن سيڙي گڻن جو نقش ڪا سولي ڳالهه ڪانه آهي. مان صرف اُنهن جي درٻار ۾ پيدا ٿيل چند لهرن کي ڇهڻي سگهيو آهيان. ڪنهن نامعلوم پهاڙ جي ڏرڻ چٽن هيٺان اڪل هيرو ، اگر ڪنهن جواهريءَ جي هٿ نه ٿو چڙهيو ته انهن ته ڪين چئبو ته اهو

باباجن آهن، اهڙو ثبوت پنهنجي ئي جيون ۾ گهڻا ڀيرا مليو اٿم. سال ١٩٥٥ ۾ منهنجي بدلي جڏهن وچراول کان راجڪوٽ ٿي ته مڪان ملڻ ۾ ڪافي تڪليف محسوس ڪيم، سرڪاري آرام گهر ۾ وڌ ۾ وڌ ١٥ ڏينهن رهڻ جي موڪل ملندي هئي. اهي ڏينهن اچي ١٥ ڏينهن به پورا ٿيڻا هئا. باباجن کي پڪار ڪيم. سپني ۾ درشن ڏنائين، آٿت ڏنائون ته مان اجايو وهلور نه وڃان. ٻئي ڏينهن صبوح سان هڪ آدمي آرام گهر ۾ منهنجي لاءِ پڇا ڪندو سڌو مون وٽ آيو ۽ مون کان سڌو سوال ڪيائين: "مڪان جي ضرورت توهان کي آهي نه؟" مان خوش ٿيو ٿيان، شام جو مڪان ڏسي، ٻئي ڏينهن ان مڪان ۾ رهڻ شروع ڪيم ۽ پورا ٻه سال ان مڪان ۾ رهيس.

سپني ۾ باباجن جو درشن هڪ ڏينهن نه پر ڪيترائي دفعا ٿيو اٿم. ڪڏهن هو مونکي پاڻي خرچي ڏيندا آهن، ڪڏهن مان هڪ ننڍڙي ٻالڪ جي روپ ۾ هنن سان کيليندو آهيان ۽ هو به مونکي لاڏ ڪوڏ سان نچائيندا ٽپائيندا رهندا آهن. باباجن آهن، ان جو ثبوت انهن کي به ملندو جي پيلواڙي ۾ آيا هوندا، بابا شيوارام جن سان پنهنجي تڪليفن جو ورنن ڪيو هوندائون. هو ڪين ائين ٿي چوندا: "باباجن جي تصوير ڏانهن نهار، باباجن جي تصوير اڳيان وجهي جل پيءُ، باباجن جي ڪٿ کي مٿو ٽيڪي وڃ، وغيره." هيءَ ثابت ٿو ڪري ته هو به باباجن کي هر دم ساڪيات روپ ۾ محسوس ڪن ٿا.

پسڪ اندر ڏنل وستار ڪي ڏنل ڪٿائون ڪين آهن. هيءَ سڀ حقيقتون آهن، ڏندن ۾ آڱريون ڏيڻ جهڙيون وارتائون آهن. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي Truth is strenger·

نت سائين توهان ساڻ



اڳيان ساڄي کان کاٻي - (۱) سوامي آگيارام (۲) بابا شيوارام صاحب
(۳) سوامي گنگارام.
پٺيان ساڄي کان کاٻي - (۱) شري هاسارام جيسارام کيولراماڻي
(۲) ڀائو جڳديش (۳) شري رامچند
پرمانند نوناڻي.

(پيلواڙا دربار صاحب)

ڪُهڙا سي چڙهيا، اُٺين اُٺئي،
مُئي مٿي مهراڻ ۾، ٻـوَ نيو ڏئي،
نه ميهار مليئي، سيئُ رو سٽياه سين.

- شاهه

هيرو ٿي ڪين آهي. ٻاٻاڻن جي هن ڳڻن جو وستار ٻاٻاڻن جي سمپرڪ ۾ آيل شيوڪن ۽ ششن ۾ ته ڇا پر ساري ڀارت جي جنتا ۾ سندن لاءِ سڪ ۽ شرڌا جو درياهه جاري ڪري ڇڏيندو ۽ اهائي هن ڪتاب جي ڀها آهي.

انت ۾ مان لهدل شڪرگذار آهيان شري چرنداس ٺاڪرداس گورسهاڻيءَ جو جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڏيئي هن پستڪ جو مهاڳ لکڻ قبول ڪيو. در حقيقت هن صاحب ٿي اڳ ۾ هري جيون ساهتيه جو پاڙو وجهي هڪ عمدي عمارت کڙي ڪئي هئي ۽ مهنجي ڪوشش ته ان عمارت ۾ هڪ اڏ ماڙي اڏڻ جي برابر آهي. مهاڳ ۾ پستڪ جي پسندگي ظاهر ڪري، جو منهن جي همت افزائي ڪئي اٿس تنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان.

جن جن ڀائرن هن ڪتاب لاءِ ڀاڱ ومت ڪئو ڪيل مصالحو موڪليو آهي تن جا پڻ مان شڪرانا مڃان ٿو. خاص طرح ڀاءُ ڏارومل پوهومل ڪٽر، ڀاءُ ڪشن ديارام واڌواڻي ۽ ڀاءُ وشن گرمکداس نولاڻي. ته تڪليف وٺي ڳهڻوئي مال ميسر ڪري ڏنو پر پستڪ جي سائيز جو لحاظ رکندي سموري وڪر جو اپيوڳ ڪري نه سگهيو آهيان جنهن لاءِ اُميد ته هوُ معاف ڪندا.

سنتن جي مهما لکڻ سان چون ٿا ته انتهڪرڻ شڌ ۽ ايڪاگر ٿئي ٿو. جن مهاپرشن پنهنجي جيون پرڀوءَ کي ارپي ڏني، جن جيون جو هڪ دم ان دالار جي ياد ۾ گذاريو، جن جي جيون جو آڌار هو هري ڪيرتن ۽ هري ڌيان، ان جي وچنن ويچارڻ ۽ صفتن ڳائڻ سان پرماتما لاءِ پيار جاڳي ٿو. اهڙن پيارن ۾ هوُ اسان جو مدار مهروان هري دالا، ٻاٻا هرنرام صاحب.

ڀروچ (گجرات)
٢٤ جنوري ١٩٧٧

ڪمل - پياسي.

ٻه اکر

پڙهندڙن کي ياد هوندو ته گذريل سال جڏهن باباڻن جي جنم دن تي 'سَت سڀاجها سپرن' ڪتاب پڌرو ڪيو ويو ته پڙهندڙن آشا ڪيل هئي ته ساڳيو پستڪ ديوناگري لپيءَ ۾ نئين ٽهيءَ لاءِ ڪڍيو ويندو ۽ ٻيو پستڪ باباڻن جي الوڪڪ وارتائن ۽ گهٽنائن جو تيار ڪري پڙهندڙن اڳيان ، ڪيو ويندو. هري جيون ساهتيه کي انهيءَ آشا جي پورتا تي خوشي آهي. 'سَت سڀاجها سپرن' ديوناگري لپيءَ ۾ هن سال ٢٣ مانگهه برابر ١١ فيبروري، باباڻن جي شبھ جنم ڏينهن تي شايع ڪيو ويو ۽ ٻيو پستڪ 'سمرٿ منهنجا سپرن' پڙهندڙن جي اڳيان آهي. ستسنگين وٽان باباڻن جون اتل الوڪڪ وارتائون جڏهن سنگرهه ڪري مون پياري ڪمل کي موڪليون تڏهن مون سمجهو ٿي ته هو پنهنجي ايشوري ذات جي آڌار تي هڪ سندر پستڪ ڪهاڻين جي روپ ۾ رچي تيار ڪندو. منهنجي عجب جي حد نه رهي جڏهن هن مونکي گهڻي محنت ۽ جفاڪشي ڪري، ڪئين گرنٿ اٿلائي هڪ اهڙو پستڪ تيار ڪري موڪليو جنهن کي گيان جو ڀنڊار چئجي ته به ٺهي اچي. جيئن شري چرنداس پنهنجي مهاڳ ۾ چيو آهي، هڪ هوشيار جواهريءَ جيان، ونس آتل هيرا موتي. انهن وٺي سون ۾ جڙيا اٿس جو پستڪ هڪ رنگ برنگي امولڪ ڳهڻو ٺهي پيو آهي.

ننڍي هوندي کان پياري ڪمل کي لکڻ جو شوق پئي رهيو آهي ۽ سنگرن جي مٿس ايڏي مهر آهي جو سندس قلم نثر خواهه نظم ۾ ساڳي سولائي ۽ سونهائي سان هلي ٿو

تون پارس - مان لوھ



سَت سري بابا هريرام صاحب اداسين پريا نواسي

ڳاڪاري ڳُرَ رَبَ ڏٺي ! جيئن اُٻَ ۾ آ اِلب لٺ،
پيوس جو رَس ڏيندي آهي، هيءُ وچتر لهڪجي لٺ.

- ڪمل پياسي

سکي. سنڌس لکڻيءَ ۾ ودوان وڏي گهرائي ۽ آهي
شاعر واري اُڏام بہ. اهو سنڌس نرماڻپڻو آهي جو پستڪ جي
لياقت جو ٿلاهي مونکي ٻڌايو اٿس. حقيقت ۾ وچار ڌار
سموري سنڌس آهي ۽ مضمون پڻ. مون تہ ڀڄڀجي اوس
جي اپڙ انوسار، ڪر اکر ڪٿي ڪو ڪٿي ڦيرايو ڏيکاري
آهي، نہ تہ تہ پستڪ جنهن روپ ۾ آهي انهن لاءِ پياري
ڪمل ئي داد لهڻو. آشا اٿم تہ پڙهندڙ پائر پستڪ جو پور
لاڀ وٺندا.

هن ڪارڻ ۾ بابا شيوارام صاحب جن ڪرپا ڪري جا
آشيرواد ڏني ۽ سنڌن مانور چيلن سوامي گنگارام ۽ سوامي
آگيارام جو سهڪار ڏنو، تنهن لاءِ ڪهڙن اکرن ۾ مان سنڌن
ٿورا مڃان! شل سنڌن مهر جي نظر رهندي اچي.

جن پڙهندڙن گپت نموني ۾ ڏن جي سيوا ڪري ڪارڻ
کي سڦلو بڻايو، تن جا جيترا بہ شڪرانا مڃان اوترا ٿورا آهن.
ستگرو باباجن سنڌن ڪمائيءَ ۾ برڪت وجهندا جو اڃا بہ
سيوا ڪندا رهندا.

پڇاڙيءَ ۾ مان گهڻو شڪرگذار آهيان، ڀاءُ ڪنيالعل ڪرنا،
سنڌ پرنٽنگ پريس، اجمير جو، جو گهڻي چاهه سان هري
جيون ساهتيہ جي ڇپائيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ وقتائتي
نموني ۾ وقت سر پستڪ تيار ڪرائي پيش ڏني ۽ اميد اٿم
تہ ڏيندو ئي رهندو.

هري شيواڏام،
ڀوپال گنج، ڀيلواڙا،
هاسو جيسارام ڪهولراماڻي
٥-٢-١٩٧٧.

ڀڳتي ۽ ڳيان

هم ڪيا ڳڻ تيري وڏڙهه سوامي

ٿون اپر اپارو، رام راجي

هن قلم کي ڪهڙي طاقت جو بابا جن جي ڳڻن جو پورو پورو وستار ڪري سگهي. اهو ٿيندو ڪيهن سمنڊ کي ٿلاءُ جي حدن اندر ماپڻ جي ڪوشش سمان. پنهنجي الپ بڌيءَ آهر باباڻن جي ان ڳڻ سان شروعات ڪجي ٿي جنهن جي پرتاپ سان هو رڌن سڌن جا مالڪ بڻيا، ڏيهه هوندي وديهي ٿي، سو ڪيمنا جو وِلس ڀري ڪٽي جو ڪٽي وڃي رسندا هئا، سنسار ۾ رهندي ڪنول گل جيان نرليپ رهيا، ڪيترن ڏکين لاءِ ڏک نورت ٿيا ۽ سوين سادڪن جا روحاني رهبر ٿي رهيا.

بابا هرنرام صاحب جن اچا ۹ ورهين جا ٻالڪ هئا جو سندن پتا ڀائي ٽيوارام صاحب کين سندن گرو بابا ڪرپارام صاحب پرلواسي جن جي حوالي ڪيو. پتا جن جي پريم جي ڇڪ ٻالڪ او سنا ۾ کين هڪ ڏفعو گروءَ جي آڳيا ٻيا ۽ ٻ ڏفعا آڳيا سان پنهنجو ٻهڻ وڃي سندن درشن ڪرڻ لاءِ لاچار ڪيو پر سندن پتا جو اوچ ڪوني جو گرهست ۾ ونراڳي هو تنهن بلڪل نرموهه ٿي ٻالڪ کي سمجهايو ته هاڻي پنهنجي جنم جي مالا پتا ڪي وساري سارو ڌيان پنهنجي گروءَ ۾ لڳائي جي ني سندن لاءِ سڀ ڪجهه هئا. اهڙي سمجهه پرائي بابا هرنرام صاحب جن وري پنهنجي گهوٽ پنهنجو ٻهڻ

ڀڳتي حاصل ڪرڻ لاءِ جي مکيه ۵ ڏاڪا بابا جن جي جيون سان واسطو رکن ٿا، سي هئا: (۱) آراڌنا (۲) ساڌنا (۳) اُپاسنا (۴) وشواس ۽ (۵) سماڌي. اهي ئي سڀني لاءِ پريم ڀڳتي ۽ آتم گيان جا مضبوط ڏاڪا هئا.

(۱) آراڌنا

آراڌنا آهي ڀڳتي ۽ ڀڳتيءَ ۾ سمايل هوندي آهي ڀاونا. ڀڳتي، جڳتيءَ ۽ مڪتيءَ جي پاڙ آهي. ڀڳتيءَ لئي ئي ڀاڳ بدل آهي. ڀڳتي نصيب ٿي اُن کي ئي ٿئي جنهن لئي پريوءَ جي آسيس آهي. شاهه صاحب جي اکرن ۾:

لِسن تسبيح، من مڻيو، دل دنبورو جن
لِڏون جي طلب جون، وحدت سر وڄن
وحده لاشريڪ له، اهو راڳ رڳن
سي سُتائي جاڳن، ننڊ عبادت ان جي.

سمرڻ سان ئي ڀڳت پنهنجو آپو وڃائي، پراپتيءَ جو پد پائي ٿو. اها پراپتي آهي مڪتي ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ۽ اهنڪار جي وڪارن کان. پراپتيءَ کانپوءِ اهو پيارو درويش ٻڌجي ٿو پوي، جنهن جي دل لئي پريوءَ جي آسيس جو ورس پهريل ٿو لڳي. پريو آهي دالسار ۽ ڀڳت سندس لاءِ لاچار. منش موهه کان مڪتي پائي درجي بدرجي طالب جي سرشٽيءَ ۾ پارڻ سمائيندو ٿو وڃي. هو سنتن فقيرن جي صحبت ڪندو ڪري، سنت اُپديش ڪنا ڪيرلن ڪندو ٻڌي ۽ ٻڌائي. ۽ اهين آتمڪ روح رهاڻ ڪندڙن وچ ٿو ڀڳتيءَ جي رنگ ۾ رڱبو. اهڙن درويشن مان هو منهنجو گرديو، منهنجو مالڪ، منهنجو ستگورو بابا هرارام صاحب، جنهن سمرڻ سان اهين دل لائي جئن مڇلي لڳائي پاڻيءَ سان ۽ اهو عبادت جو سندس پهريون قدم هو اوجاڳو. انهيءَ رنگ

جو نالو ٻه نه ورتو ۽ ماتا پتا جي موهه کي ڇهه لاءِ لڳاتار
ڪري ڀڄن شردا ۽ اٽل وشواس سان ستگرن جي سيوا ۾
لڳي ويا. بابا گرهارام جن ٻه پورڻ گرو هئا ۽ بابا جن جي
سالوڪ ورتي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ کين آتمڪ گيان ڏيئي
اڏي چڙهايون. ستگرن جي اننيه ڀڳتي ۽ سدن لاءِ آئي پرام
ٿي بابا جن کي پرماتما جي پراپتي ۾ سڦلتا ڏني.

ڀڳتي ڪرم کان به اوچ آهي. يوگ کان به مهان آهي.
ڇو جو اهي ڪنهن خاص مقصد جي پراپتي لاءِ آهن پر ڀڳتي
پنهنجو ڦل پاڻ آهي. وسيلو به پاڻ ئي مقصد به پاڻ. سوامي
وويڪانند جي راءِ موجب ڀڳتيءَ ۾ هڪڙو وڏو لاڀ اهو
آهي جو اسانجي اڳيان جيڪو مهان آتمڪ آدرش آهي انکي
پراپت ڪرڻ لاءِ هي سولو ۽ سڀاوڪ اپاءُ آهي.

گيتا جي اڌياءَ اٺين سلوڪ ٢٢ ۾ ڀڳوان ڪرشن صاف
چيو آهي: "هي ارجن! جنهن ۾ سڀ جيو قائم آهن، جنهن
سان هيءُ سارو جڳت پرپورڻ آهي، اهو پرم پرش اننيه
ڀڳتيءَ سان پائي سگهجي ٿو."

اننيه ڀڳتيءَ سان اهڙي جڳتي پيدا ٿئي ٿي جنهن لاءِ
شري شنڪر آچاريه به چوي ٿو ته ڀلي ڪو منش راجا جو
ڀڳت هجي، پنهنجي گروهه جو پوڄاري بڻجي يا ڪا استري
پنهنجي پتيءَ جي ڌيان ۾ ٿي مگن رهي، اهو پڻ آنٺي پهر
ان مالڪ مهروان جي ڌيان ڪرڻ برابر آهي. جڏهن ايشور
سان اهڙي قسم جي لنؤ انسان کي لڳي ٿي، تڏهن هن جا
سڀ بندن ڪٽجي ٿا وڃن. اهڙي قسم جي لڳاتار ڀڳتي
مڪتيءَ جو وسيلو آهي، اهو ئي آهي هڪ وسيلو سمرڻ
ڪرڻ جو. اهڙو سمرڻ ڪرڻ آهي جڻڪ ايشور جو درشن
ڪرڻ.

شڪتيءَ جو گهرڻ ڪري اوڪ ڪلياڻ ۾ ئي وڏو آنند پائيندا هئا. هن ۾ مٺيا هئي، ڇو ته آراڌنا ڌارڻ هن هڪ مهان آدرش جهڙي ورتو هو ۽ ان آدرش جو ڀرپور مارگ هو پريم جنهن لاءِ خود نارد مني چوي ٿو: ”پريتي آهي ايشور لاءِ گهري پريت“، جنهن پريم ڌارڻ دنيوي خواهشون ترڪ ٿي ٿيون وڃن ۽ لڳو وڃي ٿي لڳي هڪ ئي لالڻ سان. هڪ دفعو خواهشون ترڪ ٿيون ته ڪرم اوچ ٿي ويندو. آراڌنا ان لاءِ هڪ آڌار آهي. آراڌنا ڪندي ڪندي چت ۾ ”ڌارڻا“ پيدا ٿيندي ۽ ڌارڻا آهي چت کي استر ڪرڻ جو هٿيار. ڌارڻا جي سڌ ٿيڻ سان ساڌڪ پنهنجي اندر ئي اندر انهد شبد، عجيب سپرش، ديد، روپ، رس ۽ سڳنڌ آدڪن جو انڀو ڪرڻ لڳندو آهي. جنهن ڪانپوءِ من ٻاهرين وشين ڀوڳن ڏانهن ڊوڙڻ ڇڏي سهج ئي اندر استٿت ٿيڻ لڳندو آهي.

وڃ وهاڻ ڪاڻ، لون ڇو وڃي ٻئي هَٽ
هيرا ماڻڪ اڻ ملهيا، اٿي وڃ مڙهو ئي وَٽ
جنهن ۾ نشو نيڻهن جو، سا ڪا پوئي ئي پَٽ
اها محبت مورنه مٽ، توکي سڪ سان ٿيندو سوجهرو

ڌارڻا جي سڌ ٿيڻ سان ساڌڪ اهو محسوس ٿو ڪري ته جو برهمانڊ ۾ آهي، اهو من ۾ به آهي ۽ پنڊ جو لهي اهو پائي. ٻاٻا جن ان برهمانڊ کي پاتو، انهيءَ ڪري نه وشيه ڀوڳ کان دور رهي سگهيا، زبان جي چشڪي کي هن ترڪ ڪيو، پهراڻ، آچار ۽ وهنوار ۾ سادا ۽ شڌ رهيا.

ويدانت جي اصول موجب ڌارڻا شڪتيءَ جي ٻل سان مدش پاڻکي سروگڻ، سمپن، پرڀاو شالي بڻائي سگهي ٿو ۽ اهين ڌارڻا شڪتيءَ ڌارڻ ٿي ته برهمچاري، برهمچريه جا

۾ رچندي ھن محبوب درويش جي اھڙي حالت ڏي جھ

عاشق الاھ جي، سدا واڻي وات
انڪان ڪانھ سانت، سڄڻ ولھ نہ وسري.

سدائين باباجن آڏاڻا ۾ رتا رھن. زبان سان ذڪر پر ٻرميشور جو ۽ دل ۾ بہ ان جوئي فڪر. چون ائين: "ڪر ڪراوڻ ھار سوامي." جو نہ ڀلجي ۽ سمرڻ معنيٰ سڪ ۽ سوز سدائين خيالن ۾ گم ٿي خيال ڪمائين ۽ ائين ئي خود خيال ۾ گم ٿي وڃن. ڪبير ان بابت چيو آھي:

سمرن سي من لائيءِ جئسي پاڻي مين
پران تجي ڇن ٻيڙي سنت ڪبير ڪھ داس

چو نہ -

"ڪبير گرڪي ڀڳتي بن، ڌرڳ جيون سنسار."

ڀڳتيءَ بنا ھيءُ جيون، جيون ئي ڪين آھي. اھا ڀڳتي گروءَ جي ۽ اوائلي گرو آھي پرماتما جنھن سان آتما سمائي پيئي آھي. ساميءَ جي اکرن ۾:

ستگر پرک سڄاڻ، رکيو ھٿ مٿي لسي
مٿي ولئي من مون، سامي ڪنچالاڻ
وسيو ميدگھ مھر جو پريا نيڻھن نياڻ
اچي بينا پاڻ، سمک منھنجي سپرا سن

اھڙيءَ طرح شش ڀڳتيءَ ۾ پر جي سب ڪجھ پنھنجي گروءَ کي ارپي ٿو ڏئي ۽ ائين ڪندي شش گرمک ٿو ٿئي ۽ گرمک اھو جنھنجو مک آھي گروءَ ڏي ۽ اھائي آھي آڏاڻا جي عجيب شڪتي ۽ اچرج پرلو رنگ، جنھن جا آخرين ساڌن عرف بہ ٿا رھن: نام سمرن ۽ گرو شيوا. اھي ٻئي خاصيتون ھر ڪنھن باباجن جي جيون ۾ ڏنيون ۽ پرکيون. ھر وقت ھو ھردي سجاڳ ھوندا ھئا. سانت ۾ اندر جي

هڪ ڳجهو خزانو آهي، جنهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ جتي ستي ٻاهرئين خزاني کان مهان سمجهڻ لڳا. جنن لعل جي ڏارا سوکيم کان سوکيم ٿيڻ لي ٻه وڇمان نه ٿيندي آهي، ليڪن چت جي ورتيءَ جي پرواهه، ايشور جي سوکيم کان سوکيم سروپ مان نه هٽي، ان جو نالو ڌيان يوگ آهي. انسان جنهن وقت ٻئي جهڙو ڌيان ڪري ٿو، ڪيس اهڙو ئي ڦل ملي ٿو.

اندرين کي پوڄ پدارٿن ڏانهن ڀٽڪڻ کان روڪڻ، انهن کي ظابطي هيٺ رکڻ ۽ پنهنجي ڌرم الوسار هلائڻ ڌرم جو مول سادن آهي. هيءَ آهي من کي حرص حواس کان دور رکڻ جي سادنا. ايڪاگرتا دٺاران، آتما کي جا برهم کي پائڻ جي اٿاهه شڪتي آهي، حرص حواس لي ظابطو پائي هر وقت اندر ۾ ايشور جي ڌيان ۾ مگن رهي ٿي ۽ آخر ۾ اهڙي ڪنن سادنا اصليت کي پراپت ڪري ٿي ۽ ان کانپوءِ من ۽ اندرين اندر پوترتا پنهنجو پرڀاءُ ٿي ڏيکاري.

پوترتائي هڪ مکيه سادن آهي، جنهن لاءِ ڀڳتيءَ جو بنياد بدل آهي. ڀڳتي آهي چتاءڻ جنهن سان گيان ۽ وئراڳ گڏيل پيا آهن. ڀڳتي نالو آهي ڀروسي جو. اهڙو ڀروسو پيدا ٿئي ٿو ايڪاگرتا مان. جت ايڪاگر ٿيو، مٿس پرميشور ٿيو پوي. گروءَ دٺاران ئي اهڙي گت ملي ٿي. گرو ابياس ۽ وئراڳ جي دڳ لائي ٿو. سادنا دٺاران چاهه کان مڪتي حاصل ڪري سگهجي ٿي، شدتا پراپت ٿئي ٿي ۽ وڪار مٽجن ٿا، جنهن جو ورنن مهرشي دياننده "رگ ويد آدي ڀاشيه ڀومڪا" ۾ هن ريت ڪيو آهي: "جيڪي ڌرمي لڪا، سچ جي راهه لي هلن ٿا، جيڪي ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ۽ اهنڪار کان پري اهن، ان کان مٿي ٿي ڪرم ڪندا آهن، جيڪي دشمن جو به ڀلو چاهيندا آهن، شڀ ڪرم ڪري

نيم پالي ٿو سگهي ۽ درويش ۽ سنياسي ٻئي ڌارڻا شڪتيءَ ڪانسواءِ ڪوڪو ٿو رهي. اها ڌارڻا آهي ڀڳتي يوگ، جنهنکي بابا جن پالو ۽ ڌارڻا ڌاران هنن ۾ آتمڪ ٻل وڌيو ۽ هو مهان ٻڻيا.

ڌارڻا ۽ ڌيان ۾ ڪو فرق ڪونهي. ڌيان لاءِ هن لکيو جڏهن گيان هوندو ۽ گيان ۽ ڀڳتي آهن ۽ ٻنهي جي آتما کي اوچ منزل تي وٺي هلي سگهن ٿا. بابا جن اهي ٻئي ٻرَ پراپت ڪيا هئا. پهرين ڌارڻا سان، ڌيان سان، آراڌنا سان، يوگ سان، هنن زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي سمجهيو، هنن ۾ سمر درشٽي هئي، اداولسا هئي، نسرپتتا هئي، هنن ۾ ٻرهم شڪتي ۽ انتر درشٽي هئي؛ هنن ڏٺو ۽ ڏيندا رهيا، هنن دوکين جا ڏکه دور ڪيا؛ آس وندن جون آشائون پوريون ڪيون؛ ۽ اهي ۾ هڪ سچا سنياسيءَ جا لڇڻ آهن، هڪ دلبر درويش جون وصفون آهن، هڪ گيانوان يوگيءَ جا ڳڻ آهن. بابا جن هڪ اهڙي اوچ منزل تي پهچي چڪا هئا جتي سولي ۽ سچائيءَ ۾ مڪتي حاصل ٿي سگهندي آهي. اها هڪ اهڙي ڀڳتي آهي جنهن کي رشي يوج ”پرٽيڌان“ چوي ٿو. ڀڳوان وياس مني ”پرٽيڌان“ جي وياکيا هن ريت ڏنيتو: ”پرٽيڌان انهيءَ قسم جي ڀڳتي آهي، جنهن ڌاران يوگيءَ تي پرماتما جي مهر ٿئي ٿي ۽ سندس سڀ آشائون پوريون ٿيون ٿيون.“ ڀڳت پرهلاد جي ڀڳتي ان گهري پرانتي ڀڳتيءَ جو مثال آهي.

(٢) ساڌنا

آراڌنا ڪندي ساڌڪ ٻا شش هڪ اهڙي ڏاڪي تي پهچي ٿو وڃي جنهن کي چئجي ساڌنا. ساڌنا مان وئراڳ ورتيءَ جي سگهه اچي ٿي. ساڌنا آهي ”ڌيان يوگ“، جو

گرو نانڪ ديو جن واري نام خماري نشي ۾ مست رهندا هئا.
"نام خماري نانڪا، چڙهي رهي دن رات"، گرونانڪ
ان نشي جو انهن پرچار ڪيو. ان نشي جو آنند ٻين کي
ونڊڻ لاءِ ڪيترن ئي سنتن، مهاتمائن، ڀڳتن ڪيا، پر
اهو امرت پيالو نشو به ملي ٿو اُنهوي ڀا رشي منڊلن سان،
درويش منڊلن سان.

ساڌنا سان وري پرارٿنا انهن جڙيل آهي جيئن گاڏيءَ جا
ٻه ڦيٿا. ساڌنا آڻي ٿي شانتيءَ ۽ گمڀيرتا ۽ پرارٿنا آواز شڪتي
ڏاتار اندر درشٽيءَ کي اڀڪار ڪري ٿي. پرارٿنا آهي
راڄ ٻوڪ جو راز جنهن ۾ ڏاتار پڻ لڪل آهي. ڏاترڻا ٻعدلي
ذڙتو مارڻ، هڪ هند هيال ٻچائڻ، من کي هڪ ٽڪو
ڪري پنهنجي وس ۾ رکڻ. ٻاڪ ۽ پوڄا ڏاتار ئي ڏيان
ٻرايت ٿو ٿئي ۽ جتي ساڌنا جو انت ٿو اچي، اُتان ڏيان
شروع ٿو ٿئي. اهي هئا ساڌن جي ٻاٻا جن پنهنجي جيون ۾
ڪتب آندا، گهوريءَ راهت اپنايا. گروواڻيءَ جو اُچارڻ خاص
ڪري سکمني صاحب جو پاٺ لت نيم سان پڙهڻ سندن
پرارٿنا واري وريءَ جو هڪ لکش هو. جهڙي طرح اسين
پنهنجي مترن عزيزن ۽ پيارن سان چٺين خطن ذوارن خيالن
جي ڏي وٺ ڪندا آهيون، وقت جي ڪوتاهي هوندي
آهي ته تار ۽ ٽيليڪس جو سهارو وٺندا آهيون ۽ اها ٻه جلدبازي
جي حالت ۾ ٽيليفون ذريعي ڳالهائيندا آهيون، پرارٿنا ٻه
اهڙي طرح هڪ ٽيليفون آهي جنهن وسيلي پرماتما سان
ڳالهائي ٿو سگهجي. البت اگر ڪنهن کي به پرماتما سان ڳالهائڻو
آهي ته هو پاڻ کي ايڪاگرتا ۾ لين رکي، ٻاهران ٻڌڻ کان
پاڻ کي مڪت ڪري، ان ڪانپوءِ ئي ٻريوءَ جي ٽيليفون جي
گهنٽي ٿي وڄي ۽ ٻريو پاڻ فون جو رسيور کڻڻ لاءِ ڊوڙي

برهم جو درشن پائڻ لاءِ، اُهي ديوتا آهن." اسانجي بابا جن
بہ ان پد کي پاتو هو، سچ کي پرکيو هو ۽ ائين ڪندي هو
ڪنن ساڌنائن مان پسار ٿيا هئا ۽ انهيءَ ڪري ٿي هو، جن
ڪين سڀالو، انهن لاءِ پريو هئا، ديوتا هئا، سنگرو هئا ۽ چو
بہ هن ديوتائن جي گڻن کي پاتو هو.

ديوتائن جي گڻن کي پائڻ ٿيو "دئوي سمپدا" جي
ڏهن نيمن جي پالنا ڪرڻ جي هيٺين موجب چيا ويا آهن:

١. اهنسا - ڪنهن کي ڏک نہ ڏيڻ
٢. ستيہ - سچ جو ورتاءُ ڪرڻ
٣. استيہ - لوڀ جي وس ۾ نہ اچڻ
٤. برهمچرج - ڪام ترشنا جو تياڳ ڪري، برهم ۾ آچرڻ ڪرڻ
٥. اپري گره - لالسا ڇڏي آهار ۽ وهار ۾ سنجيدگيءَ جو ابياس
٦. شؤچ - من ۽ تن جي پوترتائي
٧. سنتوش - هر حالت ۾ سنتوشي ٿي رهڻ
٨. تپ - هر ڪنهن شوڪ ۾ سمان چت هئڻ
٩. سواڌياءِ - ست پرشن جو سنگ ڪرڻ
١٠. ايشور پرڻيڌان - ايشور جي چرنن ۾ سمرپڻ.

انهن ڏهن گڻن جي گرهڻ بابا جن پنهنجي جيون ۾ پليءَ پائت ڪيو هو. بابا جن ائين مهارشي هئا، سوامي هئا، ديوتا هئا، برهم داتا هئا. سادنا سان ٿي هو انهيءَ پد کي پهتا هئا. اهڙي سادنا ڪرڻ واري يوگيءَ جي من جي استٿي اهڙي ٿي ٿئي، جتي سدائين هن جي لاءِ اتاهه ڪتا جو نشو چڙهيل رهي ٿو. ان نام خماري نشي واري سماڌيءَ ۾ مون هندرابن جي سوامي شوانند کي پنهنجي گهر ۾ ڏٺو. بابا جن بہ هروقت

۽ پنهنجي آسڻ واري کٽ جي نزديڪ وهاري، مٿي تي پيار جو هٿ ڦيرو ۽ آکيائون: "پٽ، تو ڪڏهن منگالو ڏٺو آهي، جنهن ۾ ڪوئلا جلائي، سرءُ کي سياري جي مند ۾ گرم ڪبو آهي". مون هٿ ٻڌي چيو: "هائو سائين." پوءِ چيائون: "پٽ،

جيوت ڪر اهو ورت، جو جوت پريوءَ جي وسي تنهنجي هردي،
ارپڻ ڪر سيڪي تن کي، جي وسن تنهنجي هردي،
پوڄن ڪاڻ، آرتي ڪر، تن لاءِ جي وسن تنهنجي هردي،
ڪاڻ پيءُ، سڀ ڪم ڪر، پر دور نه ٿيءُ انهن کان جي وسن تنهنجي هردي.

مون بابا جن کي وينتي ڪري سمڌن وارتا جو ڪليل ساو پڇيو، تڏهن چيائون: "پٽ، منگالي کي وچ ۾ رکي، پاڻ کي ان کان دور ڪجي ته آگ جو اثر سرءُ تي جان تان گهٽ ٿيندو، پر جيترو ان جي ولجهو وجبو ته اتي ۾ ڏکنڊڙ شرءُ کي وڌيڪ تابش ڏيئي سرءُ کي سؤڪو رکي سگهبو. تهڙيءَ طرح مسافر کي به هن دنيا ۾ ائين جهاڳڻو آهي، جئن سدس مستڪ تي سدس سنگوروءَ جسو هٿ سدائين ڦرائل رهي. پورن وشواس سان مهن ڪري مٿي، نهار خاوند ڏي ۽ گهر ڪانئس آلما بخشيش، جنهن مان سڀ تنهنجا اپراڌ ٿين معاف. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن پرم پورو ڪ اندر ۾ آس رکي پورن وشواس ڌاري، سائينءَ جي اوڏو ٿي وهندين. پٽ،

هالڪ ڪري ڪيترا پاپ، ته به مالڪ کي پيارو
پاپي ڪري ڪيترا پاپ، ته به پريوءَ کي پيارو

پر ياد رک:
دل ڪرلون آرسيءَ جهڙي، محبت هڪ سان رکُ ايڪر."

بابا جن جي متئين پروچن مان اهو سڌ ٿو لڳي ته نسبيم

ٿو. ٻولي پرارٿنا اها آهي، جنهن ۾ صدق آهي، سڀ آه
۽ ان کان وڌيڪ پرارٿنا اها آهي جنهن ۾ جڳ جي ڀلي
آراڌنا آهي، ڇو ته ان ۾ هر منش کي اُنتي پراپت ٿ
ٿئي. پرارٿنا من ۾ ماءُ پاپ کي نپوڙي ٿي ڪڍي، پرار
ساڌڪ جي شرڌا ۾ نئين جوت ٿي جاڳائي ۽ انهن ڪرڻ س
ساڌڪ جي پياس پاڻ روز بروز وڌي ٿي ۽ ساڌنا سڌ س
لاءِ روز مره جو نيم ٿيو پوي.

اهو سڀ ساڌنا ڌارارن ٿي آهي جو جڏهن من سنيه واري
چالو اُصول تي مڪم رهي ٿو، تڏهن ٿي ته هو دنيوي
پدارٿن کان مڪتي پائي ٿو. چيتن چت من کي ساڻ ڪري
سوڪيمتا ڏانهن نئين ٿو ۽ اها سوڪيمتا آهي آتما ۽ آتما جي
سڌ پرم آتما سان ڳنڍيل ته آهي ٿي جنهن چوندا آهن:

جن آتما کي جاتو، تن پرم آتما کي پاتو

بابا جن ۾ اهڙي جڳتي حاصل ڪري پنهنجي جيون ۾
هر م پد کي پهتا.

(٣) اُپاسنا

گيتا جي آڌياءَ ٻئين جي سلوڪ سٺين ۾ ڀڳوان ڪرشن
چوي ٿو: "هي ارجن! جو پرش من سان اندرين کي وس
۾ رکي، نرليپ رهي، نشڪام ٿي ڪرم ڪري ٿو، اهو
سرشت آهي." جن جو اندرين ڌار ڪليو آهي، اهي ته
هلندي چلندي ۾ رام جپيندا رهن ٿا. جن برهم گيان کي
پاتو آهي، اهي لڏن نتا پر هر وقت وڃي برهم ۾ لين رهين
ٿي، ڪٿي ٻاهران کهڙا ۾ ڏسندا ڇو نه ڪندا هجن.

ساڌنا جن اُپاسنا کي ڪئن اپنايو تنهن جو ذڪر پياءَ
جڳڪرشڻ گرسهائي هن ريت ڪري ٿو: "بابا جن صبح جو
سوا ٣ بجي ڏاڙهي مونڪي سڌ ڪري، ڇهه ئي وڃائي سجاڳ ڪيو

ستسنگ ۾ وڃي انهن سمجهيو ته ڪٿا ڪندڙ ۽ آءٌ ٻئي ويٺل آهيون. ستسنگ ۾ جيڪي ٻڌجي، ان تي ايڪانت ۾ ويهي ويچار ڪجي ۽ گڻ گرهڻ ڪري ان تي عمل ڪجي. جيڪي ستسنگ ۾ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا، تن لاءِ ستسنگ ائين آهي جئن 'ڪنچر اشنان'. هاٿي مات گنگا ۾ اشنان ڪري وري سڀاوَ موجب ٻاهر نڪرڻ تي سونڍ ڌوڙ سان پوري پٺيءَ تي وسائيندو آهي. ٿورو وقت به ستسنگ ڌيان سان ٻڌبو ته اَڌ جي پٽبو.

ستسنگ ڪا سدا پيا، جئسا ڪاغذ نات ڪا،
رجب گرو پرساد تي جو مٽ گيا انگ للاٽ ڪا.

ستسنگ ڪرڻ سان وهنوار خواهه پرمارٿ ٻنهي سڌرن ٿا. ستسنگ جو نيم رکڻ ضروري آهي. ٻيا سڀ ڪم ڇڏي به ستسنگ ۾ وقت سر پهچي وڃجي. ستسنگ جو رنگ اهڙو چڙهڻ گهرجي جئن گونگو گڙ يا مٺائي کائي سود ۾ اچي پيو ڪڇون ۽ لونئيون ڪيندو آهي ۽ پيو مشڪندو آهي، پر ڪڇندو پڇندو ڪين آهي."

ڌيان ئي ته هن آتما جو آهار آهي. اگر منش چت جي ورتين کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري ڌيان لڳائي ته ان مان هڪ جوتي روشن ٿئي ٿي. ان جوتي سان آتما کي شڪتي ملي ٿي. ان جوت مان ئي آتما کي گيان جو مارگ ملي ٿو. ان مان ئي ڪيس پرڀوءَ جو درشن پراپت ٿئي ٿو. ان لاءِ ايڪانت جي ضرورت آهي. دنيوي ڦرڙا من تي مڙهيا پيا هوندا ته ڌيان لڳندو ئي ڪو نه. چت جي چنچلتا پيدا ٿئي ٿي جڏهن خواهشون گهڻيون هونديون آهن. آهار، ويچار، آچار، وهنوار ۽ پهراڻ ۾ پاڻ کي مڪت رکڻ سان مايا جو پردو پنهنجو پاڻ ڏهي پوي ٿو. باقي مايا جو جار اندر ته

وارا ڪرم نہ ڪيا تہ پاپ لڳندو. انڪري آرتنا، سات
آپاسنا کي وسارڻ آهي پنهنجو پاڻ کي وسارڻ ۽ پاڻ کان ٻ
مڪ ٿيڻ آهي ايشور کان ٻيءِ مڪ ٿيڻ، جو لہ گيتا ج
اتهاس ٽئين جي سلوڪ ڏهين الوسار آدي ڪرم ڪرڻ س
سيبتي اچائون ٻورن ٿين ٿيون ۽ اهي ڪرم سمسار اٿوا س
جي ڏيڻ وارا آهن ۽ نشڪام ٿي ڪرڻ ساڻ انتهڪرڻ ج
شڌي ڪندڙ موڪش جي ڏيڻ وارا آهن. نشڪامتا حا
ٿي تہ پوءِ اندر ۾ ڪامنائون اُٿڻ ٿينديون ئي ڪين، ۽ پ
اندر ۾ ڪيول ايشور جي پريم ۽ ڀڳتيءَ جي اڇا رهندي
پوءِ اهو منش، منش کان وڌيڪ ٿو ٿئي، هڪ درويش ٿ
ٿئي، مهاتما ٿو ٿئي، يوڳي ٿو ٿئي، جنهن کي پوترائي
سان گڏ نرڀئتا، ٻل، بخشش ۽ اُدارتا جا گڻ هن ۾ اچي ٿ
واسو ڪن.

آپاسنا لاءِ ڪٿي ايڪاگرتا، پنهنجي من کي شڌ رکي مڙي
مالڪ جو چنتن ڪرڻ. ڀڳوان جي اُستتي، پرارٿنا ۽ آپا
وار وار ڪرڻ سان پيدا ٿيندو تہ ٻان، ڌارڻا ۽ سماڌي. ج
چت جي ورتين کي روڪي ڌيان لڳائين ٿا، اهي پورا پور
آپاسڪ ٿيو پون. آپاسڪ جي ورتي حاصل ڪرڻ سان هر
جو من ڪڏهن بہ ڏڏي نٿو، سندس چت ڪڏهن چلولہ
نٿو ٿئي. هڪ دفعو آپاسنا جي ورتي جاڳي تہ آپاسڪ پنهنجو
پاڻ هڪ کي نہ، پر انيڪ منش کي ستسنگ ڏيندڙ چڪي
ٿو وٺي. بابا جن پاڻ ستسنگين کي اهائي هدايت ڪندا هئا:
”ستسنگ ۾ اچو تہ گهر جون چنتائون ساڻ کڻي نہ اچو.
ڌيان سان ويهي ڪٿا وارتا ٻڌو.

ڪبير سنت درشن جائيئي، سات نہ ليجي ڪوءِ
پاڇي پانءُ نہ ديجئي آگي هوءِ سُ هوءِ

۽ ڀڄندي وڪ ڪٽيندي آهي. اڪثر وڪ ڪٽڻ جي ڪوشش ۾ آلم رس ماڻ ۽ آتمڪ گيان پائڻ جو انديهو گهٽ آهي."

(۴) وشواس.

ڀروسو ئي وشواس ڪرڻ سان جي اندر ۾ هڪ اُمنگ اُڀرن ٿي سا اهو آهي صدق. صدق آهي وشواس جو ٻيو ڏاڪو، جو رفته رفته ڀروسو لاءِ پياس؛ ڏانهن ڇڪي ٿو هلي. وشواس دلدارن مٿي ڀاڙيندي محفوظ ٿو سمجهي. ڀڳتي ته ڀڳتي آهي، پر وشواس آهي شڌ ڀڳتي جا سدائي ڪاسائيءَ کي پرايت ٿي. جنهنکي وشواس آهي اهو سدئو انيه ورتيءَ وارو رهي ٿو (ان + نيه = ٻيو نه) يعني هن لاءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪين. گيتا جي اڌياءِ ڇهين جي سلوڪ اڪتيهه ۾ ڀڳوان ڪرشن چوي ٿو ته جو پرش انيه ڀاوَ سان مون واسديو جو ڀڄن ڪري ٿو، اهو ڀوڳي سڀ پرڪار جو ڪم ڪندي به جڻ ته مون ۾ ئي ورتي ٿو. مجنون ليلا جو انيه ڀڳت هو، ڇو ته ٻئي ڪنهن کي هن ليلا جو روپ نه ڄاتو. انيه ڀڳت سڀ ۾ پنهنجي پرميشور کي ڏسي ٿو چاڪاڻ ته. سنڌس وشواس اها دعوي ٿو ڏئي. گردوارن، رام مندرن، هري مندرن، مسجدن، ديولن، مڙهين، غفائن، مطلب ته هر جڳهه تي، هر استان تي هو انترجامي ايشور کي ڏسي ٿو، ان جي اپاسنا ڪري ٿو. سنڌس هردو وشال ٿئي ٿو. اهڙي ڀڳتي انهن ۾ ٿي سگهي ٿي، جن وٽ صدق آهي. هنومان ۽ رام لاءِ اهڙي انيه ڀڳتي هئي، جا "نشيد ڀڪتي" ۾ ٿي ڳڻجي. ٻيو آهي "وِدِي ڀڪتي". جنهن ۾ هر جيوَ ۾ ايشور يا پنهنجو آلما ٿو ڏسجي. وشواس ڌاري ڪرم ڪرڻ جڻ ته پرهمر جي اپاسنا آهي ۽ ان اپاسنا دلدارن سنڌس ڀاونا ۾ اهڙو ته بل ٿو اچي جو هو نه ڀاڙڪي ڀڳوان کان پوري ٿو سمجهي ۽ نه

مالڪ جي مهر ملندي ڪانه. ٻاٻا جو ٻڌايو ٿو ته ستسنگ
نصيب ٿيندو، ستگرو به پراپت ٿيندو ۽ اهڙي ڀاونا
سو پريت آستان پهچڻ کان به بهتر ٿيندو آهي پنهنجي
جي مندر ۾ جهاتي پائڻ.

آراڌنا، ساڌنا ۽ اڀياس ۾ جڳتيءَ ۽ شڌيءَ جي ضرورت
آهي. ساڌو اهو جنهن کي لوڪ پنهنجو پاڻ نمن. ان
صرف ٻيک جي ضرورت ڪانه آهي. آلما ۽ من به شڌي
جو پوش ڀري، اهو تمام ضروري آهي. عام ساڌن ڏانهن
اشارو ڏيندي ٻاٻا جن چوندا هئا:

"سنتان والي رهت نه رهندا جڳ ۾ سنت ڪهايا
اي دُو اوپر پاپ نه ڪوئي جي رهٽي بنا پڇايا
بدلا اُس دا چنسي ناهي ليکا لئي ڌرم راجا
صاحب کي در اچا پُنٽيئي جان ڪوڪ سٽايا.

اڄ ڪلهه ڪلي ڪال ۾ ٻيک ڌاري ساڌو وڌي رهيا
آهن. ساڌو اهو جو ساڌنا ڪري ۽ ڌرم انوسار رهت رهي
پاڻ به تاري ٻين کي به تاري."

ساڳئي وقت ٻاٻاجن آگاهه ڪندا هئا ته روحاني راهه هڪ
پيچيدو پيچرو آهي لنهڪري خيال سان پير رکڻو آهي.
آراڌنا ساڌنا ۽ اڀياسا ذريعي من جي ايڪاگرتا ۽ دريتا
حاصل ڪرڻي آهي. هڪ دفعي ٻاٻا جن شري وشنداس آولرام
لعلواڻي (اصل ولهل پير جو ڳوٺ، حال رهندڙ بمبئي) سان
گڏ رڻ ڪندي هڪ جهوني جاءِ اڳيان اچي لنگهيا. جاءِ جي
ڪنڌ لي نيسارا هئا ۽ هيٺ زمين لي پٿر رکيل هئا. ٻاٻا جن
وشنداس ڏانهن نهاري چيو: "هاڻي ڏس، نيساري مان
پاڻي آهستي ڪرندو ته پٿر لي پئي نيشان به ڪندو.
پاڻي جي اگر ڪرندو ته پٿر کان پري وڃي پوندو ۽
اُنتي ڪو به اثر نه ڪندو. ساڳي طرح گيان جي راهه ۾ آهستي

گرديو سکا، اگيان ڀڃن، گرديو ٻنڌپ سهودرا
گرديو داتا، هر نام اپديسيءَ، گرديو منت نروڌرا
گرديو سانت ست ٻڌ مورت، گرديو پارس پرس پرا
گرديو تيرٿ امرت سرووَرُ، گر گيان مڄن اپرمپرا
گرديو ڪرتا سڀ پاپ هرتا، گرديو پتت پوت ڪرا
گرديو آد جڳاد جُڳہ جُڳہ، گرديو منت هر جپ اڌرا
گرديو سنگت پرڀ ميلِ، ڪر ڪرپا هم مُوڙ پاپي جت لڳ ترا
گرديو ستگر پار برهم پرميسر، گرديو نانڪ هر نمسڪرا.“

باباجن جي هن اپديش مان وشواس جو اهڙو اپيؤ ثبوت ملي، جنهن ۾ گوپين اها ڳالهه سڌِ ڪري ڏيکاري:

”ايڪ من تَنا، جو لي گيا جڳديش
اوڌو جي! من نه ٿئي دس بيس.“

شاهه صاحب پڻ دهرايو آهي:

”هٿن سين هاج ڪر، نيڻن سين نهار
اَيا اگڙ پار، پسج پنهنجي پرينءَ کي.“

هٿن پيرن سان ڪم ڪار ڪجي پر مک سان نام جپجي؛ چت من ايشور ۾ لڳائجي. چوويهه ڪلاڪ اهڙيءَ اسٿتيءَ ۾ رهڻ وشواس جو نتيجو آهي. صدق وارا شخص هر وقت ڀڳوان جي سمک آهن. هو وهنوار ڪندي به پريوءَ جي اُپاسنا ڪري رهيا آهن. گويا برهم ۾ لين آهن؛ جڏهن هو لين ٿي ويا ته ڪي ڪين رهيا. لک هئا نه ڪک ٿي پيا. هنن پنهنجو پاڻ وساريو، ساري جڳت کي وساريو؛ پالو صرف هڪ پريوءَ کي. وشواس وارو منش پاڻمان ايمان، وڏائي، شهرت واري ڀاونا کي ڏکي ٿو ڪڍي. باباجن ور ور ڪري ائين چوندا هئا:

”پاڻ کي ڪجهه نه ڄاڻو. انسان مٽيءَ جو پتلو آهي.

وري ڀڳوان ٿيو هن کان دور. اها اهڙي اسٿتي آهي ج
موڪش ڏيارڻ واري آهي. وشواس ۾ پوتل منش هر وس
۾ پنهنجي مالڪ جو ديدار ٿو ڪري، پنهنجو اشٽ ديو
ڏسي، جيئن نامديو ڀڳت پوت کي ۾ ڪيشو ڦاندر ڪر
پڪاريو. ان ۾ ڪرشن جو روپ ڏٺائين. سڀ ديو ديوتائو
ايشور جو روپ آهن. منش ۾ وشواس پيدا ٿئي، ان ل
ضروري آهي ته هن کي ڪو سهارو ملي ڪنهن ڪامل مرش
جو، ڪنهن انيڪي گروءَ جو جنهن ۾ پورن وشواس ۽ سد
رکنڌو آهي. باباجن اهڙي صورت هئا ۽ پنهنجي اپديش
ڌارن سمجهائيندا هئا:

"مانش چولو اُتم ۾ اُتم آهي، جو ايشور پڌي ڏي
آهي مڪتيءَ جي مارڳ تي هلڻ جي. جڏهن ته هڪ پير اڳيئي
مڪتيءَ جي پيڙيءَ تي رکيل آهي ۽ پرشارٿ، سادنا
ڀڳتي ڪري باقي ٻيو پير پيڙيءَ تي رکڻو آهي. ائين نـ
ٿئي جو ڪدا ڪرم ڪري رکيل پير به لاهي ڇڏجي. انهيءَ
ڪري جيون سڦل ڪرڻ لاءِ گروءَ جي ڏسيل گس تي هلي
ساڌنا سمرن ۽ ڀڳتي ڪري، ايشور سان ڪيل انجامن کي
پاڙڻ گهرجي. ماتا جي گرڀ ۾ جيئن جڏهن سنن مهڻ جو ٿئي
ٿو ته پنهنجي اڳئين جنم ۾ ڪيل ڪرمن جي سوجهي پوندس
ٿي ۽ گرڀ جي مها ڪشٽ کان ٻاهر نڪري سڪرت جا ڪرم
ڪرڻ جا انجام ڪري ٿو، پر ٻاهر نڪرڻ سان سڀ ڀلجي
ٿو وڃي. دنيا جي سوادن ۽ اندرين جي وشين جي وس
ٿي سڀ وساري ٿو وهي، جيسين گرو ڪيس جاڳرت ڪري
سچي راهه ٻڌائي. گروءَ جي مهما ۾ هيٺيون شبد اُچارڻ ڪيائون:

گوڙي باون اکري محلا ٥

گرديو ماتا، گرديو پتا، گرديو سوامي پرميشرا

ٿيندي آهي جنهن ڪري ٿن جي شرير جا وار ابا ٿي بيهندا آهن ۽ ڪيس اهڙو نه لطف ايندو آهي، جنهن جهڙو سک ٻئي لوڪن جي ٻڌارڻ حاصل ڪرڻ سان نٿو ملي. اهڙي سماڌي اسٿت سادڪ لاءِ هيءَ سنسار هڪ پڙدي تي چٽرن جيان ٿيو پوي. هو جڳت جي اپاڌن ۽ آسڪتيءَ کان پري، نج نروڪلپ اوستا ۾ لين رهي ٿو، يعني هو من جو آڌين نه، پر من جو آڌار ٿي، ٻڌيءَ جي ٻولا چاليءَ ۾ نه، پر ٻڌيءَ جو ٻوڌ سروپ ٿي ۽ اهنڪار جي آڪار ۾ نه، پر نروڪار سچدانند سروپ آتما ۾ مگن رهي ٿو. هو سنڪلپن روپي سمنڊ جي سيني وڪلپن روپي لهرن کان اسڪهي اندر ۾ اٿاهه ساگر جي موج ماڻي ٿو.

بابا جن ڀڻ ان آنندمي استٿيءَ ۾ پهچي چڪا هئا. پرماتما ڌانهن هن قسم جي من جي ايڪاگرتا واقعي اهڙيءَ ايشور ڀڳتيءَ دئارا هو آتم سروپ ٿي ويا هئا. هيءَ هئي سندن 'پرا ڀڳتي'، جا ڪنهن به موهه ڪانسواءِ منش جي هردي ۾ پيدا ٿيندي آهي ۽ جڏهن منش اهڙيءَ 'پرا ڀڳتيءَ' ۾ رنگجي وڃي، تڏهن سندس هردو، هريءَ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ جو سمرڻ نٿو ڪري، هو پنهنجي من ۾ ايشور ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جو به ويچار اچڻ نٿو ڏئي، جنهن ڪري سندس هردو ۽ آتما پوتر رهن ٿا. اهڙو سادڪ ئي ڀڳوان کي پنهنجي من مندر ۾ ڏٺائي سگهي ٿو.

بابا جن ۱۹۴۷ جي شروع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ آيا هئا ۽ صدر ۾ ڪنهن ٻراهمڻيءَ جي گهر رڪيل ٻاهر لي موجود هئا ته مان ۽ منهنجو دادا پرهه ڦٽيءَ ڌاري گهران نڪري پنڌ تي پنڌ سندن دئاري لي پهچي وياسين. جنهن ٻراهمڻيءَ جي گهر ۾ رهيا گرانٽ صاحب آرنپ ٽيل هو، اُتي پهتاسين. صبح

ڪرڻ ڪرائڻ وارو پرماتما آهي. ڪو چوي ٿو اسين مٽيءَ
پتلا ڪئين آهيون، اسين ٿا لکون جو واپار اُها ڪريون، وڏا و
دفتر ٿا سنڀاليون؛ پر اهو سڀ اسين ٿڏهن ٿا ڪريون، جڏهن
پرماتما پنهنجيءَ شڪتيءَ سان اسان کان ڪرائي ٿو. هن شر
مان چيتن شڪتي نڪتي ته خاڪ جو پتلو اچي هيٺ ڪرندو.

(٥) سمادي

سمادي واري اوستا ۾ ٿڏهن ٿي پهچي سگهبو جڏهن
وشواس پورڻ هوندو. سمادي آهي ساڌنا پوڳ، جو اُتپن ٿئي
لو ڌيان لوڳ مان. ڌيان، آراڌنا ۽ اُپاسنا مان ٿي جاڳرت ٿ
ٿئي. وشواس پرورڪ پرارٿنا مان انيڪ لهرون پيدا ٿيو
ٿين، جي پوءِ ٿوري ٿي پل ۾ پريوءَ جي شيوا ۾ پهچي ٿيو
وڃن. سماديءَ وقت ساڌڪ جي اوڌيا جو پڙدو صاف منجي
ويندو آهي ۽ هو ايشوري مايا کي هڪ کيل تماشي جيا
پاسي سچدانند سروپ ۾ پورڻ ايڪتا جو عزو ماڻڻ لڳندو
آهي. اهو پتو انهيءَ ذهين دتار ۾ استنت ٿيل اڀياسيءَ کانسواءِ
ٿئي ڪنهڪي پئجي ٿتو سگهي. سماديءَ ۾ ساڌڪ ستتر
جو انڀوءَ ڪرڻ لڳندو آهي. سماديءَ ۾ جيو آتما پنهنجيءَ
نديءَ سَتا کي اتمتي ستا ۾، پنهنجيءَ ٿوريءَ چيتنا کي
مهان چيتنا ۾ ۽ پنهنجي رواجي آنند کي، بيحد پرلم آنند
ايڪد انڀوءَ ڪرڻ لڳندو آهي.

جيئن سڄها جو سورج، سدس پرڪاش ۽ تاپش، ٿئي
مان هڪ ٿي ويندا آهن، تيئن ترو ڪالپ سماديءَ وقت جيو،
جگت ۽ جگديش ٿيئي مان نج روپ پاسڻ لڳندا آهن. جيسين
ساڌڪ جي چت ۾ پوڳ واسنا ٿوري ماتر به موجود آهي ته
هو انهيءَ منزل تي رسي نتو سگهي. سماديءَ ۾ استت
لوڪيءَ جي شرير ۾ هڪ بجليءَ موافق شڪتي پيدا

ٿي هئا، منهنجي وڃڻ جو سوال ئي ڪونہ ٿي اُٿيو. مان چپ چاپ اچي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويٺس، جت باباجن جو آسڻ هو. ان وقت صبح جو ڏهہ يا ٻارهن ٿيا هوندا. باباجن نيرڻ ڪري، آهلي پنهنجي مٿان رکيل سنهڙي چادر وجهڻ کان اڳ، ڪوٺيءَ ۾ نظر ڦيرائي ۽ مونکي ويٺل ڏسي آگيا ڪيائون ”اڄ پٽ! تہ ٿي زور ڏيم.“ منهنجي لاءِ اها هڪ وڏي نعمت هئي، جو باباجن پنهنجي سيوا ۾ پاڻ ٿي مونکي رکيائون. ڪجهہ وقت مون زور ڏنا. واهر ڪرڻ وارو ٻيو ڪونہ هو ۽ آخر جڏهن ٿڪجي پيس تہ پنهنجو پاڻ ويهي رهيس.

ان وهيءَ ۾ ڪيترو بہ سوچيندي منهنجي سمجهہ ۾ ڪين آيو تہ باباجن اُن وقت ڪهڙيءَ اوستا ۾ هئا. هاڻ محسوس ٿو ڪيان تہ باباجن ان وقت سماڌيءَ ۾ لين ٿيل هئا ۽ ممڪن هجي تہ اُن سمي هو پنهنجي ديهہ ڇڏي، پاڻ ڪنهن انوکي جڳت ۾ آتما دناران جاڳرت هجن.

سماڌي لڳائڻ آهي پريو سان هڪ ٿيڻ. اهڙي اتڪتا نصيب تہ انهن کي ٿي ٿئي جن جي دل ۾ الهيت پريم آهي، جن جي دل پريو پاڻ چورائي ورتو آهي. سماڌي جڏهن ٿيندي آهي جڏهن چاهہ وڌندو آهي، ڌيان بلوان ٿيندو آهي، تياڳ ۽ تپسيا اڳيان وڌندا آهن ۽ سڀ ڪڪرم پٺيان هٽي ويندا آهن. پريم جي هر هنڌ ۽ هر سمي سڳند جاڳندي آهي. اهڙي واهو منڊل ۾ پريو پاڻ پريميءَ وٽ پهچي ويندو آهي. سماڌي اها حقيقت پري درشٽي آهي. سماڌي آهي پريو پاڻ لاءِ سجاڳي. باباجن اهو سڀ جاڻو ۽ انهيءَ پد لي پهچي ويا جڏهن پاڻ ٿي پريو بڻجي ٿي پيا. پاڻ ئي جگياسو هئا تہ پاڻ ٿي جگديش بہ ٿي پيا.

سماڌي لڳائڻ لاءِ پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ آهي سرو

جو انڪل سمت ٿيا هئا. باباڄن جو آسڻ ڪرڻ جي سوار
جي ٻهه سامهون هو. مان اڃا ٻار هوس، منهنجي رڳه
اڃا ڪانه آئي هئي. اڄ ٻرلم ۽ ٻرم ڀڳتيءَ جي ڪائي خ
ڪانه هئي، جنهن ڪري ممڪن آهي ته سماڌيءَ وارڻ
استتيءَ کان به ناواقف هوس. ڏنيوس وندنا ڪري م
هڪ جڳهه تي ٿانئيڪو ٿي ويٺس. سوامي شيوارام صاح
جن جو شبد ڪيرتن چالو هو. ڪجهه وقت ان رس ۾ لي
هوس ۽ پوءِ اوچتو ٿي باباڄن تي نظر پيم. هو بلڪل سام
هئا. اکيون بند، سر ٿورو اڏول، پيشانيءَ تي مٽيا. چپ بند هوندي
۾ انهن تي مُشڪ. پلٿي ماريل، جنگهون ٻڪڙيل ۽ هٿ ه
گوڏن تي. جڏهن ته باباڄن کي هن روپ ۾ مون پهريون دف
ڏٺو هو، مون محسوس ڪيو ته اهو ئي سندن سوروپ آهي
اها خبر ڪانه پيم ته اها سندن ڪهڙي اوستا هئي. البت
ان وقت منهنجو ڌيان شبد ڪيرتن مان نڪري باباڄن جي
انهيءَ روپ تي اٽڪي پيو. مان سندن ڏانهن ٽڪ ٻڌي نهار ٻڌ و
رهيس. آئل ٻرلمين کي منهنجي ان نهارڻ ۾ شڪ نه پوي،
تنهنڪري وقتي هيڏانهن هوڏانهن به نظر ڪيم ٿي، پر باباڄن
کي مان پنهنجي سوچ شڪتيءَ کان دور ڪري نه سگهيس.
شبد ڪيرتن ڪلاڪ ڪن هليو، ان کانپوءِ آرتي ٿي، اُرداس
پيئي، وچن ورتو ويو ۽ جڏهن ڪڙاهه پرشاد ورهايو ٿي ويو
۽ پرشاد ورهائيندڙ باباڄن جي ويجهو آيو ته باباڄن جي اک
پنهنجو ٻاڻ کلي ۽ ڪڙاهه پرشاد جو آڌر ڪرڻ لاءِ هٿ اڳيان
وڌائي ڪڙاهه پرشاد ورتائون. آئل ٻرلمين کي آسيس
ڪندا رهيا.

ساري هئه عه ٿري، باباڄن نيرڻ ڪئي، پوءِ ڪيترن
ٻرلمين به ڪئي. ڪيترا ته واپس به ويا، پر جڏهن ته دادا آئي

۽ خود هن مان نڪري ست چت آنند پرماتما سان ملي ٿو
ويو. هو جيون مڪت ٿو ٿئي. باباجن پڻ اهڙي مڪتي
پاتي هئي. ڪن برهمڻن کين پاڻي پانت پرکيو، ڪن پرکيو پر
پالو کين؟ ڪي وري باباجن جي ڪرشما ڏسندي ۽ غافل
رهيا. باباجن جيتو ٽيڪ ائين کين چيو: ”مان آهيان“،
”مان پربرهم آهيان“، ”مان سوهم آهيان“، پر سڌن آتما
اج ۽ اهوئي ٿي ٻڌائي ته ”باباجن هئا“، ”هو پربرهم هئا“،
”هو سوهم هئا.“

شڪتين جي اڻ لڀ روشنيءَ جي ڪرڻن کي جھلڻ ۽
ڪرڻ سان هن ۾ نئي سمائڻ جو لائق ڪرڻ. اهڙي سما
لڳائيندڙ سنت پرش جي اندر ۾ مقناطيسي شڪتي
ٿيندي آهي. هو ان شڪتيءَ مان آنند ماڻيندو آهي ۽
ڪندي هن مان ٻين جو اوڳڻ بلڪل منجهي ٿو وڃي،
هر ڪنهن جو ڀلو ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ اهڙو پرش سماڌ
ڌارن الشوري روشني ۽ شانتي پراپت ڪندو آهي. اه
شخص جي اوسٽ ۾ جگياسين جا ٽڙيل دک ڪليش دور
وڃن، سندن شڪ شبها مٽجي وڃن. سماڌي ان ط
آهي ڌيان جو ڪُلُ مرڪز.

بابا جن سماڌي سروپ هئا ڇو ته هنن جي هر ڪار ۽
مناس هو، هر حرڪت ۾ پوترتا هئي. اهي ٻه وصف
سماڌيءَ لاءِ پهريان ٻه ڏاڪا آهن. ٽيون ڏاڪو جيئتو ٿي
جسماني طرح آسڻ اختيار ڪرڻ جو آهي پر مکيه آسڻ آه
ايڪانت ۾ ويهي چت کي ايڪاگر ڪري نام جپڻ جو، باق
سرير کي جسماني ڪشٽ ڏيڻ مان ڪجهه ورتو ڪين آهي
گرو ارجن ديو مهراج سکمني صاحب جي اشٽپدي ٣ پئوڙي
٢ ۾ فرمائين ٿا:

"نئلي ڪرم ڪري ٻهه آسن
جئن مارگ سنجم اٽ سادن
نمسڪ نمسڪ ڪر سرير ڪناوي
لوبي هئومي مئل نه جاوي
هر ڪي نام سمسر ڪڇو ناهه
نانڪ گرمڪ نام جپت گت پاهه."

پريوءَ کي گهر جي پيار، ولسهه ۽ شرڌا. انهيءَ ڪري
روحاني جيون حاصل ڪرڻ آهي روحاني جيون گهارڻ
روحاني جيون هڪ اهڙو تجربو آهي جو منش جو اهم خود

پرين جي سنت منڊلي



...متان ويٺلن ۾ - وچ ۾ ديوان دولترام کيولراماڻي ؛ ٻي قطار ۾
...ويٺلن ۾ ساڄي کان کاٻي ٣ نمبر هڪتاري سان ڀائي ساڌو لداس
...ائي ملطراءِ آهن ؛ ان کان پوءِ جوڳين اوستا ۾ باباجن)

سُرَ اُهي نئي اڳيان هڪي ٻيا ٿيا ،
جن ٿي لوهون لاٿيون سي ولهارا ويا .

- شاهه

گرو ڀڳتي

آد گر اي نمھ
جڳاد گر اي نمھ
ست گر اي نمھ
سري گرديو اي نمھ

گرو ارجن ديو مهاراج سکمڻي صاحب جي شروعات م
سلوڪ سان ڪن ٿا. پهرين پنهنجي گرن کي نمسڪار آهي
پنهنجو اهم منائڻو آهي. گروءَ سان لئو لڳي ته دنيا جا بند
پنهنجو پاڻ ڇڏائجي ويندا. منش جنم پائي اگر ڪا لاڀدائڪ
ڪمائي ڪرڻي آهي ته اها آهي نام جي ڪمائي ۽ اها ڪمائي
تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن گروءَ جو سنگ حاصل ٿيندو
گروءَ بنا نام نٿو ملي ۽ نام بنا مالڪ نٿو ملي. جيڪي مالڪ
پاڻ سان ملائڻ چاهي ٿو، ان کي ئي گروءَ دناوان نام مليتو
گرو ڀڳتيءَ ۾ ذال منش کي من ۾ ڏپ رهي ٿو ۽ جيستائين
من کي ڪنهن جو ڏپ ناهي، ليستائين ڪاميابي نٿي ملي.
۽ ڀاؤ (پريم) گڏو گڏ هلن ٿا. "نانڪ جن من ڀؤ، تنا من ڀاؤ."
جتي ڀؤ آهي، اتي ڀاؤ به آهي. جتي ڀؤ ناهي، اتي ڀاؤ ب
ناهي. جتي ادب آهي اتي ڀؤ آهي، جتي ادب ناهي اتي
ڀؤ به ناهي. جڏهن انسان گروءَ کان اپديش وٺي پنهنجي اندر
مالڪ جو آواز ٻڌي ٿو ته هن ۾ انهيءَ اَلي سوکيم پرماتما
سان ميلاپ ڪرڻ جي لياقت اچي وڃي ٿي. اها لياقت پيدا
ٿي ٿي طلب مان ۽ طلب اچي ٿي بندگيءَ ڏناران. ليا ڳڻ،
ويراڳ، اوجاڳو ۽ عبادت، درد ۽ سوز ان لپسيا جا ساڌن آهن.

اهي سڀ جوڳ ۽ سمائل آهن پر جوڳ ڪمائڻ ڪو آسان ڪين آهي.

”جوڳين جوڳ جڳاءِ - جوڳ نہ سهين جوڳين
جوڳيان سندي جان ۾ - ڳجهہ ڳجهاندڙ آهہ
هاءِ مُنهين ڪي واءِ - جو آئون جوڳ نہ سکي!

اهڙي جوڳ لاءِ رهبر جي ضرورت رهي ٿي. باباجن پاڻ فرمايو آهي: ”گرو ڪرڻ ضروري آهي جو گروءَ بنا گت ڪانهي ۽ شاهہ بنا پت ڪانهي. جنن وٽ جواہر پنسي جي ضرورت پوي ٿي نہ شاهہ واپاري جنهنجو ڏنڊو جهيل آهي ۽ ڪارپت جهجهي انس، ان جي اوت ونٺي پوي ٿي، ليڪن روحاني راهہ ۾ نہ ڪامل گروءَ جو آسرو اڻ ٽر آهي.“ گروءَ ۽ سک جو سبند ڪهڙو هئڻ گهرجي تنهن جي سمجهاڻي ڏيندي بابا جن ستسنگ ۾ ٻڌايو:- ”اڄ ڪالهہ گهڻا پاٺڪي هِن نہ هَن جو سک پيا سڏائين پر سکي نباهڻ ڏاڍي ڏکي آهي.“ انين جٽي هيٺيون شبد اچاريائون:-

گوڙي ڪي وار محلا ۴

سلوڪ

گر ستگر ڪا جو سک اکائي، سُ ڀلڪي اٿ هرنام ڌياوي
ادم ڪري ڀلڪي پرڀاتي، اشنان ڪري امرسر نهاوي
اُپدیش گرو هر هر جپ جاپي، سڀ ڪل وِکہ پاپ دوکہ لهہ جاوي
فر چڙهي دِوسِ گرباڻي گاوي، بهندپا اُٺندپا هرنام ڌياوي
جو ساس گراس ڌيائي ميرا هر هر، سو گرسک گرو من ڀاوي
جسنو دپال هووي ميرا سوامي، تس گرسک گرو اپديش سڻاوي
جن نانک ڌوڙ منگي تس گرسک ڪي،
جو آپ جپي اورهہ نام جپاوي.

ارٿ سمجهائيندي هيٺيون درشٽانت ڏنائون:-

ڪُڏ ٻجهي ڪندي وواد واد اها ٻڌي . جلائان ٻارڻ ماڻ ته چڱو
وٽي هيٺ جهڪو ڏنو ؛ ٻئي ساڳئي وقت اڳين جو ٻڪر ٿيا .
پڇي راس ٿيا ته مسافر ٻه واهي ڪائڻ لڳو . سڀئي ڏينهن جو
بکايل هوئي . پوءِ آرام ڪري صبوح جو سويل پنڌ پيو .
اڳتي هلي ڏسي ته هڪ ڪٽيا آهي ، جنهن ۾ هڪ مهاتما
سماڌي لڳايو ويٺو آهي . ٽڪ سبب ٻارڻ بہ ڪٽيا ۾ واهي
رهيو . ڪجهه وقت ڪانپوءِ هڪ ٻرڙهي آيو . سندر راشي
ڪپڙي نڪر مهاتما جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڪجهه روڪڙ ۽ مٺائي
پيتا رکي ، مٿو نيڪي رمندو رهيو . وري هڪ ٻيو پرش
آيو جو رکيل پيتا ڪپڙي سميت کڻي رواڻو ٿي ويو . مهاتما
ساڳيو ئي سماڌيءَ ۾ اڏول رهيو . نہ ماڻ تي هرڪو ڪيائين ۽
نہ ويڃائي تي شوڪ . سماڌي ٽٽڻ تي ويٺل مسافر کان مٿڪي حال
احوال پڇيائين ۽ کيس جل پان ڪرائي روانو ڪيائين . پنڌ
ڪندو اهو ٻرڙهي نيٺ اچي گجرات جي شهر ۾ پهتو ۽ پڇا
ڪرائي گرو جن جي چٽي لکيل ڳالهي واري سڪہ کي هٿ
۾ ڏنائين . ان وقت اهو سڪہ هڪ پراڻي ڦاٽل ڪپڙي کي
نوپو ڏئي مرمت ڪري رهيو هو . گرو جن جي چٺي ٻائي
هو آنند ۾ اچي ويو ۽ ڏاڍي پريم وچان مسافر جي سيوا ۾
لڳي ويو . خوش ٿي چيائين : ”ڏاڍو مهل سر آيو آهين .
ٻن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي ڌيلڙي جي شادي آهي . هٿي
رهي الڳڪي سوٻيلوان ڪج . هل ته مان توکي منهنجو ڪرٻ
خانو ٿو ڏيکاريان تہ ڪهڙيون ڪهڙيون تياريون ڪيون
اٿئون . باقي جيڪي رهجي ويو هجي ، تنهن لاءِ سهڻي صلاح
ڏج . “ سڪہ کيس منهنجي گهر جا سڀ ڪمرا گهمائي ڏيکاريا
تہ شاديءَ لاءِ ڪهڙا مال اسباب ڪٺا ڪري رکيا اٿئون .
فقط هڪ ڪمرو ڪولڻ کان انڪيو . مسافر کڙڪيءَ کان ليئو

هڪ ڀيري گرو ارجن ديو مهراج جن وٽ هڪ برهم
آيو ۽ هٿ ٻڌي وينتي ڪرڻ لڳو: "مٺا مالڪ! آءٌ عجب
پيو آهيان، مونکي رستو ٻڌايو ته جيئن ۾ گهرو مارگ وٺا
سگهي چون ٿا ته شادي ڪري گرهست جيون گذارڻ
جي صلاح آهي ۽ وڏاڳي ٻڌي وڃي جهنگلن غفائن ۾
رهجڻ؛ ڪن جو چوڻ آهي ته وڃي گرو جو سک ٿي
سگهي نباهي سگهجي ٿو. هاڻي منهنجي لاءِ گهرو سکي ر
ٿيندو سو ٻڌائڻ جي ڪرپا ڪندا." گرو جن وراڻيو
"پيارا! ڪجهه وقت ڏيري لاءِ رهي ٿڪ ڀڃ ۽ ر
ستسنگ جو لاڀ وٺ." ٻن ٽن ڏينهن بعد ڪيس هڪ چٺ
لکي ڏنائون ۽ چيائون: "پيارا! هيءَ چٺي گجرات شهر
رهندڙ اسانجي ڀلائي سک کي وڃي پهچائي جواب وٺي آءُ."
اهو برهمڻ "ست وچن" چئي ڏنڊوت ڪري آشيرو
وٺي پنڌ پيو. شام ٿي ته هڪ اوجهڙ هنڌ تي اچي طوفان
سخت برسات وراڻس. ولڄهي وڻ هيٺان اچهر ورتائين. ل
سبب ڏکي رهيو هو. وڻ تي ونئل پکين جي جوڙي ک
پنهنجي پورب جنم جي ڪيل ڪمائيءَ جي زور تي سوجه
ٻيئي ته انتي ستڪار ڪرڻ ۽ ڏکئي بکئي جي سهائتا ڪر
ڪرڻ فرض آهي، سو صلاح ڪري انهن مان هڪ ڪک ڪان
چونڊي هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ ٻيو وڃي ڪري ڪٿان جهو ٻرندي
مان ٻرندڙ ڪاٺيءَ ٽکري چهنب ۾ کڻي آيو ۽ اچي ڏيئي
وڌائين. باهه ٻرڻ لڳي ۽ برهمڻ هٿ پير گرما ڪري قوت
ٿي ولٺو. پکين پوءِ ويچار ڪيو ته مسافر بکيو هوندو. اسان
مان هڪ اڳن ۾ ٻيئي پيچي پيار ٿيندو ته، مسافر پنهنجي بک
مٽائيندو. ٻڌ چوي ته، مان تو پنهنجي جان ڏيان ته، مادي
چوڻ لڳي ته توهنجي وڇوڙي ۾ مان اڪ مئي ٿي وينديس."

ديال ۽ ٻهڪندڙ آهي، ان کي ڇو ڪين ٿو وڻندي ڪئي نه چوڪري کي جيئڏان ڏٺي هن ابلا کي وڏواڻي جي داغ کان بچائي." سک ڏاڍ سان وراڻيو: "منا! جڳ جا مالڪ جي مرضي. سندس ڀاڳ منو ڪري ڀوڳڻ ۾ ئي انسان جو ڀلو آهي."

ڪڪا ڪارن ڪرتا سوئو
لکيا ليک نه ميٽت ڪوئو

لکيل ليک ڪير ميٽي نٿو سگهي. هوڻهار ٽري اڻ ٽر آهي. دک سک نه پنهنجي ڪيل ڪرمن جو ڦوڳ آهي. جنم مرڻ، لاڀ هاڃي، غريبي شاهوڪاري اهي آهن جڻ جوڙ ٻوڪي جوڙ لڙڻ، انڀ ٻوڪي انڀ وٺڻ. جڏهن مان ڪٿڪ ٻيا اڪ مان انهن جي آس رکڻ اجائي ۽ بيسود آهي." مسافر گروءَ جي سک جي اهڙي دردناڪ ڏسي دل ئي دل ۾ سندس ٿڻ ڀاڳ چوڻ لڳو ۽ هڪ اڌ ڏينهن رهي ڪانئس موڪلائي گروجن وٽ پهچي سمورو احوال ورنن ڪيائين. انهيءَ تي گروارجن ديو مهراج جن چيس: "هيءَ سڀ جيڪي تون ڏسي آئين سو تنهنجي پهرين سوال جو جواب آهي. گرهستي ٿيڻ چاهين ته انهن ٻکين جي جوڙي وانگر ٿج، جن اتني ستڪار ڪرڻ ۾ پنهنجي جان قربان ڪئي. جي ورڪتي ساڌو ٿيڻ چاهين ته ان وئراڳي مهاتما مثل ٿيءُ جو هوند هواهه اڻ هوند ۾ سمان چت رهيو ۽ جي سک ٿيڻ جي اڇا اٿيئي ته اسانجي گجرات واري سک جهڙو سچو ۽ صدقي سک ٿيءُ، باقي نالي طور سک سڏائڻ مان ڪي ڪين پلئه پوندءِ." پرسنگ جو سلسلو چالو رکندي ٻاباجن فرمايو: "سک جو صدق سچو آهي ته ڪامل گرو هن کي هٿ ڏئي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇڏائي ٿو وٺي. هن جو ڪڇائون

پاڻي ڏنو ۽ اندر مرليو جي سموري سامگري ڪاٺي
سميت رکيل هئي. ڏسي ڏهلجي ويو. ساڄي گهر ۾
طرف شاديءَ جو سامان ۽ ٻئي طرف مرليو جي سامگر
منجهي ٻهي رهيو. سک سندس من جي مونجهه ڏسي
”پيارا هتي منجهڻ جي ڳالهه ڪانه آهي. ساڄي وقت
جي گهرج پوري آهي. منهنجي پٽ جي شادي ٿيڻ و
هٿيالي جو پورن ڦيرو پورو ڪرڻ کان اڳ سندس او
مرليو ٺهيو آهي. اوچتو مرليو ٺهڻ سبب، سڀئي جڻا مت
منجهي ويندا هون. مرليو جي سامگري ڪٺي ڪرڻ مد
ٿي پوندي. انهيءَ ڪري اڳيئي تيار ڪري رکي اٿ
هيءَ پنجن لٽن جي ڊبو ناسونت آهي. آلما ته امر آه
هڪ چولو بدلائي ٻيو چولو پهري ٿي. انهيءَ ڪري شو
ڪرڻ اجايو آهي. جا ٻڌجي آهي سا ضرور ٻڌبي. ”
ڪميٽي ڪبر جا امر جي آڏو اچان.“ صاحب ستارُ جا ٻڌائ
سا واهه واهه. هاڻي سانت ڪري ويهي ڏس رنگيءَ ج
رنگ.“ شاديءَ جي موقع تي برابر هٿيالي بعد ڦيرا پائيندي
اوچتو پوئين ڦيري جي وچ ۾ گهوٽ جو ڦيرڪ ڦري ويو
مرليو جي سيجا تي سمهي پيو. چوڌاري هاها ڪار م
وئي ۽ سڀئي شوڪ جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويا. پر هو گرو
جو سک اڏول رهيو. سڀني کي هٿ جوڙي سانت ڪرڻ
ايشور جي ڀاڻي تي راضي رهڻ لاءِ وينتي ڪرڻ لڳو. مرلي
لاءِ ڪٺي ڪيل سامگري برابر وقت تي ڪم آئي. مسافر
هن ٻرهمي سک جي شانتي، صبر ۽ اٽل شرڌا ۽ صدق ڏسي
دنگ رهجي ويو ۽ ڪيس چيائين: ”پيارا! تو کي ستگرن جي
شيوا ۾ نام جپڻ مان اهڙي شڪتي ملي جو آئينده ۾ چل
ٺهيو آهي، تنهنجي جاڻ اڳواٽ پيئي ۽ پوءِ ستگرو جو سدا

ٿي هڪ وڻيا جو گهر هو ۽ هوءَ به ڇنڇي ڏکڻ ٻاهر اچي ويٺي. جوڳا سنگهه جي جڏهن ان تي نظر پيئي ته ڪام پڙڪي اٿيس. پوءِ رات جو گذرڻ تي جڏهن ٻيا سڀ آرامي ٿيا ته هو وڻيا جي گهر ڏانهن ويو، پر ڇا ڏسي ته هڪ چونڪيدار بندوق سان پهرو ڏيئي رهيو آهي. سمجهائين ته ڪو آفيسر اڳئي اندر آهي سو پويان پير ڪيائين. وري ٻيو دفعو سنيري ويو ته به ساڳيو درشيه ڏٺائين. ٻلا ڪام جو سوار هوس تنهن تنهن تي قتائي چڙهيس، پر جڏهن وڃي لڏهن ساڳيو پهريدار ڏسي واپس موٽي اچي. انهن ڪندي پرڀات جو ٽائيم ٿيو ۽ ۽ اشنان پاڻي ڪري گهوڙي تي سوار ٿي ستگرن وٽ اچي پهتو. پاپي جوڳا سنگهه ستگرن جي چرنن ۾ مستڪ رکي سچي حقيقت بيان ڪئي ته ڪئن شاديءَ جا ساٿ سوڻ چڙهي گروءَ جي حڪم جي ڀروي ڪئي اٿس. باقي رستي ۾ ڪام ڪئن وراهس، سا ڳالهه شرم وچان لڪائي ڇڏيائين. گروجن سڀ ٻڌو پر ڏيکاري انهن ڏٺائون ته ڏاڍو ٿڪل هئا ۽ لڄ پيئي آهي. او ٻاسي ڏيندي جوڳا سنگهه کي چيائون: ”پيارا جي لو سکيءَ جو فرض نباهيو ته اسان به گرو ٿي پنهنجو برت پاليو، جو سپاهيءَ جو سانگ ٻڌي سڄي رات هڪ وڻيا جي در پاهران پهرو ڏيئي پنهنجي پياري سک جي ڌرم جي رکيا ڪئي سين.“ اهو ٻڌي جوڳا سنگهه جي اکين مان آنسون وهڻ لڳا ۽ گروجن جي چرنن ۾ ڪري پيو.“

درشنانت سماپت ڪري ٻاٻاجن چوڻ لڳا:

”اڄ نه رهيا آهن اهڙا سک ۽ نه وري رهيا آهن اهڙا گرو. جهڙي چالي تهڙي پئي، هن لاهي هن کي ڏني. اسان وڏڙن واري سکي ڪرڻ جي رسم رواج کي پٺو ڏيئي ڇڏيو. پنهنجن سکن کان ساليانا ۽ ٻيا لاڳا وغيره وصول ڪرڻ

۽ معاف ٿو ڪري:

”محبت ڀانئي مَن ۾ رلندا روڙا جن
تن جو صرافن اڳ سودو اگھاڻو.“

پارس لوھ سان لڳندو ته سون ڪندس پارس، ا
ڪامل ستگرو ڪري ”آپ سمان“. رنگ ۾ رچائي پنھ
انگ ھٿائي ڇڏي، جئن گرونانڪ ديو پائي لھڻي کي پنھ
جوت مان جوت جڳائي گرو انگد ديو ڪيو ۽ ساڳيو
وري گرو انگد ديو گرو امرداس سان ڪيو. گرو ار
ديو ته پاڻي مڇ ٿي راضي ٿي ڪيس اڏي ڇڏيو.

مُجھ پيارا گرو نو، گرو مُجھ پيارا
مُجھ گرو ڪا ہو ھتا، جگ لکھڻ ھارا

سو سچو سک گروءَ جي بخشيش پائي پاڻ ته ٿري ٿو
ٿو ٻيا ۽ سوين ھزارين سک تاري ٿو.“

گرو پنھنجي سک جي ڪيئن پنج رکي ٿو، تنھنجو مثا
ڏيندي باباجن ھيئن ڏنو آھي:

”ھڪ دفعي گرو گوبند سنگھ صاحب پنھنجي پياري
سک ڀائي جوگا سنگھ کي حڪم نامو موڪليو ته جنھن حا
۾ ھجين ان حال ۾ ھڪدم ھليو اچ. ان وقت جوگا سنگھ
جي شادي ٿي رھي ھئي ۽ ٽئون وريءَ سان ڦيرا پائيندي
کيس ستگرن جو پيغام ھٿ ۾ مليو. ھڪدم ڦيرا پائڻ بند
ڪري، تلوار سان ڦيرا پورا ڪرائڻ لاءِ ماتا پتا کي وينتي
ڪري گروجن جي آيل قاصد سان روانو ٿي ويو. واٽ تي
اھنڪار اڀرن ٿيس ته سندس جھڙو سک نه ڪو ٿيو نه ٿيندو
جو پنھنجي شادي اڌ ۾ ڇڏي گروءَ جي آگيا جو پالن ڪيو
اٿس. ھن جو غرور ٽوڙڻ لاءِ گروجن ھڪ ڪوتڪ رچيو.
جئن رات جو ھڪ ڌرمشالا ۾ اچي وشرام ڪيائين ته ٻو سان

روپ اَنوپ هجي ٿا سروپ. هو مالا ڦيري ممتا نه رکي ٿو پر پتا جيان پيار نه ڪري ٿو. جي ڪو ٻالڪ ٻيءَ سنگت ۾ گهلجي ٿو وڃي ته هو چماٽ نه هڻي ٿو ڪڍي. مطلب ته شش جي ڀلي لاءِ هو سڀ رستا وٺي ٿو. انهيءَ لاءِ گروءَ ۾ وشواس جي ضرورت رهي ٿي. ڀائي لهڻي کي هو اٽل وشواس بابا گرو نانڪ ۾. گرو ڀڳتيءَ سان راضي ٿي جڏهن گروجن هڪ ڏينهن پڇيس: ”جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر“ ته ڀائي لهڻي جواب ڏنو: ”اهڙو آتم گيان ڏيو جو هرڪُه شوڪ، راڳ دويش، سک دک نه گهيرام.“ گروجن ورائيس ”تو ۾ نه جنم آهي، نه مرڻ، نه دک آهي نه سک، نه هاڃي آهي نه لاڀ. تون اچل اٽل آنند سروپ آهين. تون من چت بُڌ ۽ اهنڪار نه آهين، پر انهن کي پرڪاش ڪرڻ وارو آهين.“ گروجن جو اهو اُپديش ٻڌي ڀائي لهڻو سماڌيءَ ۾ اچي ويو ۽ سدائين سنگ ۾ رهندي رهي لعل ٿيو.

پياري ٻالڪ ته نه رڳو گرو ڀڳتيءَ جو رهسيه سمجهايو پر پاڻ به گرو ڀڳتيءَ کي اپنايو. هو پنهنجي ستگروءَ جي کٽ هيٺان پنهنجو آسڻ ڄاهي وهندا هئا. گروءَ جي کٽ کي نمندا هئا، ان سهج ۾ گروءَ کي ساڌيات ڀاسندا هئا. هر ڪرٽيءَ کي پنهنجي گروءَ جو آديش ڪري مڃيندا هئا. گرو ٻاڻيءَ ڏانهن کين ادب هو. گروءَ جي تصويرن لاءِ کين عزت هئي. گرو گرنٿ صاحب کي پنهنجو اشٽ ديو ڪري مڃيندا هئا. گروءَ جي ٻاڻي اُچارڻ ۾ ڪا ڀل چڪ نه ٿئي، ان جو پورو ڌيان رکندا هئا. جيسين گرمکي پڪي نه ٿي آهي، تيسين ڪنهن کي نه وچن ورڻ لاءِ کين همٿائيندا. شڌ پاٺيءَ کي گر ڀڳتيءَ جي پد لي وڏي اهميت ڏيندا هئا. هيءَ هئي سندن شرڌا، سمجهه ۽ گرڀڳتيءَ جي پرڻتا. اهڙيءَ سندن گرڀڳتيءَ

وارثون ٻڌيون ٿي امام علي واهه ۾ لوڙهائي ڇڏيون.
رهيون ٻڌيون ۽ نه رهيا سڳن سان حساب ڪتاب.
وارو ڏاڍار ڇڏيندو ڪونه. پيو ٿو وقت سک جو لنگهي.

”ڪاهي ري من چتوه ادم جا آهر هر جيءَ ٻريا
ستل پٿر مهه جنت اپاني تاڪا رزق آگي ڪر ڌريا“

پيٽ قوت لاءِ انسان کي چنتا ڪرڻ نه جڳائي جو ڪ[…]
کي ڪڻ ۽ هاٿيءَ کي مڻ، منو مالڪ پهچائڻ لاءِ پربند ڪ[…]
ٿو. ٻالڪ جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ماتا جي ٿڻن ۾ کير اچي وا[…]
ڪري ٿو. حقيقت ۾ هوئي سڀ جي چنتا ڪري ٿو.“
ڪرتا چنتا ڪري جن اپايا جڳ.“ انهيءَ ڪري اٿندي
رهندي، سمهندي، ڪرت ڪار ڪندي، مٿي مالڪ ج[…]
مهر لاءِ ٻاڏائيندو رهجي.

ماجهه محلا ۵.

”تون ميرا پتا، تون هئن ميرا ماتا، تون ميرا بنڌپ، تو[…]
ميرا ڀرا[…]
تون ميرا راکا سڀني ٿائي، تان ڀؤ ڪيها ڪاڙا جي[…]
تمري ڪرپا تي تذ پڇاڻا، تون ميري اوٽ تون هي[…]
ميرا ماڻ[…]
تجهه بن دوجا اور نه ڪوئي، سڀ تيرا کيل اکاڙا جي[…]
جيءَ جنت سڀ تذ اپائي، جت جت ڀاڻا تت تت لائي[…]
سڀ ڪجهه ڪيتا تيرا هووي، ناهي ڪڇ اساڙا جي[…]
نام ڌياءِ مها سک پائيا، هر گن گاءِ ميرا من سيتلايا
گر پوري وجي واڌائي، نانڪ جتا بکاڙا جيءُ.“

باباجن اهڙيءَ رات روزانو ست سنگ ۾ گرباڻيءَ جو
پرواهه ڏيئي سکيا پريا اُپديش ڏيندا رهندا هئا. گرو آهي
اهڙو ۽ سندس عجب آهي روپ، پوءِ سندس اهو

نشڪام ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان، اهي ٽي ڀڳوان جي پائڻ جا رستا آهن. يوگ ٽنهي ۾ شامل آهي جنهن ڪري ڪرم يوگ، ڀڳتي يوگ ۽ گيان يوگ ڪري چئبو آهي، پر جيئن ته ڀڳتي يوگ، ڀڳوان کي پائڻ جو ٿي ڪرم آهي، انهيءَ ڪري مول ۾ رستا ٻيا. گيان يوگ ۽ ڪرم يوگ. ستگرو سو، جو اهڙو يوگ ڪمائي، پاڻ به تري ٿو ٻين کي به تاري ٿو.

ماتا پتا جي شيوا گرو ڀڳتيءَ جو پرٿم ڏاڪو آهي. بابا جن به انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندا هئا. هو وڏن کي عزت ڏيڻ جو آديش ڏيندا هئا. ان لاءِ هو پرهلاد ۽ ڀرت جا مثال ڏيندا هئا.

باباجن پاڻ ست سروپ هئا، ڏاتار هئا.
هو برهم هئا، پار برهم هئا.
هو ست چت آنند سوامي هئا.
ڌن ڌن اهڙا ستگرو - ڌن اهڙي گرو ڀڳتي.

۽ ڀڳتيءَ جا ڀڄڻي گڻ سمايل هئا جن جو وستار ٿيو
ورڻن اڳيئي ڪيل آهي. انهن ٽي ڀڄن دشمن کي ڪولي ڏ
لاءِ وڌن ۽ اپمشدن ۾ انيڪ منتر آهن. ٿر سيڌي جو
جولي اهائي- 'سب مه جوت، جوت هه سوءِ.' انهيءَ چ
مان ٽي سب جو پرڪاش ٿو ٿئي. اهڙي آهي گرو
جي منزل، جنهن جي رنگ ۾ رتل هو اسانجو ٻاٻل. ڀار
ڀڳتي اپاهائون ۽ سندن شعر ۽ پيارن کين پنهنجو ستيه-
(ستگرو) ڪري ٻوجيو.

ستگرو اهو جو مڪتيءَ جو رستو ٻڌائي. ٻاباجن
مڪت ٽي چڪا هئا، مڪتيءَ جو ڏس اوس ڏيندا
اها ٻ هڪ حقيقت آهي ته مڪتيءَ يا ڀڳوت پراپتيءَ
اڃا وارا جگياسو، لتو گياني ڀڳوت پراپت مهاپرشن جي
ڪري انهن جي شرن وٺن ٿا ۽ ٻڌايل مارگ تي هلي پرم
ڪسي ٻهچڻ لاءِ جفاڪشي ڪن ٿا. انهيءَ ڪري هو ستگ
چئجن ٿا. 'گُر يا گرو' اکر جي معني آهي اونده ۾ پرڪا
ڪندڙ. اهڙي طرح ته گهڻن کي ٽي گرو ٻڌائي سگهجي
اوڌو ت دلسالو ٻ- اهڙي پرڪار چوويهه گرو ٻڌايا هئا،
'ستيه گرو' اهڙن سيني گرن کان نيارو هوندو آهي، ڇاڪ
ته هو پرماتما کي پائڻ جو مارگ ڄاڻندو آهي.

ستگرو ٽي ڀڳوان جو ميلاپ ڪرائي ٿو ۽ ستگرو ٽ
شش جي دکن کي جڙ کان ناس ڪري ٿو. ان ڪري شا
جي نظرن ۾ ستگرو ايشور کان ٻ وڌيڪ پوڄڻ لائق آهي
ساري ڌارمڪ واڻيءَ ۾ ستگروءَ جي اپما ٻ- انهيءَ ڪر
هوندي آهي. اهڙي سمرت ستگروءَ جي جيتري پوڄا ڪئي
سمان ٿئي، ڀڳتي ڪئي وڃي، اولري ٿوري. گروءَ جـ
اپڪار جو احسان چڪائي نٿو سگهجي.

مان پياسي - تون ساوڻ



سنت بابا هريرام صاحب اُداسين

(جوان اوستا ۾)

اگم اگوچر پار برهم - پورن گُرُ ابناسي ،
بوند بوند لاءِ سڪي رهيو آ، تنهنجي در تي پياسي .

- ڪمل پياسي

وڏي سنڌن وڏيائي

هڪ درشٽانت ايندو آهي:

ٻي کوهيءَ سان ٻاهر زمين تي گهمندڙ ۽ هيڏانهن هو...
ٽينگر ٽپا ڏيندڙ هنس پکيءَ کان جگياسو ساڌو سوال ...
'ڪيئن ڀائي مزي ۾ پيو هلين؟' جواب ڏنائين: 'پن...
ڻي آنند ۾ آهيان. ڪاٺ وٺيو واسنا سامهون اچي ل...
ٻروا هي ڏيکاري، ٽپڪو ڏيئي ٻئي هنڌ پيو وڃان.' پ...
۾ ٻڌ ڏيل پکيءَ کان سوال ڪيائين: 'ڪيئن ڀائي! ...
هيٺ ڪيو مٿي جيان مر جهاڙو پيو آهين؟' چيائين: '...
واسنائن جي چمڪي ۾ قائل آهيان. شبد سپرش، روپ، ...
۽ گند روپ پدارٿ پرڳندي هيءَ حالت اچي بڻي
لٽ نيون واسنائون پيون من ۾ اٿن. انهن ٿي اهو حال
آهي جو جيڏي هوندي به مٿي برابر آهيان ۽ اڳتي چا ...
ان جي خبر ڪانه اٿم.

وري آڪاش ۾ اڏامندڙ، آزاديءَ سان هيڏانهن هوڏا...
هيٺ مٿي يا هڪ ئي مرڪز تي چڪر لڳائيندڙ ۽ ...
ونندڙ پکيءَ کان پڇيائين: 'ڪر خبر ڀائي! تون ڪيئن سور...
جيان پيو چڪر لڳائين؟' جواب ڏنائين: 'مون سنسار...
وشين کي ڏک سمجهي، شرير جي حرص حواس کي لڙ...
ڪري، اندرين کي وس ۾ رکي، ويراڳ ورتي ڌاري، ڪ...
۽ ڪرم روپي ٻه پر ٻڪيڙي، پرگتيءَ روپي پنج کي س...
ڪري. ڌارڻا ۽ سماڌي روپي سر کي ڍريا سان اوچ...
رکي، ويراڳ ۽ گيان روپي ٻنهي پرن کي چاليءَ سان لڳائ...

آڪاش مارگ ۾ بي خوف وچري رهيو آهيان.‘ هيءَ ٻڌي جگياسوءَ چيس: ’تون آهين ڀاڳي! مان ته هاڻي انهن ڇهن ئي ساڌن جو سهارو وٺي هن جنم مرڻ جي ڀؤ دک کان موکش پائڻ جو پرتن ڪندس.‘

ٻاٻاجن نه اڳئي ان منزل تي پهچي چڪا هئا. آزاد پکيءَ جيان آڪاش ۾ بي خوف چڪر لڳائيندا هئا. هو گڻ گرهي هئا ۽ پهنجن پرڪمن کي انهن گڻن تي هلڻ جو آديش ڏيندا هئا. هنن جي گڻ پهنجي جيون ۾ اپنايا هئا، اهي سڀ ڪرم مارگ جا ئي ڏاڪا هئا. نشڪامتا جا ساڌن هئا.

ناري اسنگم

واسنائن کان مکتي حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻاٻاجن ناري سنگ کان دور رهڻ جي سکيا ڏيندا هئا. پاڻ سمجهائيندا هئا:

”جنن ڪچھ ۽ ٻاهه، تن پرش ۽ ناري. وڪار اُلپن نه ٿئي ان لاءِ پيءُ ۽ ماءُ کي ٻه ايڪانت ۾ گهڻو وقت هڪٻئي جي ويجهو نه رهڻ گهرجي. ناري ڪا مدڻ تو گيه نه آهي. ناري نه رشي، مني، مهاتمائون، سنت فقير، سورهيه سپاهي پيدا ڪري ٿي. ”سو ڪنه مدا آکيئي جنت جمهه راجان.“ پر وقت پئي نه ايندر آهي. من ڏاڍو ٻلوان آهي. وڏن وڏن تپسون جي تپسيا ۾ ڀنگ پيو وجهي. نام جي جاپ سان ئي من کي وس ۾ رکي سگهجي ٿو.“

ناريءَ لاءِ صرف ٻه گرو ٿي سگهن ٿا. هڪ سندس شادي ڪيل پتي ۽ ٻيو جڳت جو پتي پرماتما. انهن ٻنهي کانسواءِ ڪنهن ٻئي جا چرڻ ڇهڻ يا ڪنهن کان ڪن ۾ منتر وٺڻ جي ڪين ضرورت ڪانه آهي. البت سنت مارگ جي سکيا هو ڪنهن لائق، اُتم آچرڻ ۽ ونراڳه ورتيءَ واري پرش کان وٺي سگهن ٿيون. ان لاءِ ٻاٻاجن جو چوڻ هو:

سان ڪندا هئا. هڪن وقت جو سنجم هو، ٻاڻيءَ جو سنجم هو، آهار ۽ ويهار جو سنجم هو. هو پاڻ سنجم ڪندا هئا ۽ اهڙي سکيا به ڏيندا هئا.

ڀائي جهامنداس ميلواڻي ڳالهه ڪندو آهي ته ڪيئن باباجن جي هدايت ڪيترا ڀيرا ڪين اجائي خرچ ڪرڻ کان روڪ ڪندي آهي. ايشور سڀڪي ڏنو اٿن. ڪو به خرچ سندن لاءِ معمولي ڳالهه آهي ته به باباجن جو ڪين فرمودو هو ته هڪ شيءِ به خريد ڪريو ته سوچي ويچاري ته ان جي ضرورت آهي، ان جي رکڻ لاءِ جڳهه آهي. باباجن جي هن سکيا ۾ سنجم ۽ قناعت جو راز سمايل هو.

دربار صاحب کي پنهنجو کوهه پاسي ۾ هو. ان هوندي به اجائي سڄائي پاڻيءَ جي هار وار ڪين وڃڻدي هئن. اهو سندن اُصول هو ته جتي بنا ملهه واري وستوءَ جو قدر آهي اُتي ملهه واري وستوءَ جي اوس سنڀال ٿيندي.

قناعت ڪرڻ ڪا ڪنجوسائيءَ جي نشاني نه آهي پر هر ڪا ڳالهه ايڪتيءَ سان ڪرڻ ۾ سنجم يوگ جي پالنا ڪرڻي آهي. گيتا جي اڌياءِ ڇهين سلوڪ ١٤ کان ١٧ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان صاف ڏهرايو آهي: ”برهمچريه ورت جو پالن ڪندي ڀيه رهت ٿي، جو يوگي پرش، ايڪتيءَ سان آهار ڪري ٿو، ايڪتيءَ سان وهنوار ڪري ٿو، ايڪتيءَ سان ڪرمن ۾ چيشٽا رکي ٿو، ايڪتيءَ سان وشرام ڪري ٿو، ايڪتيءَ سان جاڳرت رهي ٿو ۽ ان ريت من کي وس ۾ رکي مون ۾ چت لڳائي مون ۾ لين ٿئي ٿو، سو مون ۾ سمايل پرم آنند پرڪاش واري شانتيءَ کي پراپت ٿئي ٿو.“ باباجن به اهڙيءَ اوچ ڪوٽيءَ وارا يوگي پرش هئا ۽ سندن هر ڪارنه ۾ اهڙي ايڪتيءَ جو اظهار هو.

"ناريءَ لاءِ سندس پتي ئي گرد ئو آهي. گهر ۾ ره
سس سهري، پتي ۽ ٻالڪن جي شيوا ڪري، گهر کي
ٻڌائي سگهي ٿي." هميشه ناريءَ لاءِ چئن چيزن سان چا
رکڻ جي هدايت ڪندا هئا: (١) چڪي، (٢) چونڪ
(٣) چانڊي ۽ (٤) چرخو. چوندا هئا "جا ناري انهن چ
شين سان پريم رکي گهر جو ڪاروبار هلائي ٿي سا گهر ج
راڻيءَ مثل آهي. ڪيس ڪابه گهرج ڪانه ستائيندي ۽
بيماري به اوڏو ڪانه ايندي."

ٻرلن ۾ باباجن دربار صاحب خواه باغ ۾ زالن کي اچ
ڪين ڏيندا هئا. پر جي ڪي درشن جي اڪلاڪا رکي ايندئو
هيون ته باباجن کين ترت ئي گهر واپس ورڻ جو آديش
ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪي استريون باغ جي شيوا جي طلب
ڪنديون هيون ته باباجن چوندا هئا: "شيوا توهان جي گه
۾، هٿ ڪر ڪوڙ هڻنديون سا لغار و ڪنديون." لنه
هوندي به سندن شرڌا کي مان ڏيئي باغ جي خالي زمين تا
کين نڪريون، پٿريون چونڊڻ جو آديش ڪندا هئا. انير
ڪرڻ سان هو پنهنجي ڪرلوه ۾ لين رهنديون هيون ۽ ڪي
وري تڪڙ ئي واپس ورنديون هيون. اها هئي هڪ ورلي
باباجن جي ناري اسڪيتا جي. سڳ جو اثر ته پوري ئي تو
انهيءَ ڪري باباجن پنهنجي جيون ۾ اها هڪ آگاهه درشئي
ذاري ته ناريءَ کان اسڳ رهي به ناريءَ جو سؤمان ڪرڻ
آهي؛ جو ته ناري ماتا آهي، ديوي آهي، ڀيڻ آهي ۽ انين
ناري اُتم آهي.

قناعت

"سنجم رهي نه ڀنجي سؤت- نانڪ ڪهي سو ئي اوڌوت."
ڪرٻاڻيءَ جي انهن وچنن جي پيروي باباجن هر طرح

ي حقي طلب ڪندڙ، سچو طالب ٿي پوندو.

ڍونگ ۽ پاکنڊ جو پڌگو

ڀڳت اهو جنهن جي من ۾ ڀڳتي سمايل آهي. جنهنجي
وم روم ۾ رام وسي رهيو آهي؛ جو اُٿندي ويهندي،
ائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي پريو پرماتما جا ٿي گڻ
و ڳائي ۽ جنهنجي چرتر ۾ ان سائينءَ جي صفت جو ٿي
ظهار آهي. باقي ٻاهرئين ڏيک ڪرڻ وارو ڀڳت ٺڳجي نہ
گهندو. ڀڳوان تہ من جي حالت تي ڌيان ڏئي ٿو ۽ نہ
اس تي؛ ڀيءَ جي ڀڳت اڪل رهيو نہ تہ هن کان گهڻو
ڪين آهي.

ٻاٻاڻن کي تہ اهڙن ڀڳتن لاءِ عزت هئي. باقي جي ساڌو
ڻن ۾ مالها ڪٺي پيا ڦرن ۽ مٿي تي وڏا ٽلڪ پيا لڳائين
ر ڌندو ڪن ڪوڙ جو تن جي لاءِ انهن چوڻ ڪان ڪين
ڪمندا هئا.

"مالها ڦيرن مستانا، ٽلڪ ڏين شيطان."

اهڙي طرح ٻاٻاڻن کي ڍونگ ۽ پاکنڊ سان پوندي ڪانہ
هئي. ٻاٻاڻن هئا نامديو جهڙي ڀڳتيءَ جا چاهڪ، جو مندر
ي ٻاهران ويهي ٽاڙيون وڄائي، پريوءَ جا گيت ڳائي رهيو
و، ڇو تہ هو گهٽ ذات جو هو ۽ مندر جي پوڄارين کيس
ندر اچڻ ڪين ٿي ڏنو. هو مندر جي ٻاهران ٿي گيت ڳائيندي
ريوءَ جي ڌيان ۾ لين ٿي وڃو ۽ ڪبير جي وانگيءَ انو سار
روم روم سمرن ڪري، اوُر اهل ڪيا ڪاه؟' ٿي چيو.

ان رات جيڪي انسان اندر ۾ ڪوڙ، ڪپٽ ۽ دغابازي
کي ٻاهران وڏا ٽلڪ لڳائي ٿا هلن، اهي ايشور کي
سچيءَ طرح سڃاڻڻ تہ ڪداچت ڪين ليکي سگهيا.

هردي ڪپٽ مک گياني - جهوٽي کهان ٻلوڙس پاني

قناعت جي سکيا ۾ اڪثر سان ڏيندا هئا. ڊاڪٽر واسومل (حال رهندڙ جاوا) ڳالهه ڪئي ته ننڍي هوندي خميس ۾ سونا بٽڻ پائيندو هو. جڏهن باباڻ جي انهن تي نظر پئي ته پڇيائونس: "واسو، تنهنجي خميس جي قيمت وڌي ڪيئن انهن بٽڻن جي؟" بس اشارو ڪافي هو. ان ڪانپوءِ هن سونا بٽڻ پائڻ بند ڪري ڇڏيا.

گهڻن کي ٿالهيءَ ۾ جوٺ ڇڏڻ جي عادت هوندي آهي. باباڻ چوندا هئا ته جيڪي کائي سگهو سو وٺي کائو پر ٿالهيءَ ۾ ڪجهه ڇڏي نه اٿو. ڪنهن پراهيءَ جي ٿالهيءَ ۾ ڪاڏو ڇڏيل ڏٺائون ته پڇيائونس: "ڀائو آهين ڇا، جو ٿالهيءَ ۾ ڪاڏو ڇڏيو اٿيئي." گرهستيءَ جي لحاظ کان کي پراهي پنهنجي گروءَ کي پوڄن ڪرائيندي ان جي ٿالهيءَ ۾ وڌيڪ پوڄن پرچيندا آهن جن ڇڏيل ڪاڏو پاڻ پرشاد ڪري ورتائين. ساڌارڻ پرش لاءِ باباڻ جي اهڙي اشاري تير جهڙو ڪم ڪيو.

سڌيم جي ساڌن سان ٻي آهار وهنوار شڌ رهي ٿو. ان ڳالهه تي باباڻ خاص زور ڏيندا هئا. جهڙو ان تهڙو من. وهنوار ۾ انسان سچو هوندو ته پرمارٿ ۾ به ترقي ڪري سگهندو. وشيه پوڳن کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. چوندا هئا: "هرڪو انسان سک جي کوج ۾ رهيو پر جو سک وشين مان ملي ٿو سو ناسونت آهي ۽ انت ۾ دکدائي ثابت ٿئي ٿو. سچو سک آهي آتم سک ۾، پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ ۾، پاڻ کي ڪجهه به نه ڄاڻڻ ۾. من مارڻ ۾. مطلب ته من جيتي جڳ جيت."

باباڻ ٻين وچارن کي من ۾ جاءِ نه ڏيڻ لاءِ زور ڏيندا هئا. شڀ ڪرم، نشڪام ڪرم دوارا انتهڪرڻ شڌ ٿئي ٿو. ملين انتهڪرڻ ۾ ايڪاگرتا نٿي اچي. لائق پالر تيرٿ کان پوءِ

هندڙ ساوڌان ٿي ويهندو هو ۽ ڌيان سان پڙهڻ
ڪيندو هو.

بابا جن چوندا هئا ته، ڪو ڀاڳي آهي ميناس سان ملي.
ان پڙهي اُتان ميناس ٿي ميناس پيو پرابهت ٿيندو.
ڪ ڦيمتراءِ نولاٽي (حال رهندڙ پڙودا) ميٽرڪ امتحان
ڻ لاءِ پرلس مان ڪراچيءَ ويٺو هو. ماٽا آکيا ڪيس ته
جن کان وچن ڪيائي آسيس وٺي اچ، سو بابا جن کي وينتي
ڪيائين: ”بابا سائين آسيس ڪريو ۽ سنو وچن وٺو ته امتحان
پاس ٿيان.“ بابا جن مصريءَ جو سنگ ڪڍرائي ڪيس ڏنو ۽
و: ”هاڻي الي چڪ هڻ جتي ڪٿو هجي.“ لوڪ ٿيرس
پڇي وراڻيو: ”بابا سائين، مصري ڪٿي ٿيندي.“
هن بابا جن چيس: ”انهيءَ طرح گروءَ جي باڻيءَ مان به
ان وچن وٺبو ته مٺو ٿي هوندو.“
گرو گرنٿ صاحب کي ساکيات گرو ڪري پوڄيندا هئا.
ي ته گرو گرنٿ صاحب جو پرڪاش هوندو اتي ساڳئي
ب قاعدي ۽ عزت واري ورتاءَ تي زور ڏيندا جو جيڪر
ڌ داري گروءَ اڳيان ڪجي. انهيءَ سبب گروءَ جي مٿان
ل رومال لان يا اندران پترن لان هٿ ڦيري گهاڻڻ جي
راج جو وروڌ ڪندا هئا.

درويشن لاءِ صدق

بابا جن کي سنتن مهاتمائن ۽ درويشن لاءِ ڏاڍو شردا ۽
ر هو پر ڪٿان ڪهي ته سدا سنگ ۽ گذارڻ ۽ ساڻس
ح رهاڻ ڪرڻ ۾ جو ڪين آنند ايندو هو انهيءَ ڪٿ ڪير
ري سگهي. ڀلا درويش سڃاڻن درويشن کي.

درويشي کو جاڻسي ورلا ڪو درويش.

ٻيا

ڪايا مانجهس ڪوُن ڳُفا - جو شڌ نهين جن اپڻا

ڀڳوان نه اسانجي من جا خيال نه ڄاڻي ٿو ۽ ڪيترو ٻـ لڪي ڪرم ڪريون نه ٻـ هن کان لڪائي نٿا سگهون. نـ فقط اهترو پر لوڪن ۾ نه آهي ڪرم آخر ظاهر ٿي پون ٿا. پرمانند جو وانو مثل هڪ آهي ۽ ڪمهجو نه چڱو يا برو ڪرم لڪي نٿو سگهي جئن ڳنڌ يا سڳنڌ هڪ هنڌ نڪي ٿي پر هوا رستي سڀني پاسي ڦهلجي وڃي ٿـي. فقط ايشور جـي هستيءَ ۽ سندس سڀ ۾ سمايل هجڻ ۾ يقين هجي اهو گيان پڪو هجي ته ايشور آهي ۽ سڀ ڪجهه ڏسي ولنو ته منش جو هولد سڌارو ٿي پوي. وگيان جو مطلب ٿي آهي آتما جو گيان.

گرٻاڻيءَ لاءِ پيار

باباجن کي گرباڻيءَ لاءِ اڻڌو پريم هو جو هميشه سندن مکه ۾ گرباڻيءَ جو اُچارڻ چالو ٿي رهندو هو. ڪافي اپياس ڪيل هون. ڪو پريمي صاحبن مان وچن وٺندو ته اڪاگر چت ٿي ڌيان سان ٻڌندا هئا. پڙهڻ واري جـي اُچار ۾ زار يا زير جي نه غلطي ڪندو هو تـه ترت ان کي اهـا غلطي سڌاري وري ساڳـي لڪ پڙهڻ لاءِ چـونـدا هئا. دور وينا هوندا ته ٻه سندن ڌيان ڇڪجي باڻي پـڙهندڙ ڏانهن ويندو. ان ڪري دربار ۾ اَدب قاعدو ۽ شڌ باڻي پڙهڻ جي اڻڌي ته پابندي هئي جو جيتو ٽيڪ باباجن ڏيڍيءَ ۾ پنهنجي آسڻ ٿي براجمان هوندا هئا پر دربار ۾ اندر باڻي پڙهندڙ کان ڪا به چوڪ ٿيندي هئي ته هڪدم باباجن جي مکه مان وڏي آواز سان "هون" جو پر لاءِ اندر دربار ۾ پهچندو هو. ان "هون" جـي آواز ۾ اها ڪشش ۽ دهشت پرايل شڪتي هئي جـو

لڳو. ڀائي ليلاداس جي ننڍي ڀائي وشنداس آتمارام
ال رهندڙ جهوُ - ممبئي) جي ڀيڻ هئي. ڀيڻس کي ٻئي
سگهه ڪونه هو ته هن ڳالهه سندس پتا آتمارام کي چئنا ۾
و. آتمارام جي سالي مدگترام جو هڪ مسلم صوفي فقير
م حيدر سان گهرو سنبنڌ هو سو ان لاءِ زور آندائين ته
ئن ۽ ڪري درويش کان دعا پني ته ٻيائي سگهي رهي.
ڪترام صوفي درويش سان ذڪر چوريو جنهن ٻڌائين ته
ي ڇڏيس ۽ پوءِ مدگترام جي وڏي زور ڀرڻ تي چيس:
چڱو هائي توکي رستو ٻڌايون ٿا. ڀر ان ۾ هڪ هندو
ير رهي ٿو. وٽي سفيد سونهاري اٿس. ان کي وڃي
نتي ڪريو. اهو توهان جو ڪم راس ڪندو ۽ ليلاداس
ي ڪرم رهڪا مٽائيندو." جڏهن آتمارام پنهنجي نانيءَ
و لداس کي رهبري رهڻائي باباجن وٽ وٺي آيو ته باباجن
روشاه ۾ باغ جي در وٽ بيٺل هئا ۽ انهن ٻنهي کي ڏسي
يائون: "ڀلي آيا. اسين توهانجو انتظار ڪري رهيا آهيون
وهان جون ڳالهيون ته چئن ڏينهن کان اسانکي پهچي ويئون
هن." ان کهوري آتمارام ۽ ليلاداس ڏينهن ٻـ باباجن وٽ
هي وايس ويا. ليلاداس باباجن جي وچن ڪٽڻ کان انڪار
ڪيو. جڏهن مدگترام اها ڳالهه وڃي صوفي درويش سان
ڪئي ته هن هڪدم چئي ڏنو: "اسانکي پيغام پهچي چڪو
هي: 'چمبال ٻڌي، چمبال سرلر، چمبال کيمت، چمبال
اباوي اسانجي سڏارڻ کان زور آهي. هو وچن پورا ڪندو
الي سگهي.' پر وري به ان سمت وٽ وڃو. توهان جو
هن مان ني ڪلياڻ ٿيندو." پيغام جا اکر هو ٻهو جئن باباجن
ڪيندي ۽ ڳالهائيندا هئا ليڪن ڪئن صوفي درويش جهڙيا
سو ته 'ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي' مثل آهي. ٻئي ڏينهن جڏهن

جل ۾ مڇلي رهي ٿين سگهندي. سنت صحبت بنا سنت ڪيئن رهن. اهو آهي مهنت جي مهانتائيءَ جي اوچ پد جو هڪ چٽ، اهائي آهي مهنت جي سچي معنيٰ. مهنت ائين مهان. اها آهي وڏي سندن وڏائي.

سنت بابا ٽلسيرام صاحب پرگڙهن وارا (حال استان اجمير) باباجن جي سائين پريم جا پڪ پريمي، زار زار ڳوڙها ڳاڙيندا هئا. ٻه دفعا پيلواڙي استان تي درشن ڏنائون. ڳالهه ڪيائون ته ننڍي هوندي بابا ڪرپارام صاحب جن کين هڪ گوڏي تي ۽ بابا هرنامرام صاحب کي ٻئي گوڏي تي وهاري پيار ڪندا هئا. ارڙهن ورهين جا مس هئا ته گديءَ تي ويٺا. شروع ۾ پرگڙهن جي درٻارن سائين پسائي ڪئيئين. اڳي بابا هرنامرام صاحب سان دل جو احوال ڪيائون. باباجن سائين گڏجي پرگڙهن ويا ۽ ٿوري ئي وقت اندر واسو منڊل ۾ اهڙو ڦيرو اچي ويو جو بابا ٽلسيرام ٻڌائو ته سچ پچ کين گديءَ تي سکيو رکڻ ۾ باباجن جو وڏو هٿ هو. جڏهن پيلواڙي استان تي آسڻ واري ڪمري ۾ گهڙيا ۽ سندن نظر باباجن جي ساموهون ٽنگيل وڏيءَ مورت تي پئي ته هيٺ ويهي رهيا. ٻڪ ٽڪ نهاريندي اکين مان لڙڪ ڳڙڻ لڳن. اجمير ۾ وقت بوقت انهن چوڻ ۾ خوشي ٿيندي هئي ته پرگڙهن وارو بابو هرنامرام صاحب ۽ پاڻ راتين جون راتيون جاڳي رهاڻيون ڪندا هئا جن پروفيسر نارائڻ ڀاٽيا سندن جيون چرتر "روحاني رهبر، بابا ٽلسيرام" ۾ ڏيکاريو آهي.

ذات پات ڪُلُ ڌرم ديهه جا وڪار آهن. اوچ آتمائون کين انهن کان نرليپ رهي پاڻ ۾ رلي ملي ٿيون ۽ وقت تي ها ڪند ڪار رستي کيان گوشت ۾ رهن ٿيون. تنهنجو لاثاني مثال، سرگواسي ڀائي ٽيرتداس ٽڪڪداس جي جيون مان

سائين پنهنجون ڳالهيون ۽ پنهنجا مکڻ ۽ گيهه نه پوءِ پڻ پلاءُ مان
وقت ڪڏهن نه ايندي." اهو ٻڌي باباجن وري به مشڪي
چيس: "گيهه مکڻ وري ڇاجا، ديوان، پلاءُ نه تيل ۾ ٺهيل
هي، سرهه جي تيل ۾." ديوان ٻانها سڱهه کي پلاءُ اهڙو
وٺيو جو ڪٽڪو گهري گهر لاءِ به کڻي ويو ۽ وڃي گهر
ارن کي چيائين: "توهين نه اجهو گيهه پيا ڪم آڻيو. ڏسو
هن تيل ۾ ٺهيل پلاءُ ۾ ڪيڏي نه لذت آهي."

اهڙا سوين مثال باباجن جي پنهنجائيءَ جا ملندا. نول
ڪراچي (حال رهندڙ بمبئي) ڳالهه ڪئي ته هڪ دفعي هو
باجن وٽ نارو شاهه باغ ۾ ويو. باباجن ان وقت پٽ پي
هيا هئا. هڪدم آکيا ڪيائون: "نول کي به پٽ ڏيو."
ڏو ڪٽورو آيو جي پٽ جو ۽ وري مٿس مکڻ جو
ڪو پيل کيس مليو. نول ڪاڏي جو ٻلڪل سوکم هو سو
ڏو ڪٽورو پٽ جو ڏسي ڇهلي ٻهي رهيو. باباجن ڏانهس
هاري هڪل ڪيس: "پيءُ ڙي پيءُ" سندن پنهنجائيءَ
دهشت ڀرئي آواز تي نول سڄو پٽ جو ڪٽورو پي ويو
ڏاڍي موج آئس.

نول کي باباجن پنهنجي پاسان ئي سمهاريندا هئا.
هڪ رات جو پنهنجي شيواداريءَ کان پڇيائون: "بابا، کير
آهي؟" شيواداري ٿهچل چپ ڪري بيهي رهيو. پڇيائونس:
"چو ڪچين نٿو؟" ٿهچل وراڻيو: "سائين، کير به اٿرو
ڪو نه آهي." باباجن چيس: "نول کي ڏي کير." ٿهچل
کير آڻي نول کي ڏنو. نول تنهن تي عرض ڪيو: "بابا،
مونکي نه کير مان اٿري پرهت ڪانه آهي." دهشت واري
آواز ۾ چيائونس: "پيءُ ڙي پيءُ! ياد ڪندي به کير پيتو
هوم." نول کير پي ويو ۽ اڄ تائين پيو ياد ڪري.

وري آوٽرام لائيءَ کي وٺي باباڄن وٽ ويو ته ليڊي ٽنڊاس اڳ
جو پالڻ ڪيو ۽ سندس جيون ۾ جيڪو ڦيرو آيو تنهن جو
وستار هن پستڪ ۾ ٻئي هنڌ ڪيل آهي.

پيار ۽ پنهنجائي

باباڄن جي ڪرمل پاوناڻن ۾ اڪٿ پيار ۽ پنهنجائپ هئي
جا هر ڪنهن جو من پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي هئي. آزاد
هوا جيان هو سڀني ۾ سڪ ڏيندي ساري جڳت کان وشال
مهان هئا. پنهنجي رنگ ۾ رڱيندا هئا ته پنهنجو ڪري
ڇڏيندا هئا. ڪوي هري دلگير جي اکرن ۾:

جنهن رنگ ۾ ٽوڪي ڏسان خوب ڏسان تو
نظرن ۾ ڇپيل ٽوڪي اي محبوب ڏسان تو.

بابا شيوارام باباڄن جي ان پنهنجائيءَ جو مثال ڏيندي
ٻڌائي ته هڪ دفعي ٽارو شاهه ۽ ديوان ٻالها سنگهه هنگوراڻي
باباڄن کي باغ ۾ گڏجڻ ويا. باباڄن اڪثر ڪري انبن جي
ڏينهن ۾ پنهنجي باغ جي انبن جو پرشاد هر ڪنهن پريميءَ
کي کارائيندا هئا. ڪن ڪن ته وري مٺا انب کارائي انهيءَ
مٿان ٿڌو کير گلاس جو پيئاريندا هئا. کير ٺڪر
جي ڪنگرن ۾ وجهي انهن کي پڪائي ٻڌي ڇڏيندا هئا ته
پيل پيو ٿڌو ٿئي. ديوان ٻالها سنگهه کي ٻه انب کارائي پوءِ
ٿڌو کير پيئڻ لاءِ ڏنائون ۽ مٿان پڇيائونس: ”ڪيئن ديوان!
کير ۾ مٺاڻ پورو هو.“ ديوان ٻالها سنگهه ورائيو: ”هائو
سائين، بلڪل پورو هو.“ باباڄن بس چئي ڏنس: ”مٺاڻ
وري باني جو هو، کير ته پنهنجو پاڻ مٺو هو.“ اچي سڀني ۾
ٽهڪڙو پيو.

ٻئي دفعي وري ديوان ٻالها سنگهه کي ٻار ٿيل پلاءُ
کارائي پڇيائونس: ”ديوان، پلاءُ ڪيئن هو؟“ جواب آيو:

...وني هوندا ڪين لوڪن جي آدارتا مان شيوا ڪري سگهجي.
...مين هوندي ۽ ڳائيون ميٺيون به رکي سگهيون، پوءِ اُن
...مهنجو، ڀاڄيون به پنهنجيون، کير، مکڻ ۽ ڏڌ به پنهنجو
...دل اوڏو ڪاٺي به ڇو؟ بابا ڪنهن ڪري رکڻ مان نه
...ٺندا ئي ڪين هئا. چوندا هئا: ”ڌن اُٺُ ڌوڙ، ڌوڙ کي
...جهو ڌوڙ (زمين) ۾ ۽ پوءِ پاڻ به کائو ۽ ٻين به کارايو.“
باباجن جي هن آدارتا ورتي پٺيان لياڳ جو رهسيه سمايل
...و. بابا جو لياڳ ڪرڻ سان، ڪين لياڳ ڪرڻ جو ايمان ڪين
...و. دان ڪندا، پيا ڏيندا ته ٻه وٺندڙ پاڻ لئي اهو احسان
...مجهندو ۽ نه وري پاڻ اهڙي ڏيکاري ڏيندا. مهراج
...ڪاراه پت (حال رهندڙ اندور) ٿانو ڀيلواڙي استان لئي
...هو. ڳالهين ڪندي ٻڌايائين ته ٿاروشاه ۾ رهندي باباجن
...ـي وٺتي ڪيائين نه اڄ لاءِ ڪير ڪيهي. ٿهه پهه باباجن به
...يس: ”ڳاءِ جي سنڀال ڪري سگهين نه ڪاهي وڃ.“
...ن به ٿاڌي وائل ڳاءِ چوندي ڪٿين. اهڙي هئي سندن
...لياڳ جي ورتي ۽ آدارتا.

ماس مڌرا کان پاسو

ساتوڪي ورتيءَ لاءِ ساتوڪي آهار لازمي آهي، ڇو ته
...هڙو اَن تهڙو مَن. گيتا جي اڌياءِ سترهين شلوڪ اٺين ۾
...ري ڪرشڻ ڀڳوان صاف فرمايو آهي ته ساتوڪي پرش کي
...هي ڀوڄن پيارا لڳندا آهن جي آيُو، ٻڌي، ٻل، تندرستي،
...کھ ۽ پريتيءَ کي وڌائڻ وارا، رسدار، پورا پڪل، قوت
...خشيندڙ ۽ سڀاوڪ من کي وڻندڙ هجن. کٽا، ڇهرا ۽ تمام
...رم کاڌا ته راجسي پرش جو ئي کاڄ آهن. انهيءَ ڪري ماس
...ڌرا جي ورتاءَ لاءِ باباجن کي ڪافي گرهان هوندي هئي.
...ونءَ به ماس مڌرا ورتائڻ آهي زبان جي لذت وٺڻ جا

وڌيڪ ٻڌايائين (حال ۾ هندو ڌرم ۾) ته اهڙي پيار ۽ ڀائپيءَ
کي ياد ڪندي ٻڌائي ٿو ته سنڌ سومت ڀائي ڦتو دري
صاحب ۾ ڏنل هو. هو اهڙو لوڪ پنهنجي مٽيءَ ۾ مست
رهندو هو. باباجن ڀائي ڦتوءَ کي چوندا هئا: "ڀائي ڦت
پنهنجي سومت کي ڏيو ۽ ڏند ڪاڙهو اٿئي؟" جهڙي ڀائي
ڦتوءَ ورائيو: "ڏند نٿو پٽي." وڌيڪ زميداري ٻار هو. ڪي
مڪرڻ سان گهڻو شوق هوس، پر ڏند سان پولدي ڪانه هئس
ڀائي ڦتوءَ جو جواب ٻڌي باباجن وڌيڪ کي چيو: "سچ
زميداري ٻار آهين يا گامڙو آهين. تون ڏند ٻئي ڏس جي
نه ونيئي ته جوابداري اسانجي." وڌيڪ پوءِ ڏند جو ڪنورو
هٿن ۾ ونئي، گهڻو ڏنئي پئي وڃو. پس ان ڏينهن کانپوءِ وڌيڪ
ڏند پيڻ ته سکيو پر باباجن لاءِ شرڌا به وڌي ويس.

اُدارتا

"اڪ داوي دس پاءُ" جو مطلب اهو ئي آهي ته ڏيڻ
لاءِ هٿ ۾ هردو ٻئي ڪولي رکجن. ڏڻو آهي ته ڏئي
ڇڏجي. ڪولي ڏجي يا گهڻو ڏجي پر جو ڪجهه ڏجي ته ان
جو ورڻن نه ڪجي. اهو ئي آهي دان جو گڻ. ڪنهن دڪاندار
سان منڙو ٻول ٻولڻ، ڪنهن ڪرمل سان پريم ونڊڻ، اهي
اهڙا ساڌن آهن جن ۾ پراپڪار جي ڀاونا سمايل آهي.

باباجن اُدارتا جي ته مورت هئا. سڀو وقت ڪليل ڀنڊارو
پيو هلندو هو. ڪو به ڪيڏي مهل اچي، پل پوءِ رسوئيءَ
جو وقت هجي يا نه، ڀنڊاري مان نڪر ڏيوڻي جو گهراڻي
کيس کارائيندا ۽ مٿان ڏند جو ڪنورو پيڻ لاءِ ڏيندا. ڪيترا
پيڻ لاءِ لٽائيندا هئا، ان کي به زور ڪري پيارينداهئا.
عجب نه انهن کي به ڏند پيڻ کانپوءِ اکثر ئي اڳيندو هو.
حقيقت ۾ زمين وٺڻ ۽ وڌائڻ ۾ ٻه سنڌن مول سڌانت

سندس گهٽ ۾ اچي ويٺا. تارومل وارا اهو ڏسي خوشيءَ ۾
ه ٻيا ماڻهن. گهوٽ جي مرضي مطابق، جا سڄ پڄ باباجن
ي ڪري ڇڏيا هئي، سمورو واهڻو طعام تيار ٿيو جو ڪائي سڀ
رسن ليا ۽ سيڌي جي پٺ رهجي آئي. تارومل کي ٻاهرئون
زمودو ساد هو سو هيءُ ڪوڙڪ ڏسي باباجن ڏان ٻلهار
ر وڃي.

خوش طبع

باباجن جن جو چهرو سدائين ٻيو ٻهڪندو هو. سندن
ٽڻ ۾ نوراني نور ٻيو ٻهڪندو هو. جنهن ڏانهن به نهار ڪٽي
هاريندا هئا ته نهال نهال ڪري ڇڏيندا هئا. گڏوگڏ ان جي
ندر جو حال به جهٽ ونندا هئا. سندس ماضيءَ ۽ مستقبل
جو مجهه به لهي ونندا هئا. مطلب ته سندن شڪتيءَ جو
ورو احساس لڳائڻ مشڪل آهي. پنهنجن پريمين جي
رگهور ائين لهندا جو سؤ ڪوهه دور هوندي به هميشه
هنجيءَ مهر جي نظر ۾ رکندا ايندا.

عجيب شخصيت هئي باباجن جي! دهشت اهڙي هوندي
ٽن جو سائين ڳالهائڻ ۾ به همت ٻڌندي هئي. جهڙو ايندو
سو، پير پير ۾ پيائي، ادب سان اچي ويهندو هو. ڊر
يڪڙيل هوندو ته خيال سان ڪوليندو، جنهن آواز نه ٿئي؛
هيءَ هوندي به هو هردم خوش طبع رهندا هئا. اهل پريميءَ
ي جوکو سنڪار ڏيئي وهاريندا هئا. ڪيس ڪلائڻ جي ڪوشش
ڪندا. جي ڪا مٺائي پرشاد طور آندي هوندائين ته ٻالڪن
ي سڏ ڪندا. انهن ڏي نهاري ڪڇڻ نوهڪڻ لڳندا.
چوندا: ”ڪير کائيندو؟“ ۽ ٻارڙني جواب ڏيندا: ”ڪير
ڪو نه کائيندو.“ ٻالڪ ڊوڙندا چوندا ايندا: ”سائين اسين
کائينداسين.“ پوءِ هڪ ٻالڪ کي چوندا ته هاڻي جهڙي مٺائي

لياقت ورنديءَ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي ڪري. ڪنهن به ملڪي پرش لاءِ اهو ضروري آهي ته رسما جو لياقت ڪري، چت نرمل رکي. گر واڻيءَ ۾ آيل آهي.

مجهه مهلا پهلا

"جو رس لڳي ڪپڙي جاما ھوءِ پليت
سو رت پيوي ماڻسا اُنِ ڪيون نرمل چيت."

اهو ئي سبب هو جو ڪو پرماڻي شاديءَ لي اچڻ جي ليڪ ڏيندو هون ته پڇي پڪ ڪندا هئا ته ماس مدرا جو ورتاءُ ڪين ڪيو ويندو. هڪ دفعي ناروَمل ڪنڙو (حال رهندڙ راجڪوٽ) جي پرڻوان، دلارام جي پٽ گهمنڊداس جي شادي ٿاڪيءَ ۾ هئي ته سڀني کي نوتو ڏئي گهرايائون. ناروَمل به شاديءَ لي آيل هو. شاديءَ جي مجلس ۾ ناناڻين جي زور پرڻ لي ماس تيار ڪيو ويو. باباجن کي جڏهن اها خبر پيئي ته سواءِ پڌائڻ جي پنڌ روانا ٿي ويا. ناروَمل به ساڻ ويو. ٿاڪيءَ جو ڳوٺ پدعيدن اسٽيشن کان انڪل ٽي ميل پري هو. پنڌ ڪري اچي پدعيدن کان گاڏيءَ ۾ ويهي ۽ واپس ناروشاهه پهچي ويا.

ٻئي دفعي ناروَمل جي پٽ جي شادي هئي. مڃ ڪٽي هالاڻيءَ ويا. باباجن به ساڻن گڏ ويا ۽ پاڻ وڃي هالاڻي دربار ۾ ٿي سرويداس صاحب جن وٽ آسڻ ڪيائون. سٺاوڙي ڏينهن گهوٽين زور ڪري ليوڻ وٺي موڪلين ته تيار ڪن. ناروَمل وارن کي ته ماس ورتائڻو ئي ڪين هو سو ڏاڍو مجهي پيا. سائينءَ جي آپار ليلا! گهوٽ کي جيئن خبر پيئي ته ڪنوارڻن کي ليوڻ تيار ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي ته هن جو مرڳوئي سٺاوڙي لي وڃڻ کان ناڪري واري ته چي: "ڪنوارڻتا ليوڻ ڪندا ته مان ڪين ويندس." جڻ باباجن

هڪ دفعي ڪنهن ٻڍڙيءَ سنتن کي پنهنجي فوٽي ڏيڻ
[ل]اءِ ويلنتي ڪئي. سنتن پڇيس: "ڇا ڪندين؟" جواب
[ڏ]نائين: "بابا سائين، پنهنجي سهڻي واري ڪمري ۾
[ٽ]نگيندس جتي سهڻو وقت ۽ صبوح جو اٿڻ وهڻ باباجن جو
[د]رشن ٿيندي." "۽ اسين پيا سڀو وقت توهانجي رام ليلا
ڏسون، ائين نه؟" باباجن مشڪندي وراڻيو. ويچارو ٻڍڙي
[د]نگ رهجي ويو.

شيوا ڀاءُ

شيوا ٽئي من جي، تن جي، ڌن جي ۽ واڻيءَ جي.
ڪنهن دکيءَ جي دل وڻڻ آهي من جي شيوا. پنهنجن
وڏن، ساڌ سنتن ۽ گرن جي هٿن سان ٽهل ڪرڻ ٿي تن جي
شيوا. دان پُن ڏيڻ آهي ڌن جي شيوا ۽ واڻيءَ جي شيوا
آهي مٺا ٻول ٻولڻ ۽ ٻين جي دلجوئي ڪرڻ ۾. شيوا مان
من نرمل ٿئي ٿو ۽ روحاني راهه ۾ پهريون ڏاڪو آهي پنهنجي
من کي ماري مٽي ڪرڻو. چيو ته 'من جيتي جڳ جيت.'

باباجن شيوا کي مکيه درجو ڏيندا هئا. هوُ هر ڪنهن شيوا ۾
ٻرڪ هئا. گروءَ جي شيوا ۽ شهن شيوڪن جي شيوا،
دکين دردمندن جي شيوا، آئي وئي جي شيوا، بيماري،
باغ ۽ ڌرتيءَ جي شيوا، پکين پکن جي شيوا، مطلب ته
هر شيوا مان کين پرسنتا پراپت ٿيندي هئي. پاڻ ته شيوا
ڪندا ۽ پنهنجن ٻارمين ۾ به شيوا جو ڀاءُ چٽيندا رهندا. هوُ
سمجهندا هئا ته هر هڪ جگياسوءَ لاءِ 'هڪ شيوا، ٻي صبوري
۽ ٽيون نيم نيم ضروري آهن، سندن اهو نشچو هو ته شيوا
ڀاءُ سان انسان اوچيءَ منزل تي رسي سگهي ٿو. ڪليو چوندا
هئا: "جنهن پنهنجي من کي ماري شيوا ۾ لڳي
پنهنجو جيون سمرپڻ ڪيو آهي. تنهنکي ٻيءَ ڪنهن ته

آندي آهي انهن کان حال احوال وٺ ۽ هر هڪ جو شرو...
ٿي ويندو: ”خوش آهيو، چاڪ آهيو، ٻرسن آهيو، ٻار ٻچا...
خوش اٿو، ٻنيون ڀريون ٿيا، اٺ جوڙا، ڪڙ پوندو ٿيو ٿيا
ڳائيون، مينهون، ڍور ڍڳا، ڪانو ڪبوتريون، ڇپر ڪيون
ڪبوتر، ٻليون ٻارا، جانور جيڪي آهن، سڀ خوش اٿو.“
اس پوءِ اچي پوندو ٽهڪڙو. واهه جو چهچٽو مچي ويندو.

دربار جي هر هڪ ٻار لاءِ سندن الڳ نالو هو، جنهن سان
پاڻ سڏيندا هئا. ڪو نور ته ڪو چمڙو، ڪو جهوڙيو ته
ڪو لوڙيو ۽ ٻيا ڪي ڪوٺيندا هئا پولي. سو جڏهن
ڪنهن کي سڏ ڪن ته هو پاڻ ته ڪلندو اچي پر وڻل ٻه پيا ڪلن...

ساڳئي طرح ڳائين، مينهن، گهوڙن لاءِ به نالا
وڪيل هوندا هئن، جن سان کين سڏيندا هئا ۽ هو به سڏ ٻڌي
نيڻ ڪٽي ڪن ڦڙڪائيندا هئا. ڪيڏي نه سندن پريم جي
درشني هئي.

شري آسنداس گيانچنداڻي (حال رهندڙ دهلي) باباجن
جي خوش مزاجي ياد ڪندي لکيو ته سندس هڪڙي پٽ
جو نالو چاندو هو. هڪ دفعي جڏهن باباجن وٽ نارو شاهه
ڪنيا ٿي آيو ته باباجن ٿا چون: ”جو تنهنجو پٽ چاندو
ٿو ڳائي، ٿو چئو ۽ مون چيو تنهنکان ته اسانجو شيوو سٺو ٿو
ٿو ڳائي.“ ويچارو آسنداس هڪو ٻڪو ٿي ويو. جواب ۾
چيائين: ”سائين منهنجو پٽ ته ڳائيندو ڪونهي.“ انهيءَ
تي باباجن کلي چيو: ”چاندو (جو پوءِ ماسٽر چندر جي
نالي سان پرسڌ گائڪ ٿيو آهي) آسن جو پٽ نه آهي؟“
آسنداس وراڻيو: ”سائين! اهو آسنداس ته حلواني آهي.“
وري کلي فرمايائون: ”تون آسن ڪونه آهين؟“
ڪيڏي نه خوش مزاجي!

اهو ٽڪرن ميڙڻ جو ڪم گهٽ ٿالڪن ٻنهي خواهه
ارو شاهه ۾ ڪيو. ٻانهل ٿائر، مٺو ۽ منو واڌواڻي (بمبئي)
ڪراچيءَ ڪاليج ۾ پڙهندي جڏهن ٻنهي جي دربار صاحب
ر ڪچ ڏينهن اچي ٽڪيا ته هڪ ڏينهن ٻاٻاڻن کين ٻنهي
جي ڪلو واري زمين ۾ ٿتر ڪٽڻ جي ڪم لئي رکيو. ڪافي
وقت ڪم ڪندا رهيا. اونهاري جا ڏينهن هجن سو کين
پياس اچي ستائو. آگيا موجب مليل ڪم پورو ڪري ڇڏنو
هون، سو پٽي سوچيائون ته ڇا ڪيون ته پرڀان ٻاٻاڻن کي
ٻهدو ڏنائون. ٻاٻاڻن ٿاڻ سان لوٽو پاڻيءَ جو ٻرالي ٿئي
آندو ۽ آواز ڪري چيائون: ”ٻاهل! اسين اچي ويا آهيون.
توهان وٽو پاڻيءَ جو لوٽو ۽ ٻي موج سان موٽو.“

ڪيڏا نه مهروان! سڀ درشٽي رکندا هئا. دوريءَ لئي
هوندي به دل جو حال ڄاڻي وٺندا هئا. ●

ورنا جي دروڪار ڪانه آهي." بابا شيوارام جن ڳالهه ڪندا آهن ته سندن ذاتي خواهش هئي ته راماڻ جي ڪٿا باجيءَ تي پڙهن ۾ نئي، پر دربار جي ٻاهر سگهڻ وڃون. باجو ته سنو جاڻندا هئا ته قدرت ڪلو ۾ رسيلو ڏنو هون، سو بابا جن سان وجهه وٺي ڳالهه چورائون. باباجن ٺهه پهه چئي ڏنو: "چا مهلائن ڪي موهڻو انيئي؟ شيوا ۾ لڳو رهه ته سڀ ميوا در اندر ئي ملندءِ، در جي ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ئي ڪانه اٿئي. ياد رکه:

گهٽا پڙهيا ڪس ڪام ڪا، جو بن رهٽيءَ ٺيڪا
دادو نقطا نام ڪا، نوراني نيڪا.

سندن سهڻي صلاح ۾ ڪيڏو نه سچ سمايل هو! بابا شيوارام جن ورور ڪري اها ڳالهه دهرائيندا آهن ته پنهنجن هٿن سان شيوا ڪرڻ ۾ باباجن کي ايڏو ته آنند ايندو هو جو ڪڏهن ڪو مهمان جي اچي نڪرندو هو ته پاڻ پنهاري ۾ وڃي، نڪري پچائي، ان کي کارائيندا هئا؛ ٿئي کي سڏ ڪين ڪندا هئا.

سڄو وقت باباجن ڪنهن نه ڪنهن شيوا ۾ لڳايو رهندا هئا. مکه ۾ پاٺ پيئي هلندي هئن. ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان آر ڪين ڪندا هئا. جيڪي پرامي جتي به سندن درشن لاءِ ايندا هئا ته، انهن کي به ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رتل رکندا هئا. ساڳئي وقت رهسيه پري وارتا به هلندي رهندي هئي. مرماٺن سان سکيا ڏيندا رهندا هئا.

شري آسنداس گيانچنداڻي (دهلي) اهي ڏينهن ياد ڪندو آهي جڏهن ننڍي هوندي باباجن وٽ نارو شاهه باغ ۾ ويندو هو؛ باباجن ڪانٽس باغ ۾ نڪرلون ميڙائڻ جو ڪم وٺندا هئا.

شري جهامنداس ميلواڻي (بمبئي) باباڻن جو هيءُ گڻ ياد
ڪري ائين چوڻ کان ڪين گسي ٿو. باباڻن جو سنگ ڪرڻ
سان سندس جيون ۾ وڏو ڦيرو آيو. هو رڳو پاڻ ڳڻ گراهڪ
ئي پنهنجي جيون کي ضابطي ۾ رکڻ جي عادت پرائين ۾
پيا سندس گهر جا ڀاتي به ڪيس ڏسي قاعدي ۾ رهڻ جو
پرتن ڪندا هئا. ائين ڪرڻ سان سندن گهر جو واهو منڊل
ئي اوڙ ٿي پيو. ته ته شاهوڪاري ڪٽنب جا ٻار ڪٿن پيا
هلن سو ته ڪنهن کان ڳجهو ڪين آهي.

نيم جا پابند

'وقت پڇاڻي سو ٻڌا هوندا.' جنهن منش وقت جو قدر نه ڪيو، جو نيم نيم لاءِ پرو نه رهيو، اهو منش ٿي نه ليکبو. انسان جو هر هڪ سواس قيمتي آهي ۽ جو وڃائڻ نه جڳائي. باباڄن وقت جا سخت پابند هئا. سڀ ڳالهه نيم نيم سان ٽيڪ لاءِ زور ڏيندا هئا. اهو قانون پهرئين پنهنجي جيون سان لاڳو ڪيائون. اٿڻ وهڻ، کائڻ پيئڻ، سمهڻ جاڳڻ، ستسنگ ڪيرتن، پوڄا پاٺ، مطلب ته هر پرڪريا ۾ وقت جو خيال رکندا هئا. دادا ڳالهه ڪئي ته هڪ دفعي پريان جي دربار صاحب ۾ ڪنهن شيءِ آسوءَ لاءِ پاٺ صاحب جو ڀوڳ پائڻ سمي، جنهن شيوڪ اُداس بيٺي پالي لنهن ڪافي دير لڳي. هڪ گرمي، ٻي سنگت جي ڀيڙ، سو لمبي اوداس ڪندڙ ڪي باباڄن پريان ٿي هڪل ڪري جلد سماپت ڪرڻ جو آديش ڏنو. هو سچ پچ مهانروڪلپ هئا. پرورتيءَ جو پالن ڪندي به نورتيءَ جو ڌيان رکندا هئا.

باباڄن جو پاٺشي جو اڏو ضابطو هو، سو پنهنجن پريمين ۾ به ضابطي ۾ رهڻ جو ٻج ڇٽيائون. هو به وٽن ايندا ته سوچي سمجهي پير کڻندا. در ٻيڪڙا هوندو ته اٿين کوليندا جئن آواز نه ٿئي. سڀئي حاضريءَ ۾ چپ ڏيئي هلندا. سواءِ ضرورت جي مک کي بند رکندا پر ڪنن کي سچيت رکي باباڄن جي آنند مئه وچن کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪندا.

ه صاحب به فرمايو آهي:

چاڪي وڃي چئو، ٻيلي ٽئين ٽئين جو
وٽ ڪنجڪ ڪرڻ جي، جڳ جو والي جو
سُهڪو هوندو سو، جنهنجو عشق الاهه سين.

بابا جن کي به هر وقت طلب هُئي ان طالب جي. دانا
ي ڏيا لاءِ هر ويل هر پل پيا پڪارين. ورلو ڪو مهاپوش
وندو جنهنجي اندر ۾ اٺ ئي پهر ساڃ نا هوندي، سدائين
و آزيون نيزاريون ڪندو، پنهنجي پريو پرميشور کي
ڪاريندو، متي مالڪ سان رهاڻيون ڪندو. ست هوش
ي جي پيا پاڻ کي لڪائين، پاڻ پرپوءِ جو لڄلو پسڻ لاءِ
هرڻن لڄلي ۽ چمڪاٽ ڪان پاڻ کي پاسيرو رکن. سندن
ول اهو:

چنڊ! مَ آءُ چڙهي؛ سکهو ڪر مَ سوجهرو
اسان پرين پاڻ ۾، گهارڻ ڏج گهڙي
لو پڻ هوندو سري، جي پلڪ پانهيرو ايرين.

بابا جن به رات جي ايڪانت ۾ مالڪ سان ميلاپ ڪندا
ها، وليءَ سان وصل ڪندا هئا. اکيون پل پور پل هجن، پر
ن سدائين سڄاڳ. هڪ رات جي ڳالهه آهي. ڪشن واڌواڻي
حال رهندڙ دهلي) پنهنجي مارومت ۽ بابا جن جي پرميءَ
ڪشن هنگورواڻي سان گڏ ناروشاهه ڪنيا تي رهيل هئا. رات
و ڪاني پي بابا جن واري ساڳئي ڪمري ۾ سمهي پيا. بابا
ن ڪت تي ۽ هي ٻئي پاسي ۾ پٽ تي. رات جو ٻارنهن
ايا ٻارنهن لڳا هوندا جو ستن پاسو ورائيندي پڇين: "ڪيئن
با سڪيا سمهيا پيا آهيو؟" ٻنهي جون اکيون پٽي پئيون
و 'ها، سائين' ڪري سانت ۾ رهيا. وري اٽڪل ڏيڍ
ڇي ستن پڪاريو: "پاڻي ڪشنا، جاڳو ٿا."

سمرن ڏينهن ۽ رات

ويدن ۾ آديش آهي ’اوم سمرن‘ جو. ان ابياس
اڪثر پورن پرماتما جو سمرن ڪرڻ جو اپاءُ‌ٿيار، پوش
رکڪ ۽ آنند داتا آهي، هر جيو لاءِ لازمي آهي. هن بنا
سهارو ڪين آهي. هو اڳي به هو، هاڻي به آهي ۽ پو
هوندو. جو ڪٿي ڏسجي نٿو ته به ويجهي ۾ ويجهو متر آهي
هو ئي سڀني دکن جي دوا آهي، سڀئي ڪشٽ نوارڻ وا
آهي، سندس طاقت جي مٽ ڪا طاقت ڪانه آهي، جنهن
پرڪاش سمان ٻيو پرڪاش ڪين آهي، هو اوچ کان او
آهي، هو ئي سچي سک جو داتا آهي، امرت ڀنڊار آهي
سرو سمرٿ ۽ پرپورڻ آهي. ان جو سمرڻ ڪرڻ سان جي
ان ۾ سمائجي ٿو وڃي، جيئن لوهه باهه ۾ پوڻ سان باهه جيا
لپي لعل ٿي پوندو آهي. اهڙي الک، اپار، سرو شڪتيوا
کي هڪ پل به نه ڀلائجي. ان جي چرنن ۾ رهڻ سان ڪال
ويجهو ڪين ايندو.

سمرءُ، سمر، سمر سک پاوءُ
ڪل ڪليش تن مانهه مٽاوءُ (سکمني)

بابا جن جي مک ۽ هردي ۾ به بس ان هڪ جي ئي ڌ
چالو هئي. اٿندي، ويهندي، جاڳندي يا ننڊ ڪندي نا
جي اوٽ ڇڏيندائي ڪين هئا. سندن ساري واڳ هئي ڌڻي
جي وس. اهڙو هو سندن اٽل نشچو. الهيءَ ۾ ئي رضا
راضي رهڻ جو راز آهي جنهن ۾ دک سک کان مٿي سرو آنند
جو سار سمايل آهي ۽ شرڻاگت جي رمز رکيل آهي. ان لا

جاڳي جن ياد ڪيو ساري رات سبحان
انهن جي شاهه عبداللطيف چوي مٿيءَ لڏو مان
ڪوڙين ڪن سلام اچي آسڻ ان جي

جن ۽ برهمڻن کي ٻابا جن سان راتين گذارڻ جو سؤ ڀاڳيه
لن سيني کي اهڙن آزمودن جا داستان آهن. ٿن ٻابا جن
انهيءَ پڪتي، ڏينهن ۽ رات! ساڳئي وقت برهمڻن کي جاڳرت
سڪيا ملندي هئي. آتمڪ اُنتيءَ جي راهه ۾ ننڊ ٿي
ان رنڊڪ آهي جنهن کي دور ڪرڻو آهي. شاهه صاحب
اکرن ۾:

سُتا اُٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳ ننڊن ڪندي نه ملي.

پلا ٻنهي جو نالو ڪشن، سو ٻئي ڄڻ ڪري پيا اليا. سنتن
چين: "چڱو بابا سمهي پئو." اڃا اکيون مس ٻُٽيا ته وري
بابا جن سڏ ڪيو: "پاڻي کڻو، جاڳو ٿا؟" ٻنهي سجاڳ
ٿي 'هائو سائين' ڪئي. سنتن چين: "هاڻي ته اسانکي ٻـ
ننڊ ڪانه ٿي اچي. ڪو پرسنگ ٻڌايو." ٻنهي چين: "پرسنگ
ته بابا سائين اوهان صاحب ٻڌايو." جواب ۾ آکيائون: "اڄ
اسانکي لوهاڻي پرسنگ ٻڌڻ لئي دل ٿي آهي، سو لوهين
ٻڌايو." انهيءَ لئي ڪشن هنگورا ڏيئي چيو: "بابا سائين،
ننڍي هوندي اسانکي ڏاڏي، سائين وسڻ شاهه جون ڳالهيون
ٻڌائيندي هئي. آگيا ڏئي ته اهي ٻڌايان." بابا جن چيو:
"ٺيڪ آهي، شروع ڪر." ڪشن هنگورا ڏيئي پوءِ ٻڌائڻ
شروع ڪيو ته، ڪئين هڪ مائي سائين وسڻ شاهه کي پنهنجو ٻار
سنڀالڻ لاءِ ڏئي وئي. وسڻ شاهه پنهنجي رنگ ۾ مست
هو. هوڏانهن ٻالڪ راند ڪندي وڃي هيٺ درياهه شاهه ۾
ڪري پيو. مائيءَ سائين وسڻ شاهه کي پلو پاتا ته ڪئين ٻـ
ڪري ٻار واپس ڪن. وسڻ شاهه پوءِ ٽپي هٽي ٻار کي واپس
آندو. ٻئي دفعي سائين وسڻ شاهه جو هڪ پريمي ڀڳت جون
ڳوٺيون پرائي پٺي ڪٽي آيو ته وات لئي پڪڙجي پيو. اڇي
سائين وسڻ شاهه جي شرڻ ورتائين. وسڻ شاهه چيس هاڻي
جي ڪيس هليئي ته ڪورٽ ۾ چئج ته ڳوٺيون ۾ ڀڳت ڪان
هئي پر اڪڙ. ڪيس هليو. جاچ لئي پتو پيو ته سچ پچ پڪڙ
هئي ڪانه ۽ پريمي ڇٽي ويو.

انهن ڳالهيون ڪندي رات وهامي. بابا جن جي سنگ ۾
گذاريل ان رات ٻنهي ڪشن جي دلين تي عجيب اثر ڪيو
هنن ڏٺو ته بابا جن ساري رات خير ڪا اک لڳائي ۽ سڄو
وقت پنهنجي پريتم جي ڀڄار ۾ لڳا رهيا. سچ ته:

ڀڳوان پنهنجي امانت سنڀالي ورتي. هر ڪنهن ڪائيءَ سان هو خوشيءَ ۾ نچندو ۽ ڳائيندو شمشان ڀوميءَ تائين ويندو هو. هڪ ڏينهن سندس نوجوان پٽ جو مرتيو ٿيو. هن کي ڪٺي هاڻ لڳا ته ان ڪائيءَ سان به هن کي ساڳي ڪار ڪرڻي هئي، پر ته ٻين کي هو اهڙي سکيا ڏيندو هو. البت هنکي ڇرڻ ۾ ٿورو ڀوڻ لڳو. ڪنهن چيس: ”ڀڳت صاحب! اوهان جا پير ٿڙڪي رهيا آهن.“ چيائين: ”ڀائي برابر، مونکي به موهه اچي اندر ۾ گهيرو ڪيو آهي ۽ ان سان جنگ ۾ منهنجو سارو بدن ڏڏي ٿيو، جنهنڪري پير ٿڙڪي ٿا وڃن.“ مطلب ته موهه بلوان آهي. گيانوان انسان موهه جو تياڳ ڪندا آهن. هن کي جيتڻ لاءِ ان سان لڙائي ڪندا آهن. اهو ئي سبب هو جو باباجن ڪنهن به وقت آسڻ ڪندا هئا ته پاڻکي هن سان بدل ڪين ورکندا هئا. اهڙا ڪيترا مثال آهن، جڏهن ٻيا ٻڌائڻ جي هو پنهنجن پيارن جي گهرن مان نڪري موٽي پنهنجي ماڳ پهچندا هئا. من جيتڻ جو اهو ئي هڪ مارگ آهي. ’من جيتي، جڳ جيت.‘ باباجن موٽي ويندا هئا ته پوءِ سندن پچائن ۾ ڪين پيا ٿڪار ٿيندا هئا.

باباجن گهڻو تڻو اڪيلي مسافري ڪندا هئا. مسافريءَ ۾ اهڙو ئي سمر ڪٽيندا جو پاڻ ڪٽي سگهندا هئا. وقت لي وڏيءَ مسافريءَ لاءِ جي ڪو ساٿي ساڻ هوندن ته ٿورڙن ضروري شين لوٽو وغيره خرزين ۾ کڻندا هئا. هڪ دفعي ڪراچيءَ وڃڻو هون سو واسومل چانهينءَ واري کي تيار ڪيائون ته گڏجي هلي. واسومل خرزين کڻي لي ڪنڌين، موٽر ۾ ويهي پرا روڊ اسٽيشن تي آيا، جتان ريل گاڏيءَ ۾ ويٺا. واٽ تي نواب شاهه ۾ لٿا ۽ ورتي ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا. باباجن ڊاڪٽر پرتاب راءِ للسياڻيءَ جي گهر آسڻ ڪرڻ جو ويچار

سچا ويراڳي

باباجن چئيندا ته هر ڪنهن کي هئا، جيئن ته هر چيز سان هئڻ، لکهن هوندي به ورتي هر هڪ سان نرموهيءَ واري. ڇو ته من رهندو ئي رهندو هون رام سان:

’مک ۾ رام، من ۾ رام، هر پهر پلڪ بس رام ئي رام‘

هڪ اوتار جو اهو نيم هوندو آهي ته هو ڪمل جي گل جيان جل ۾ رهندي به جل کان پياسي هوندو آهي. هو جل جي مايا کان اسنگ هوندو آهي. اهڙا مها پرش سچ پچ ته سچا ويراڳي آهن ۽ سنسار ۾ سچو سک ماڻين ٿا. گيتا جي اڌياءِ پندرهين جي سلوڪ ۳ ۽ ۴ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان فرمائي ٿو ته هن اهنڪار، ممتا ۽ واسنا روپي تمام پڪي پاڙن واري سنسار روپي وڻ کي دڙي ويراڳ روپي هٿيار سان ڪپي، منش ان پرم پد روپي پرميشور کي پائي سگهي ٿو، جتي پهچي وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي. سو ويراڳ روپي هٿيار جنهن جي هٿ ۾ آهي، اهو ئي هن دنيا مان ڪٽي هلندو.

باباجن ۾ اها ويراڳ ورتي اهڙو وڌيل هئي جو هر ڪنهن سان پريم ڪندي به هو نرموهي رهندا هئا، ڇو ته نرموهي رهڻ آهي پنهنجي وويڪ کان ڪم وٺڻ. جي وويڪ ڪمزور هوندو ته موهه زور پڪڙيندو. موهه جي جکڙ ۾ بعضي ته وڏا وڏا مهاتمائون به جکڙجي ويا.

ڇڄو ڀڳت لاهور ۾ هڪ وڏو وشواسي ڀڳت ٿيو آهي. جڏهن ڪو شهر ۾ مرڻو ٿيندو هو ته هو شڪر ڪندو هو ته

پاڙو ۽ آبو آمان

انسان اهو جو پنهنجو نه ڀلو چاهي پر هر ڪنهن جو ڀلو
و چاهي. ڀلائيءَ ۽ سچائيءَ ۾ ڪو خاص فرق ڪونه آهي.
الي جيون جو اهو اوچي ۾ اوچو آدرش آهي. ان آدرش
ي اپنائڻ لاءِ ڪيترن ڪشٽ ۽ تڪليفون سهڻيون پون ٿيون.
ڪيترا دک ڏسڻا پون ٿا. ڇو ته جيون ۾ ڀلائي ۽ سچائيءَ
و گهٽ پيدا ٿي سگهن ٿيندو جڏهن ان مان برائي ويندي.
جڏهن انسان جا هر قسم جا وشواس ۽ عقيدا نج سچائيءَ ۽
لائيءَ تي هجن، اهو واقعي وڏو پريمي آهي، پورو عاشق
هي ۽ هر جيو آتما هن جي لاءِ معشوق آهي، جنهن کي هو
چاهي ٿو، پيار ڪري ٿو.

باباجن جي جيون ۾ اهڙا ڪيترا مثال آيا، جن مان هر روز
وري ٿي ته هر ڪنهن جيو لاءِ هو هڏ ڏوکي هئا. ڀلائيءَ
ي پاونا ۾ وڌندي وڌندي انسان نه فقط انسان ذات لاءِ
۽ پسوءَ ۾ ونسپتيءَ لاءِ به مفيد ۽ هتڪاري ٿيو پوي. باباجن
پنهنجن لاءِ ته پنهنجا هئا، پر ڌارين لاءِ به ڪين پنهنجائي هئي.

هڪ دفعي باباجن سکر ۾ پڌاريا ۽ سڌن رهڻ جو بندوبست
واڌواڻي محلي ۾ ديوان آسارام جي هيٺين جاءِ ۾ ڪيو ويو.
ات جو ٽيڪچند ديارام واڌواڻي وٽن سمهندو هو. ڪيس
هر ۾ ٻڍنگو ڪري سڏيندا هئا. ٻه راتيون سک سان گذريون.
ين ۽ رات آڌيءَ رات جو ٻاهر ڪتڪا ٻڌڻ ۾ آيا. باباجن
جاڳي ٿي ٽيڪچند کي چيو: ”ڀائي ٻڍنگا، جاڳين ٿو. ڪتڪا
يا ٿين، ٻڌين ٿو؟ ٻتي ڪٽي ڏسي اچ ته ڇا آهي؟“ اونداهي
ات لهه سياري جي. ٻاهر ڪاري رات لڳي پيئي هئي.

ڪيو هو ته ڪراچي اسٽيشن تي سيٺ ڪيولرام ٽوپڻداس
ميم پاڻي هربرام گڏجي وڃن، جو سيٺ جو سالو به ٿيندو د
انهيءَ زور ڀرڻ تي هلي سيٺ وٽ آسڻ ڪن. باباجن سند
وڃتي قبول ڪري سيٺ وٽ آسڻ ڪيو. ڏينهن به مس گذ
جو هڪ ڏينهن جڏهن شهر مان ڪم ڪار لاهي آيا هئي ته واسو
کان پڇيائون ته ٽائيم گهڻو ٿيو آهي. ٻه ڏور روڊ جو ٽاور واچ هو
جنهن تان ٽائيم ڏسي واسومل ڪين ٻڌايو. تنهن تي باباجن چيو
"گاڏيءَ ۾ اڃا اڌ ڪلاڪ آهي. اسين سڌو اسٽيشن تي هلو
ٿا. توهان خرزان کڻي اسٽيشن تي پهچي وڃو." ويچارو واسو
پهچندو سيٺ جي گهر آيو ۽ سيٺ سان احوال ڪيائين ته باباج
سڌو اسٽيشن تي ويا آهن. سيٺ پڻ پهچي موٽر ڪ
واسومل کي وٺي اسٽيشن تي آيو. اڃا واسومل گاڏيءَ
ويٺو مس ته گاڏي هلڻ لڳي. سيٺ ته پريان تي باباجن
درشن ڪيو.

اهڙا هئا نربندن ۽ نرموهي باباجن. ڪيترن وقتن تي
باباجن سامان به پوئان ڇڏي اچي ايندا هئا ۽ نکرندا هئا. اگر
شڪ پئي ته هيءَ پرائي خوشيءَ سان موڪل نه ڏيندو ته
سواءِ موڪلائڻ جي راهي ٿي ويندا ۽ سامان پوءِ پيو ايندو
باباجن اهڙين پنهنجن ڪرتين ذريعي اهو سمجهائي پيا ڏيندا
هئا ته سنسار ۾ نرموهي ٿي رهو. موهه لڳائيندو ته ماڳ پائيندو.


مهمان کيس جلد ئي آرام اچي ويو. ٻاٻاڄن هيٺ اچي
ميو: ”ٻائي ڏنگا! ٻاڙي ۾ رهڻي نه اوکيءَ سوڙکيءَ ۾ سڌ
جي. ٻاڙو به اَمڙ اَبو آهي.“

نيڪچند جي ٻاءُ ڪشن واڌواڻيءَ جنهن مٿين وارتا جو
ر ئن ڪيو آهي انجو چوڻ آهي ته ان ڏينهن ڪانپوءِ نيڪچند
ٽ ۾ ڪافي همت سمجهندو هو. ٻاٻاڄن لاءِ سڀ ڄاڻو ئي ٻر
يڪچند جو ڏيهو لاهڻ لاءِ کيس اگرو ڪيائون. ڪيڏي نه
ون هئي باباڄن کي ٻمهڻن ٻرهمڻ لاءِ! ●

ڏنگو ڏيٺي سياه جو هو، سو حڪم ٻڌي ٻه اُٺ جي نه پير
ڪري. ٻاٻاڻ وري هڪل ڪيس ته جهن لاءِ ڪيبائيندو
تي ڪٽي ٻاهر نڪتو. جاه جي مٿان ٻه ماڙ پيا هئا. ڏاڪڻ
ٻاهران هئي. ڏنگو ڏڄندو ڏڄندو ٻاهر ڏاڪڻ لاهين آيو،
پر مٿي چڙهڻ جي همت نه ٿيس ۽ موٽي اچي ٻاٻاڻ کي
چيائين ته سائين ٻاهر ڪجهه ڪين آهي. اڃا گهڙي ڪن ليٽيل
مس ته وري کڙڪا ٿيا. ٻاٻاڻ پڇيس: ”پائي ڏنگا ڇا
ڏسي آئين؟ ڏاڪڻ چڙهي ڪونه وئين ڇا؟ هان هيءَ لٺ
کڻ. مٿي چڙهي وڃي ڏس ته ڇا جا کڙڪا آهن.“

ڏنگي جڙن ته ٻه ٻه ولون ته ڇهه ٻه ولون پر ڪچي ڪئي،
سو ٻئي ۾ لٺ کڻي ڏاڪڻ لاهين آيو. وري به مٿي چڙهڻ جي
همت ڪانه ٿيس ۽ ليڪو پائي واپس آيو، چي: ”سائين ٻاهر ته
ڪجهه ڪونه آهي.“ پر وري به ٿورو ليٽيائي مس ته ساڳيا
کڙڪا ٻڌڻ ۾ آيا. هن ڀيري ٻاٻاڻ زور سان چيس: ”پائي
ڏنگا، ٻئي ۾ لٺ کڻي ڏاڪڻ مٿي چڙهي وڃ. آواز مٿان پيا
اچن. وڃي در کڙڪاءِ. جي در نه کلي ته در ڀڃ. ڏس ته
معاملو ڪهڙو آهي.“ ڏنگو ڪنهن لڳو پر سواءِ ڪچڙ ٻڇڙ
جي حڪم جي پيروي ڪيائين. واهگرو واهگرو ڪندو
ڏاڪڻ مٿي چڙهيو. ڏه وقت پهچي در کڙڪايائين. پر اندران
جواب ڪونه آيو. پوءِ زور سان لٺ در کي هنيائين. اندري
۾ ڪنهن آهستي اچي در کوليو. ان جاءِ ۾ ڏاڪٽر پيسومل
رهندو هو. ٻاٻاڻ کي معلوم نه هيس ته پيسومل جي پيرسن ماڻسا
واس جو سدان جاءِ وهندي ڏکو ڪاڻ و آهي. ڏاڍي پيڙا
اٿس. سڄي هٽانڻ ڪالهوءَ ٻه آرام ڪين اٿس. ڏنگي کي
مس وڃي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ ٻاٻاڻ سان اچي سمورو احوال
ڪيائين. ٻاٻاڻ ان وقت مٿي وڃي ماڻا کي جهاڙ ٻه ڦڙهيائون،

سوئي اندر - سوئي باهر



برهمچاري ستگرو بابا هريرام صاحب اداسين

سک ۾ ڪيئن ٿو وسري ساجن - دک اندر سنجوڳي،
اِشٽ ديو درويش هري گُرو - سنگ جو پورڻ ڀوڳي.

- ڪمل پياسي

تن ٻلوان - من ٻلوان

ڀڳتي ٻن نمونن جي مڃائي ، جنهن ڪري تن ۽ اندرين مان ڪمزوري وڃڻي لڳي رهي . هنومان رام جو ڀڳت هو ، جو نه هو جيو ۽ هر وستوءَ ۾ رام جو درشن پائيندو هو . هي لامحدود اننيه ڀڳتي آهي . اهڙا ڀڳت نه ڀڳوان کان پري آهن ۽ نه ڀڳوان هنن کان پري آهي . اننيه ڀڳتي اشٽ ديو کي من ۽ هردي ۾ سمائڻ لاءِ هڪ ساڌن آهي ، هڪ اوچ نيچ آهي ۽ اوچ منزل تي پهچڻ لاءِ سيڙهي آهي . هڪ سچو يوگي ، سدائين ڀوڳ لپشيا ۾ لين هٺ ڪري ، هڪ اهڙي منزل تي پهچندو آهي ، جو هو جهنگلن ۽ غفائن ۾ گهاريندي به بي ڊپو رهندو آهي . هن کي نه جيو جنت جو ڊپ رهي ، نه پسون پکيءَ جو ۽ نه ڪنهن ڊاڪوءَ جو . هن ۾ هڪ اچرج ڀري شڪتي اَچي واسو ڪري . سندس ٻانهن ۾ ٻل پيدا ٿيو وڃي ، من مضبوط ٿيو پوي .

گيتا جي اڌياءَ ڇهين جي سلوڪ ٢٩ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان فرمائي ٿو ته سڀني کي سم ڀاؤ سان ڏسڻ وارو يوگي ، آتما کي سڀني ڀوتن ۾ ، ۽ سڀني ڀوتن کي آتما ۾ سمايل ڏسي ٿو .

يجر ويد ۾ آيل آهي ته اهڙا يوگي پرش دک ، شوڪ کان آجا ٿي پون ٿا ، ڇو ته جڏهن سڀ ۾ پنهنجي ئي آتما ٿا ڏسن ته پوءِ ڀؤ ، خوف ، دويش ڪنهن سان ڪن .

اِڪ سُوت مَن سڀ سهس جنسي
اوت پروت پرڀ سوئي .

ڊپ نه هميشه ڏاڙهن کان ٿيندو آهي ۽ نه ٻاهڻ کسان.
وت، ڀروسو، لاچي پيٽي وانگر هو ٻاڻکي ۽ ٻين سڀني
ي هڪ ٻرهم روپ ٿا ڏسن. اهوئي سبب آهي جو ٻوگي
رش ۽ مهان آتما ٿي ۽ من کري ٻلوان آهي. ڀڳتيءَ ٻوگه
ڏنارن هن ڀڳوان کي ٻاڻ ۾ گرهڻ ڪيو آهي. ڀڳوان اهڙن
ند ٻرشن کان جدا ڪين آهي ۽ نه وري هو هن کان جدا آهن.
ن به اهڙو اڀيو ڪيو آهي، انهن سان ڀڳوان هرهنڌ، هرطرح
اڻ آهي. هو هر وقت ڀڳوان کي پنهنجي سمهڪ ڏسن ٿا.
هڙن پرشن مان ڊپ، ڪمزوري ۽ نراسا وهندي ٿي رهي.
هو شڪتي شالي بڻجي پون ٿا.

ٻاٻاڄن جي اکين، اٽل ۽ اڻ ٿڪ ڀڄن ڀڳتيءَ کين اٿشور
انهديءَ سان گڏي ڇڏيو هو. سدائين هڪ لت ٻاڻ سان
ڪٽيندا هئا. اها هئي ٻل جي لت. شڪتيءَ جي لت، طاقت
جي لت جنهن ڏنارن هن چنچل من کي نه استر ڪيو، پر
ورزاني ڪثرت ۽ ورزش ڏنارن پنهنجن ٻانهن ۽ ڏولن
کي به هر قسم جي جلهه سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ٻلوان ڪيو.

ٻيو ان پڄ ۽ گهوڙسواري ڪنڊو ڪيترن ئي کين ڏنو
۽ ٻيهي ورزش لاءِ ٻاٻاڄن کي ڪافي شوق هو. سرير کي
ٺيڪ رکڻ لاءِ ٻين ڪرڻ به ضروري سمجهندا هئا. سندن
چوڻ هو: 'سرير ٻلوان هوندو نه آتمڪ اُنتيءَ ۾ به ٻيڙي
ٿيندي' ڏرٻار جي ٻاهران به مٽي ڪاٺ جي پڃري رکيل
هوندي هئي. ٻاٻاڄن آرام سان اُها کڻي ونندا هئا. هڪ
آتمڪ ٻل ۽ ٻيو سرير جو ٻل، ٻنهي مڄهن اهڙي نرڀئتا
۽ ٻي ڊپائي پيدا ڪئي جو آنڌهيءَ مانجهيءَ کي ڏسندا ئي
ڪين هئا. جيڏي مهل به ٻيور پوندن نه اڪيلي سر نڪري
پوندا. پنڌ ويندا نه لٺ هٿ ۾ کڻندا ۽ ننڍي مسافري هوندي

ڪهاڙيءَ سان ختم ڪري ڇڏيندوسانءِ.“ شاهينگن جا ڏيڍ ر
را ٿيا. ڪهاڙي واپس ملڻ لاءِ عرض ڪيائون پر باباجن
ـڪار ڪين ۽ چيائون ته ڪهاڙي پوليس ۾ ڏني، اُتان
جي وٺجو. جنهن باباجن وري ٿارو شاهه جو رستو ورتو ته
اهينگه ته ڪين ڀاڙائيندا وڃجو وسطرن جي ڳوٺ آيا جتي
اهينگن وڏيري کي عرض ڪيو ته باباجن کان ڪهاڙي واپس
نائي ڏني. وڏيري باباجن کي ڏسي شاهينگن کي گهڻو
رمايو. ڪهاڙي ته باباجن واپس ڪانه ڪئي پر ڪيس پوليس
ي ڪونه ڏنائون. اها ڪهاڙي ٿاروشاهه باغ لئي رکيل
وندي هئي. وڏهاڳي بعد بابا شيوارام جن ڪهاڙي نيڪال
ڪري ان جو ڳس هٿ ڪٽي آيا هئا جو پوءِ هٿ ڪم
ـندو وٺو.

باباجن جي لنز جوابيءَ ۽ بيڊپائيءَ جو هڪ مثال پرسنڌ
هي. پـرٽا روڊ اسٽيشن کان پنڌ ڪندا پـي آيا ته واٽ تي
ڪن مسلمانن جو ٽولو گڏجي. ٺٺولي ڪري ڪائن پڇڻ لڳا:
” فقير صاحب، مهن نه ملوڪ اٿو. پلا ٻڌايو ته هيءَ سونهاري
ڪتان آندي اٿو؟“ ڇڙڪي روڪي، ئي ڊپائيءَ سان جواب
ڏنائون: ” ڇڙ ۾ مقامن مان ڊگهيون ڊگهيون ڏاڙهيون
ڙ هندا ون پنهي آيون. اسان ته هڪ انهن مان چونڊي ڪٽي
نهن لي لڳائي.“ مومن ڪـکا وکا ٿي ويا ۽ رستو وٺي
مندا رهيا.

باباجن جو جنن ٽن پهلوان هو ته سنڌن من به پهلوان هو. ڪين
روحاني بل هو. اهڙو بل جو گرو گوبند سنگهه پرايت ڪيو.
باباجن من شڪتيءَ دنارن جيؤ مڪتيءَ جا ڪم ڪيا. اهي
ڪم ڪنهن بکيه ڪرڻ کان به اُتم آهن. ڪرم اهو جنهن مان
ڪنهن مدش جي دک جو ڇوٽڪارو ٿئي. ٽن ڏينهڻ کان

نه گهٽو نه ٽو اڪيلائي ڪري پوندا هئا. پوءِ وڏو هوندو ته گهوڙي تي چڙهي ويندا. گهوڙي جي لغام تي اهڙو قبضو جو گهوڙي کي هوا جيان اُڏائيندا ويندا.

هڪ دفعي رات جو ١٢ بجي پرڻن کان اَڪيلا پئي پيا. رستي تي چئن مسلمانن، جي ڪهاڙين سان هٿيا، هڪل ڪري بيهارين. باباجن به حشمت سان للڪاري چيو: 'وڏي اچو اڳتي جي جوان آهيو.' اهڙو حشمت ڀريو جواب ٻڌي مسلمان ڊڄي ويا؛ جيءَ ويجهو اچي باباجن کي سجدائون نه پيرن تي ڪري پيا.

ٻئي دفعي وري ٽارو شاهه وٽ رهيا هئا. رستو ڇهر جي پاڻيءَ سان ڀريو پيو هو، سو جاٽسي واهه جو ڪپ ونيو هئي ويا ته ڪن شاهيڪن هڪل ڪئي. ڀيرن نه ڏيان ڪو نه ڏنائون. شاهيڪن کي پرڻن اچڻو هو. باباجن به ڍ ڀانيءَ سان سندن پاسي کان لنگهي واهه جي ٻيءَ پر پهتا. اُتي شاهيڪن وري هڪل ڪري چيو: "واٽيا، پير زور آهي." باباجن کان هاڻي رهيو نه ٿيو سو زور سان پڇيائون: "اڙي ميان ڪٿي؟" شاهيڪن مان هڪڙي ڪهاڙي مٿي ڪري چيو: "اڳهر هئن." باباجن ان تي وري پنهنجي مونسي وجهي شاهيڪن جي سامهون ٿيا. ڪهاڙيءَ واري جوان وري ڪهاڙي مٿي ڪئي. باباجن کسي ڪابي هٿ ۾ لٺ؛ جتي هئي. ڦڙليءَ سان ساڄو هٿ ڪهاڙيءَ ۾ وجهي اهڙو ته مروڙو ڏنئي جوان کي ولي ڏکو ڏنائون جو ڪهاڙي هٿ مان ڇڏائجي ويس؛ ڦيرائي ڪاڻي وجي پاڻيءَ ۾ ڪريو. هاڻي ڪهاڙي باباجن جي ساڄي هٿ ۾ هئي. ٻين جوانن کي لوڙهيون هيون. اهي لوڙهين سان وار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. پر باباجن للڪار ڪري چيو: "اڳتي وڌيا آهيو ته

ڪولي جو در ٻاٽي اچن ته به ڊاڪٽر به اچ وڃ لڳي پئي
هجي. سڄي رات ٽپ ۾ ٻيا گذاريندا هئا. سندس پتا
ڳلاٻراء جو ريلوي ۾ اسٽيشن ماستر هو، تنهن ٻاٻاجن سان احوال
ڪيو. ٻاٻاجن آيا ۽ ٻرابر اڌ ڪلاڪ جمن کي وس ڪرڻ لاءِ
منترن جو جاپ ڪيائون. پڇاڙيءَ ۾ آگيا ڪري ويئن: "وڃ
وٽ جوٽ ٻاري رکو. اڄ تي اوهان کي ڪابه تڪليف ڪانه
ٿيندي." ۽ وري ڪڏهن جمن کونه ستايو.

ڪشن واڌواڻي (حال رهندڙ دهلي) ڪي اهڙا ٻئي
آزمودا ياد آهن. سندس ڀاءُ ڏرمداس پنجن ڇهن سالن جو
هو ته پنهنجي نانيءَ وٽ پيرلن ۾ رهيل هو. گهر جي پاسي
هڪ ننڍو باغ والڳر ٺڪر هو، جتي ٻار راند ڪرڻ ايندا هئا.
هڪ ڏينهن نيرڻ ڪري، اڃا منهن ٻوڙو کونه ڌوتو
هئائين ته راند جي حرص ۾ ٽوڙي وڃي ٻارن سان راند ڪرڻ
لڳو. هڪ وڻ جي هيٺان ٻار راند ڪري رهيا هئا ته اوچتو
ڏرمداس رڙيون ڪرڻ لڳو. مٿي ۾ سخت سور اچي پيس
۽ هٿن ۾ نه پيو اچي. گهٽيءَ ڏس ڪيائون ته ٻار ٻس ڪري
ٿي ن. ڏرمداس جي نانيءَ کي ڪنهن ڏاهيءَ ٻڌايو ته جن
ڀوت جو اثر ٿيو اٿس سو وٺي وڃيس ٻاٻاجن ڏانهن، اهي
ئي هن ٻار جو دک دور ڪندا. اها ڄاڻ هوندي به ته ٻاٻاجن
ڪنهن زال ذات کي ويجهو اچڻ ڪين ڏيندا آهن، ڏرمداس
جي ناني همت ٻڌي ٻالڪ کي هنج ۾ کڻي ٻاٻاجن جي دربار
۾ آئي. ٻاٻاجن باغ ۾ ويٺل هئا. دربار جي شيوادارن مائي
کي ٻڌايو ته ٻاٻاجن ڪيس ڏسي ناراض ٿيندا، پر هن همت نه
هاري ۽ در جي ٻاهران ويهي رهي. جڏهن ٻاٻاجن آيا ته هن
کين اچي ڏسي ڏمريا. مائي ٻڌايو ته گهر ۾ مرد ماڻهو ڪونه

وڏيڪ آهي پنهنجو لسن ڏيڻ، پر لسن ڏيڻ کان به وڏيڪ آهي پنهنجو من ڏيڻ. من ڏجي ٿو، من جي شڪتيءَ جي اظهار ڪرڻ سان. من جي ٻل سان ڪنهنجي منو ڪامنا پوري ڪرڻ اترو لازمي نه آهي جيترو من شڪتيءَ ڌارڻ ڪنهن منش جي پيڙا کي نورت ڪرڻ. من منجهيو ۽ وڏيڪ مجهائيندو. پر من سچائيءَ ۽ سچيت رهيو ته هو درگهٽنا کي پنهنجي قبضي ڪندو.

سنسار ۾ منش رهن ٿا، پکي پسون ۽ جيو جنت رهن ٿا. انهن سڀني ۾ پران آهن؛ اهي سڀئي اکين ڏسي ٿا سگهجن. انهن سڀني لئي راڄ ڪري ٿو سگهجي. اهي سڀئي قاعدي جي بندن ۾ جڪڙجي ٿا سگهن. اهي ڪا اهڙي مخلوقات به آهي جا ڏسڻ ۾ ڪانه اچي ۽ نه ان لئي ڪو راڄ هلائي سگهي. انهن سان ڪو به قاعدو قانون هلائي نٿو سگهي. انهن کي ڏسڻ لاءِ دويه درشٽي کپي. يوگ ڌارڻ من شڪتيءَ سان جو انهن ۾ سمائجي ٿو سو ئي ڏسي ٿو. اهي آهن جن، پريت ۽ ڀوت. ڀوتن تي قبضو ڪرڻ آهي ڀوت جيان ڀوت ٿيڻ. ڀوت صرف ڀوت ئي آهي، جنهن کي صرف آڪار آهي، جنهنکي ديهه ناهي پر منش ته منش ديهيءَ ۾ جڏهن ڀوتن سان ڀوت ٿئي ٿو ته ڀوتن جو به ڀوت ٿيو پوي، جنهنڪري هن لئي حڪم هلائي سگهي ٿو. باباجن کي اهڙو گيان هو جنهن ڌارڻ ڀوت سندن قبضي ۾ هئا. هن باري ۾ ڪيئي مثال مليا آهن.

مدنداس گلابراءِ گوسائي (حال رهندڙ ڀوپال) ننڍڙو ٻالوارڙي آهي. ڳالهه ڪائين نه پرين ۾ جيڪا سندن جاءِ هٿئي لنهنڪي وڏو آڱڻ هو. هڪ ڪنڊ ۾ پپر جو وڻ هو جنهن ۾ جنن جو واسو هو. رات ٿئي ته وڻ مان ٽانڊا پيا ڪرندا.

درخواست ڏني آهي. ڪيس سٺي اسٽيشن ملي. جيتوڻيڪ ڪومت لاءِ ڪاڻڻ ۾ ٻئي جي مدد وٺڻي پوندي هئس ته به اسٽيشن جو ڪم هلائي سگهندو هو ۽ سندس مالي حالت به سڌرڻ لڳي.

برابر هڪ سال ڪانپور جڏهن ديارام پنهنجي ساهرن ۾ رهڙيءَ ۾ ٽڪيل هو ته آڌي رات جو اوچتو ساڻيو سور اچي پيس ۽ بي حال ٿي ويو. باباجن جا وچن ياد ڪري صبح ساڻ ڪين تيار ڪرڻ وارا هئا ته اچانڪ در تي کڙڪو ٿيو. ڏسن ته باباجن پاڻ اچي سهڙيا آهن. مشڪي چيائون: ” اسين هن گاڏيءَ ۾ آيا آهيون ۽ ديوان کي ڏسي پوءِ گاڏيءَ ۾ واپس ويندا سين.“ گهڙي کن باباجن ديارام جي سر ۾ ويهي ماٺيءَ جو اچارڻ ڪيو جڏهن مان ڪيس گهڻو آرام اچي ويو. باباجن پوءِ اوچتو ئي غائب ٿي ويا. سيٺي ٽپوس ۾ هئا ته باباجن ڪٿان آيا ۽ ڪٿي ويا. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ ديارام کي وري ساڳي تڪليف ڪين ستايو.

ڪشن رادواڻيءَ جي پٽ چتري شاديءَ کان ٿورو پوءِ گهومت سوڌو ڪنهن جاءِ ۾ رهندي هئي جا ڀڳوري ليکبي هئي. چتريءَ کي لڳندو هو ته جاءِ جا در پاڻيهي پيا کلن ۽ وري بند ٿين. اهو اسرار ڏسي بيهوش ٿي ويندي هئي. هڪ رات ننڊ ۾ ٽي صورتون سندس اڳيان اچي بيٺيون- هڪڙو جوڳي، ٻيو گهوڙيسوار ۽ ٽيون سفيد لباس ۾. چتري رڙ ڪري اٿي ۽ انهن سمجهڻ لڳي ته ڪا ازغيبي هستي سندس مٿان سوار آهي. ڪشن اهو ٻڌي سورو احوال باباجن کي لکي موڪليو، جن سگهڙو ڏياري موڪليس. ان سگهڙي پهرڻ سان چتريءَ جو چت پوءِ جاءِ تي ٿيو. جلد ئي گهوٽس جي بدلي حيدرآباد ٿي ۽ انهن سڀ اچي سانگس سهاءِ ٿيا.

اٿس، ٿڌڪري ٻالڪ کي کيس ڪٺي اچڻو پيو. پنهنجي پل پنشائيندي، ٻالڪ کي ڏک مان ڇوڙڪارو ڏيڻ لاءِ ونتي ڪيائين. سنت پلا ڪٿي ٿا ٻڌي جي پيڙا سهي سگهن، سو مالا کي اندر اچڻ جو اشارو ڪيائون ۽ ٻالڪ کي ٻاهر وٺ وهاري جهاز ۾ چڙهيائون جنهن ڪان پوءِ ٻالڪ جون رڙيون بند ٿي ويون ۽ وري ڪڏهن اهڙي تڪليف کيس ڪانه ٿي.

ڪشن جو پيتا ديوان ديارام ڀلوائيءَ ۾ اسٽيشن ماستر هو. ڀيلپيت اسٽيشن تي نوڪري هئس جڏهن پنهنجي ڪوارٽر کان اسٽيشن ڏانهن ويندي پيشاب جو خيال ٿيس ۽ هڪ وڻ جي هيٺان پيشاب ڪرڻ ويهي رهيو. پيشاب ڪري جئن اٿڻ جي ڪيائين ته اهڙو ته ٻنيءَ ۾ اچي سور پيس جو پاڻ سنڀالي نه سگهيو. پورنو کيس چلائيندو ڏسي، ٻانهن ۾ ڪٺي، ڪوارٽر ۾ پهچايو. فقط سکر ۾ رهندي هئس. تار ڪري وڏي پٽ ٽيڪچند کي گهرايائين جو کيس پاڻ سان سکر وٺي ويو. ڪي مهنا ته کٽ تي پيو هو. ڊاڪٽرن حڪيمن جا علاج ڪري ٿڪا. صلاح ملين ته ڀڳت جو حساب اٿس سو ٻاباجن جي وڃي شرن پئو. ديارام پاڻ نه مسافري ڪرڻ جهڙو ڪين هو سو ٽيڪچند کي موڪليائين جو ٻاباجن کي ونتي ڪري پاڻسان وٺي آيو. ٻاباڻن ڪجهه ڏينهن وٽن رهيا. ان وقت ۾ ديارام کي ڪافي فائدو ٿيو، پر اڃا ته ٻانهن ۾ ستڪو نه هوس. ٻاباجن چيس: ”هيءَ سائين لوڪ صفا ڏيئت آهي، پر چنتا جي ڳالهه نه آهي. وري سال ڪانپور ويندو. اسانکي تار ڪجو ته اسين به اچي پهچنداسين.“ ائين چئي ٻاباجن واپس پيرن روانا ٿي ويا. ڪجهه ڏينهن ڪانپور اُتان خط لکائي موڪليائون: ”ديارام، هاڻي وڃي قلم هلاءِ.“ ٻئي ڏينهن تي ديارام پاڻ وڃي نوڪريءَ تي چڙهڻ جي

هي، سا آهي، جن يوسف ۾ آهن. اسين لوهان سان هميشه
مي همراهه آهيون. سڀ ۾ سڀ ڏيندا سين، پر پنهنجي هوڏ نه
ل. ائين ڏيو مدار ٿئي ٿي نه هيءَ او جهڙو وارو رستو چڙهي،
ـتن وارو وڏو رستو وٺندو ڪر. هدن سائين لوڪن جي
عقلن ۾ وکهن نه وجهندو ڪر. چڱو، اسين هلون ٿا. لون
اوڌان ٿي، رهراس صاحب جو پاٺ ڪندو اچ.
ر ٻاٽيءَ جو پاٺ سوير جي ڪهڙي ۾ اسٿتيءَ ۾ ڪڇن ۽
قت ڪري سگهجي ٿو. پاڻي پيرن ۾ هوت پيل هجي. سو
گهوڙي لي سوار هوندي ٿي پاٺ پڙهڻ شروع ڪر." ائين
هتي باباڄن غائب ٿي ويا. پوهومل ڏسي نه چوڌاري ڪاري
ات لڳي پئي آهي پر پيچرو صاف پيو نظر اچي ۽ اڳيان
ڳيان ڪا روشني راهه ڏيکاريندي ٿي رهي. ائين پاٺ ڪندو
گهوڙي کي تيز هڪلي اچي باباڄن جي پيڙو ٿيو ۽ سڏن
چرنن لي ڪري ٿورا مڃيائين ۽ پل بخشايائين.

اهڙو هو پيارو بابل. ڪشت ڪاٽي، من جو دپ لاهي.
ڌن آهن اهڙا مهاپرش، جيڪي پاڻ لاء سدائين آنند ۾ رهن
ٿا، پر پنهنجن پيارن لاءِ به سدائين ديا درشٽي ڌاريندا ٿا.
چو نه هو من بدي؛ هوڏي ۾ سدا نرمل رهن ٿا. هدن
جي واٽي سدا پوتر هوندي آهي. سماري ڳالهين ۾ هو
ڀون ٿا، لوڪ ڀچار کان پري آهن، رهٽيءَ ڪهٽيءَ ۾
ساوڌان آهن. اهڙن گرن جي رج سدائين مستڪ تي لائجي.

ڌن ڌن اهڙا ستگرو!

ناڻو مل ڪڪڙ (حال رهندڙ راجڪوٽ) پنهنجي پتا وال
بابت عجيب آزمودي جو ورڻن ڪيو آهي. سندس پتا ديوان
پوهو مل نوشهري تعلقه ۾ سپروائيزنگ آبدار هو. باباجن سان
خاص پريم هوس. ڪيترائي ڀيرا ڏينهن جو نوڪري ڪري
رات جو باباجن وٽ وڃي رهندو هو ۽ اُسر جو روانو ٿي
ويندو هو. هڪ دفعي نوشهري مان پرڀڻ لاءِ روانو ٿيو.
دربار صاحب ۾ پهچڻ لاءِ ويجهو رستو مقام مان هو. رات
پئجي چڪي هئي. پوهو مل سنتن وٽ تڪڙو پهچڻ لاءِ اهو
رستو ورتو. ڏينهن ڏٺي جو نه انهيءَ رستي کان گهٽ ئي پيرا
آيو ويو هو. هڪ سڄڻ جو ان وقت اتان اچي لانگهائو ٿيو
تنهن منع ڪيس ته اونداهي ۾ مقام وارو رستو نه وٺ ۽
وڏي رستي کان وڃ. پر پوهو مل جواب ڏنس ته باباجن
مون سان ساڻ آهن ۽ پاڻهي لاڄ رکندا. جن ڀوت مونکي ڇو
ستائيندا. انهن چئي اچا مقام جي نزديڪ آيو ته عجيب ٻيل
ڏسڻ ۾ آيس. ڳاڙهن ڪپڙن ۾ ڪي زالون هٿن ۾ مشعالون
کڻي وڃي رهيون آهن. سريلا ساز وڄي رهيا آهن. اهو
درشيه غائب ٿيو ته وري ڇا ڏسي ته ڪي ڀوائتا ڀوت هٿن
۾ هٿيار کڻي وڙهندا، شور ڪندا اچي سندس گهوڙي جي
اڳيان لنگهيا. پوهو مل ڊڄي ويو. سرير مان سيسراٽ نڪرڻ
لڳس پر باباجن کي ياد ڪري، هوش سنڀالي، 'ستنام سري
واهگرو' چئي، جپ صاحب جي پهرين پوڙي پڙهڻ شروع
ڪيائين. ترت اُتي باباجن کي پنهنجيءَ ڪاريءَ گهوڙيءَ تي
سوار، لٺ هٿ ۾، پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين. پوءِ ته سڀ
ڊپ ڊاءُ ڪافور ٿي ويس ۽ جيڪي درشيه پئي ڏٺائين سي
غيب ۾ غائب ٿي ويا. باباجن ويجهو اچي چيس: "بچا،
ڪڪر هيٺان لڪو پيو آهي. سنسار ۾ جنهن وستوءَ جو نالو

وٺن. پاڻ نه ٻڌو ڪم ڪيئن ٿا ڪن پر ٻين جي خيالن ۾
وارن جو اثر هنن تي به سڌن انتهڪرڻ جي حالت انوسار
ٿي ٿو، ڇو نه واهه منڊل هڪ نئي آهي، جنهن ريڊيو
ٽيليفون ثابت ڪيو آهي. واهه منڊل اهڙو نه سوکيم آهي
جنهنجو انتهڪرڻ شُڌ آهي، انکي ساري برهمانڊ جي سڌ
ي ٿي. هن سان ڪير ٻرائي ٿو ڪري يا دشمني نه هو اُها
هت جاڻي ٿو وٺي.

باباجن جو انتهڪرڻ به اهڙو شُڌ هوندو هو. هو ٻين ڪنهن جي
ي چاهيندا هئا. ٻين جو سک پنهنجو سک ۽ ٻين جو دک پنهنجو دک
سمجهندا هئا. گيتا ڇهين اڌياءِ جي سلوڪ ٣٢ ۾ شري ڪرشڻ
ڀڳوان به ڏيکاريو آهي: "هي ارجن! جو يوگي سڀني پراڻين
ي پنهنجي پاڻ سمان ڏسي ٿو ۽ سک يا دک کي به سڀ کي
ڪ سمان ڏسي ٿو، اهو يوگي پرم شريشٽ مڃيو وڃي ٿو."
اهڙي يوگيءَ جي جيون ۾ سڀني گڻن جي شريشٽتا رهي ٿي
ڪنهن جي پرڀاو سان هو پرڪاش، پوترتائي، شانتي ۽ آنند
سک سان ڀرپور رهيتو. هنجو انتهڪرڻ اهڙو صاف ٿيو پوي
هو ٻين جي اندر جي ڀاونائون انهي ۾ عڪس وجهيو
ڏين ۾ اچي ڪيس ائين پيو ٻڌن جنهن ڪجهه ساڌهون سنديا
هي پڙدي تي پيو وهي وڃي. باباجن اهڙي اوچ پد جو اپيؤ
ڪيو سو سڌن جيون ۾ انهن ڪيترن ئي الوڪ مثالن مان
ثابت ٿئي ٿو.

گلابراءِ گرسهاڻي، جڏهن ٽاروشاهه اسٽيشن تي اسٽيشن
ماسٽر هو ته ڪيس باباجن جي درشن جي هڪڙي ڏينهن ڪهڻي
ڪيو لڳي. پڇا تي معلوم ٿيس ته باباجن پرڀات ڏانهن ويل
آهن، سو ٽانگو ڀاڙي ڪري پيو پرڀات ڏانهن. من
۾ خيال اُٿيس ته جي باباجن جو موٽڻي بيمار آهي ته رستي ۾

پلڪ پراهون نہ ٿئي

ڀڳتي هجي يا اڏول ۽ هڪ نيءَ اِشٽ جي. هڪ اِش
۾ صدق ۽ يقين رکڻ سان ڀڳتي ڦلدائڪ ٿئي ٿي، ٻئي ڦ
جي اِڇا نه هجي جو ڦل جي اِڇا هُئڻ به نه جڳائي. سچي ڀڳ
لاءِ پنهنجي اِشٽ ديو جو پريم ئي ڪافي آهي. جنهن ط
پتوورت استري پنهنجي پتيءَ کي سڀ ڪجهه ارپڻ ڪندي
به ڪا اِڇا نه ٿي رکي، پر عجيب شڪتي حاصل ڪري ٿي
تنهن سچو ڀڳت پڻ عجيب شڪتيءَ جو باعث بڻبو پوي.

ڪلجڳ جي گڻ انوسار ٿورو ئي دان پُن ۽ ساڌن گهڻو ڦل
ٿا ڏين. البت هڪڙي ئي اِشٽ ديو جي شرڻ وٺڻي آهي
”اِڪو جپ، اِڪو سالاهه، اِڪ سمر، اِڪ من آهه.“

جيڪو هڪڙي ئي مها آتما کي پوڄي ٿو، سو پرم آتما
انهيءَ کي سڀ ڪجهه ميسر ڪري ڏئي ٿو، ڇو ته ڀڳوان
جو اهو چوڻ آهي: ’تون منهنجو ٿيءُ ته مان اڳ ئي تنهنجو
آهيان.‘ هڪ استري جيڪا ساري پنهنجي پتيءَ جي ٿئي
ٿي، اها ساري جڳ کي پاڻ اڳيان نمائي ٿي سگهي. پتيءَ ۽
پتنيءَ جي اِڪتا ۾ سارو برهمانڊ هنن جي پريم وس ٿي ٿو
پوي. اهو سچي پريم ۽ شرڌا جو رهسيه آهي. ڀڳوان شري
ڪرشڻ به گيتا جي اڌياءِ ڇهين جي سلوڪ ٣٠ ۾ چوي ٿو: ”جو
پرش سڀني پراڻين ۾ مونکي ڏسي ٿو ۽ سڀني پراڻين کي مون ۾
سمايل سمجهي ٿو تنهن جي مونکان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو ڏسي،
انهيءَ لاءِ مان نظر کان پري نه آهيان ۽ هو منهنجي لاءِ نظر
کان پري نه آهي.“ اهڙن مهاپرشن جو انتهڪرڻ شد ٿئي
ٿو. هو پنهنجي سالوڪي پدويءَ مان هر بدڪاريءَ کي روڪي

ي ستاءُس جو هڪ ڏينهن ڏورانهون ڏنائين چوڻ لڳو: ”جي
اري، سڀ مان سنگرن وٽ آئي وڃي سکيان ته پاڻ چوڻ
اڇن.“ ٿورڪ ساڳئي ڏينهن شام جو اُنهن بجي باباجن اچي
ي ڪڙڪو ڪين. سنگرن جو اوچتو درشن ڪري سڀ
گذ ٿيا. ديوان چيتانند پڇين: ”سچي پاتشاه! ممتر للسيائي،
ڪارج لئي اچڻ ٿيو آهي ڪٿن؟“ مرڪي آکيائون:
اهو نه صرف بهانو هو. اسين ته توهانجي ڪري اُسر
ري ڏنل ڏورانهين جي ڪري آيا آهيون.“ ڪيڏا نه چائي
ٽيهار، دلين جا مالڪ هئا مهروان باباجن!

دادي رلئي ڊاڪٽر بي. بي. هنگوراڻي، جي ڌرمپتني
لهين ڪندي ٻڌايو ته هڪ دفعو پاڻ ۽ ڊاڪٽر جيڪب آباد
ڀجن عزيزن واڌواڻين وٽ گهمڻ ويا. جو نه ڊاڪٽر اچي
ي سخت بيمار ٿئي. دادي رلئي، کي چنتا وڪڙهي وئي
دل ئي دل ۾ باباجن کي پڪار ڪري چيائين: ”بابا، هن
ڪي، ويل اچي سهائتا ڪريو.“ عجب جي حد نه رهي جو
ي ڏينهن باباجن جيڪب آباد اچي پهتا ۽ ٻئي ڏينهن رهي،
اڪٽر کي آسيس ڪري، تو ٻنو ڏسي ويا.

لوڪ قيمتراءِ تولاڻي (ٽنڊو) جي ماتا پوتين ٻار سچوءَ کي
سر ڏنئي برلوڪ پڌاري. هڪ ڏينهن جو جاول ٻالڪ، سدس
ڀاڄ ڏايو ڏکيو ٿي پيو. سدس دڳه پال لاءِ خاص مائسي
ڪيل هئي، پر سچوءَ جي حالت ڏن ٻڌن خراب ٿيندي
ئي، انتري قدر جو هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر به جواب ڏنئي
هو. گهر جا سڀئي پاڻي اچي رنڊ ۾ پيا ۽ باباجن کي پڪار
ڪري پاڙ ٽانڊ لڳا ته ڪٿن ٻه سچل کي جيئدان ڏين. اُنين
وچتو در لئي تڪ ٿئي ۽ ڇا ڏسن ته باباجن پاڻ در لئي
راجمان آهن. باباجن هڪدم پڇين: ”سچل ڪٿن آهي؟“

درشن ڪرائين. اجا پورڻ ڀچڙ ۾ ٻه ٽي ميل پنڌ جا پيا هئا ته باباجن گهوڙيءَ تي سوار اچي رستي ۾ گلاب راءِ کي گڏيا. ٻڌڻ سان چيائونس: ”گلاب راءِ دل پوري درشن ڪر پر ڀائي اڳتي اهڙو سنڪلپ نه ڪجِ.“ گلاب راءِ درشن پائي نهال ٿيو ۽ پنهنجي پل بخشائي واپس ناروشاهه موٽي ويو.

بابا شيوارام جن ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ دفعي باباجن کين اڌ رات جو اٿاري چيو: ”گهوڙي تيار ڪري وٺ اسانکي ناروشاهه هلڻو آهي. ٻچي مل (گيانچندائي) جي ماءُ مرڻينگ حالت ۾ آهي. اسانکي پهچڻ تي ياد ڪري.“ گهوڙي تيار ٿي ۽ بابا شيوارام پيله چڙهي ويا. جڏهن ناروشاهه پهتا ته ٻڌڻ ته ديوان ٻچي لکي ڪين قاصد سان موڪلڻ جي تياري ۾ هو.

ديوان جيتانند هيمنداس بجلاڻي لاڙڪاڻي ۾ ڊپوٽي ڪليڪٽر هو ته موڪل وٺي خيال ڪيائين ته ستگرن سان ملڻ لاءِ ڪراچيءَ وڃان. لاڙڪاڻي مان ٽرين ۾ چڙهيو ۽ سکر وارو رستو ورتائين. وات تي اچي اڪير ٿيس ته جيڪڏ ستگرن جو درشن گاڏيءَ ۾ ٿئي ها. جڏهن گاڏي پڊعيدن اسٽيشن تي پهتي ته ڇا ٻڌي ته باباجن اڳيئي پليٽفارم تي سيڪنڊ گاڏي جي سامهون براجمان آهن. ديوان صاحب هيٺ لهي باباجن سان گڏيو ۽ پوءِ ته باباجن به پاڻ اچي ساڻس گاڏيءَ ۾ ويٺا. جڏهن ديوان جيتانند پنهنجي سنڪلپ جي ڳالهه ڪئي ۽ انهي سڳنا لاءِ باباجن جا ٿورا مڃيا ته باباجن اڪل وهڻ جو اشارو ڪندي چيو: ”هاڻي ديوان، سدائين ائين ٿيندو.“

ٻئي دفعي سال ۱۹۴۲ع ۾ جڏهن ديوان جيتانند ٺٽي جو ڊپوٽي ڪليڪٽر هو ته ڪافي لاچار ٿي پيو. سڪ اهڙو

ا وڌيڪ ڪپڙا پهرڻ جي پوران پير ڪيا ۽ گهر اچي ڏسن
برابر گوبند جو پتا ويٺو آهي. ساڳي گاڏيءَ مان لٿو هو پر
ڙو ئي ٻاهر نڪري ڪنهن ٻئي عزيز کي گڏجڻ ويو.
الوڪ گهڻا گوبند جي جيون ۾ هميشه تازي رهندي
ي ۽ سندس صدق ۽ شردا وڌندا ئي رهيا آهن، جو هو
ا شيوارام ۾ ساڳي جوت ڏسندو آهي.

وشن نوٽاڻي (رٽلر) کي ٻه ٽي قسم جا پنهنجا عجيب
مودا آهن. پران مان ڪراچيءَ مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ
هو. امتحان جو بندوبست انجنيرنگ ڪاليج ۾ ڪيل هو.
شن جا ٽي پيپر ٺيڪ ويا. چوٿون پيپر هلندي هنجو
ڇو ڏيان سامهون گهر مان ريڊئي تي آيل گاني ۾ وڃي
ڪيو ۽ سڌ پڌ وڃائي ويهي رهيو. جڏهن سپروائيزر اهو
ٿو ۽ ڪارڻ جي خبر پيس ته هڪدم ماڻهو موڪلي ريڊيو
بند ڪرائائين. ليڪن وشن کي انهيءَ پيپر ۾ پاس ٿيڻ جي
ميد خبر ڪا هئي. جڏهن رزلٽ آئوٽ ٿيڻ جو ڏينهن آيو
هو ٻه ٽين سان گڏ پران جي پوسٽ آفيس ۾ وڃي ويٺو،
و سيٺي کي تارن جو انتظار هو. ٽين جڻن تارون اچي
ليون، پر وشن جي تار ڪانه آئي. سيٺي انهن سمجهيو ته
شن پاس نه ٿيو. پوسٽ آفيس دربار جي نزديڪ هئي.
شن باباجن ۾ وشواس ڌاري دربار ڏانهن وک کڻيائين. گرميءَ
ا ڏينهن. دربار جا سڀ دروازا بند. پهرين ته وشن گهٻرائجي
يو، پر همت رکي آهستي آهستي پيڪڙيل دروازو کولي
پنڪ ۾ اچي سانت ڪري ويهي رهيو. جنهن ئي دروازي
ڻڻ جو آواز باباجن جي ڪنن تي پيو ته اندران هڪل ڪيائون:
" ڪير آهي؟" وشن کي جواب ڏيڻ جي همت نه ٿي ۽
سانت ۾ رهيو. ٿوري وقت اندر گلسي خشڪ ٿيڻ ڪري

سيٺي جي اکين ۾ پاڻي ڏسي، باباڄڻ سمجهي ويا ۽ ج
پڙهي ڏناؤن ته سچل کي پيارا ٿيا. عجيب ڪوتڪ ٿي گذ
جل جي بوند سچوءَ جي مک ۾ وجهڻ سان سندس اک کل
باباڄڻ ڏانهن نهارڻ لڳو. باباڄڻ جي آسيس سان سچل و
سڙهو ٿيندو ۽ اڄ امريڪا ۾ عملي سوڌو سٺي روزگار
لڳل آهي. هن در سان نينهن جو ناتو نڀائيندو پيو اچي
سال ١٩٧٥ع ۾ بابا شيوارام جن سندس نينهه ٿي امريڪا
رٿن ڪري آيا.

باباڄڻ جي ديا درشٽي اهڙي هئي جو برهمڻ جي سچ
دل سان پڪارڻ تي ساکيات وڃي حاضر ٿيندا هئا ۽ آسيس
ڏئي سندن دک جي نورتي ڪندا هئا. ساڳئي وقت دو
درشٽي اهڙي هئي جو برهمڻ جي دلين جو راز سواءِ سند
ڪجهه ڪهڻ جي ڄاڻي وٺندا هئا.

گوبند ايسرداڻي گانڌيرام ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي. ا
اي جي امتحان ڏئي پيلواڙي دربار ۾ درشن ڪرڻ ل
آيو. ڪٿي هن در سان سندس اڳل شرڌا جي شروعات ٿ
سڀهڄو ذڪر ڪندي ٻڌايائين ته ننڍڙو هو ته مائٽن س
گڏ نواب شاهه ۾ رهندو هو. سندس پتا ڌنڌي سبب ڪافي
وقت کان ٻاهر هو. نيٺ سندس واپس گهر اچڻ جو احوال آيو
ماتا ڏاڍي خوش هئي ۽ کيس پنهنجي پتا کي اسٽيشن تان
وٺي اچڻ لاءِ موڪليائين. گوبند اسٽيشن تي ويو، پر پتا ک
گاڏيءَ مان لهندو نه ڏسي نا اميد ٿي گهر موٽيو. ماتا کي
ڏاڍو ڏک ٿيو. ان وقت باباڄڻ نواب شاهه پڌاريا هئا. گوبند
کي ساڻ وٺي ماتا باباڄڻ وٽ وئي. جنهن ٿي باباڄڻ جي نظر هن
تي پيئي ته پرهان ٿي آکيائون: "مائي جا مڙس ويٺا هجن گهر
۾ ۽ ڳولهڻ اچن هتي." گوبند ۽ ماتا باباڄڻ کي متو ٽيڪي

لڳندي هوندي وشن جي اندر جي آس نہ ڇاٽي ورتائون پر اها آس ڪڏهن ٿيا پوري ڪن تنهنجو بہ عجيب داستان آهي. وقت گذرندي ويرم ڪانہ ٿئي ۽ وقت سان يادگيري بہ وسارجي ويندي وڃي. سال ١٩٤٧ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌ مان لڏپلاڻ شروع ٿي. مٽ مائٽ ڪي ڪاڏي ويا تہ ڪي ڪاڏي. وشن جا ٻڍڙہ جي ڏر ٻارنهن سال اڳ ٻرلن جي دربار ۾ ڪٽي هئي سا سنڌس دل جي پٽيءَ تان وسارجي چڪي هئي. رتلام ۾ گهر ڪيو هئائون ۽ ٻار نوڪريءَ سانگي اجمير رهندو هو. شاديءَ لائق ٿيو تہ مائٽيون بہ گهڻيون اچڻ لڳيون، پر ڪٿي ٺاهہ ڪونہ پيو ٿئي. انهن ڏي ديوان پرمانند نولائي جو گهڻو وقت باباڻن جي آستان ڀيلواڙي ۾ گذاريندو هو، تنهن ديوان پرسرام کي وشن لاءِ هاسارام جي پٽ شو جي مائٽي لکي موڪلي. جڏهن ديوان پرسرام ان جو ذڪر وشن سان ڪيو تڏهن سنڌس اکہ کلي ۽ گذريل ڳالهيون ياد اچڻ لڳس پر ٻاهريون ٻيو رکي ڇوڪري ڏسڻ جو ويچار ڏيکاريائين. شو انو قت پاڻ (گجرات) ۾ هئي ۽ ڪيس ڪاڪتي وڃڻو هو. گاڏي اجمير مان ٿي لنگهي، سو اهو رٿيو ويو تہ وشن اسٽيشن تي ئي ڇوڪري ڏسي. گاڏي ٻئي صبح جو اجمير اسٽيشن تي اچڻي هئي. رات جو وشن اسٽيشن تي هلڻ ڪان اڳاتائي پيو ڪري، پر مائٽن زور آندس تہ اتين ڪين نهندو. پوءِ سيڻي وڃي آرامي ٿيا. خواب ۾ وشن ڏسي تہ ستگرو بابا هرپرام صاحب ساکيات اچي اڳيان بيٺا آهن ۽ چون پيا: "وشڻ، بابا تہ ٻئي شو جي گهر ڪيهہ ۽ هيڏانهن نظرا پيو ڪرين." وشن ڇرڪ ڀري اٿي ڪڙو ٿيو ۽ گذريل ڳالهيون ياد ڪري پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. اسٽيشن تي ضرور ويو پر اکہ کڻي بہ شو ڏانهن ڪين نهاريائين. دل چيس: "اها گهر تہ تنهنجي ٿي هئي." هن واقع وشن

کنگھ جي ٺڪار شروع ٿيس. تنھن تي وري اندران آ
آيو: ”اھو ڪير آھي جو ھروقت اسانجي ننڊ آرام ۾ حر
ڪري؟“ ھيسيل آواز ۾ وشن چيو: ”بابا، مان ٻالڪ وشن
آھيان.“ اڃان اھو ڪن تي مس پيو جو وري ھڪ
ڪيائون: ”ڇوڪرا پاس ٿيو آھين، پوءِ ھن مھل ڇو لڪ
ڪرڻ آيو آھين؟“ بس مٿي تي چڪي. وشن لڪڙ
ڪڙي کٽي جڏھن پوسٽ آفيس ۾ پھتو ته خبر مليس ته سندس
پاس ٿيڻ جي تار انوقت اچي وئي ھئي.

انھيءَ کان اڳ اڃان اسڪول ۾ ئي پڙھندو ھو ته وشن
کي ھڪ ٻيو حيرت ڀريو آزمودو ٿيل ھو. ننڍو ئي ھو
ھاسارام کيولراماڻيءَ کي باباڄن جي سنگ ۾ گھڻو ڏسندو
ھو ۽ سندس من ۾ لڙڪ آئي ته ڪڏھن نه پاڻ انجي وٽ
اچي. انوقت ساڳئي اسڪول ۾ ھاسارام جي پيڻ شوءَ ھيٺين
ڪلاس ۾ پڙھندي ھئي. ڇنڇر جو ڏينھن ھجي. ليڪ انوس
وشن پنھنجي پيا ديوان گرمکداس ۽ ٻين سؤن سان گڏ راس
جو دربار صاحب ۾ متو ٽيڪڻ ويا. آرتي ٿي چڪي ھئي
گروگرنٿ صاحب سالاھي وشرام واري ڪوٺيءَ ۾ براجمان
ڪيو ھوائون. پيا سڀئي متو ٽيڪي ٻاھر نڪتا پر پاڻ اند
وڃي رھيو ۽ ھٿ ٻڌي اندر ئي اندر ۾ وينتي ڪرڻ لڳو
”ھي ايشور مان ھاسارام جي وانگر اچڻ ٿو چاھيان سـ
پنھنجي شادي سندس پيڻ شوءَ سان ٿئي، جئن مان سندس
ونجھو وڃان.“ وشن کي اندر دير ڪندو ڏسي باباڄي
ٻاھران ھڪل ڪندي فرمايو: ”ڇورا، اڄا گِڏ ۾ گھتو پي
آھين ۽ ھاڻي ٿي ٿو جوءِ گھرين!“ اھو ٻڌي وشن ھڪ
ٺڪو ٿي ويو ۽ ترت ئي ٻاھر نڪري باباڄن جي پيرن تي
ڪري پيو.

سو ڄاڻ پاڻ سڄاڻي گهري ورتائون.

ساڳيو آزمودو ٽارومل ڪٽر (راجڪوٽ) سان پڻ ٿيو، ٽاروشاهه ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن سائين بابا جن وٽ ويندي رستي ۾ سٺا ڳدرا وٺي ٻيس. تنهن وقت نڪتي هئي؛ سو ٻه ڳدرا سٺا ٻولهي انگوڇي جي اندر پاسن کان ٻڌي بابا جن جي ڪٽيا ڏانهن رخ رکيائين. ڪٽيا جي پرسان مرلچند پاڳيا جي باغ ۾ سوامي ليلاشاهه جن اسٿل هئا. هڪ ڳدرو اتي ٻيٺا رکيائين ۽ ٻيو ڳدرو بابا جن لاءِ ڪٽي آيو. اڃا پري ئي هو ته بابا جن پرسان ويٺل برهمي ڪي چوڻ لڳا: "ٽارو ڪهڙو نه پورڙو ڀڳت آهي. خبر ٻه آٿس ته اهين ڳدرا ٻڌرا وڏا هون ڪين، ته ٻه ڳدرو وٺي ٻيو سامهون اچي." ٽارومل اچڻ سان انگوڇو پاسيرو رکي بابا جن جا چرن دٻائڻ شروع ڪيا. بابا جن مشڪندي چيس: "ڏاڍو ڇو ٿو ڪرين. ڪڍ ڳدرو ٻاهر. اسانجو واٽ ٿو پاڻي ٿئي." ڪيڏا نه مهروان! سڪ سان آندل پيٽ نه ونڊي ۽ پاڻ گهري ورتائون ۽ پرڀرم سان سوڪار ڪيائون.

دادا هاسارام کي به اهڙو ئي انوکو آزمودو آهي. سال ١٩٤٥ ۾ هو ڪراچيءَ مان مدو مٺو واڌواڻي (ٻابل پائير) سان گڏ پهرين بابا جن جي درشن لاءِ آيا. بابا جن ٽاروشاهه رهيل هئا، سو ٽاروشاهه وڃڻ جي آگيا مليس. دربار صاحب مان لڪ مليس ته پاڪستان ڪٽي پهتو پئو. هڪ ٻه ڄڻو ٻيو ٻه ساڻ هون. ڇهن ميلن جو مفاصلو سو ٻه ڪچل واديءَ سان پيدل. سامان ٻه هجين ساڻ. مدو ۽ مٺو ڪاليجي جوان. ڳوٺن جي پيرن مان چا جاڻن. پر سيٺي همت ٻڌي اٿ ڪٽي نڪري پيا. رستي ۾ سامان ڳرو ڪرڻ لڳن. اٿ ڪي ٻڪن جي هٿين مان لڳاهائي، هڪ پاسي هڪ ورلد ... ٻيو ٻه سو ٻئي ۽ انهن

جا ڪپاٽ کولي ڇڏيا ۽ هن محسوس ڪيو ته ڪئن جا گهـ
ڪري هو وساري ويٺو هو، سا بابا جن ڪيس، سڄاڳ ڪري
پورن ڪئي ۽ ڪئن بابا جن هر وقت پيا سندس رکيا ڪن
مٿس مهر جا مينهن وسائين.

بابا جن جي دوره درشٽي ڪيڏي نه تيز هئي! شري
گوبندرام ڪنٽمنگ هنگوراڻي (حال رهندڙ جبلپور) ديوان
ٺاڪرداس گرسهاڻي جو نياڻو ٿئي. ديوان ٺاڪرداس بابا جن
جو ننڍي هوندي جو ساٿي هو ۽ ٻئي بابا ڪرپارام جن وٽ
گڏجي ويا ورلي هئي. بابا جن انهيءَ ناتي سبب شري
گوبندرام کي پنهنجو نياڻو ڪري سڏيندا هئا. هڪ دفعي
هو ٺاروشاهه جي ڪٽيا تي بابا جن کي گڏجڻ ويو. بابا جن
اندر ڪمري ۾ آرامي هئا، سو گوبندرام ٻاهر ٿي رهي
رهيو. اوچتو اندران آواز آيو. ”گوبندرام اندر هليا اچو.
اسانکي آرام ڪري اٿڻ ۾ اجا ڍيڄ وقت لڳندو.“ تعجب
جي ڳالهه جو در بند هوندي به بابا جن گوبندرام کي سڃاڻي ورتو.

لوڪ ڀيمتراه نولاڻي (ٻڙودا) کي به اهڙو پنهنجو آزمودو
ياد آهي. هڪ دفعي سندس مالڪ ڪيس انب ڏنا ته
بابا جن وٽ کڻي وڃ. اڻ ميدانتا انب ڪوٽنيا مان آڻل هئن.
بابا جن انوقت ٺاروشاهه ڪٽيا تي هئا ۽ لوڪ انب ٽيلهيءَ ۾
۾ وجهي ٺاروشاهه پهتو. بابا جن باغ ۾ ڪم ڪري رهيا هئا.
لوڪ ٽيلهي ڪوٺيءَ ۾ رکي بابا جن سان گڏ سيوا ۾ لڳي
ويو. جڏهن رسوئيءَ جو سڏ ٿيو ته سڀ سنگتي
رسوئيءَ لاءِ ويهي ويا. لوڪ انهن جي ڳالهه ئي ڀلجي
ويو. الي بابا جن آواز ڪري چيو: ”لوڪ، اسانجي لاءِ آندل
انب ڪٿي آهن؟“ لوڪ ٻڌي ڏڪي اٿيو ۽ ٽيلهي کڻي بابا جن
جي اڳيان رکيائين. ڄاڻي جاڻهار، سندن لاءِ سڪ مان موڪليل

ا جن ان ۾ مهراجمان آهن. درشن ڪري گد گد ٿيو. باباجن
ـ چار مدت موٽر کي روڪائي ساڻن حالي احوالي ڪيا؛
پرهن طرف روانا ٿي ويا. ڪيڏي نه سڪ پنهنجن
امين لاءِ باباجن کي هئي جو ڊاڪٽر واسومل کي خيال
ستي چڪ ڪري وات وهندي به درشن ڏئي ڪرتارٿ
ڪيائون.

ڊاڪٽر واسومل کي پيا ته اڄ جو ڪوبه آزمودا ٿيل آهن جن
و ورنس هن رهت تو ڪري. پرهن به وهندي هڪ ڏينهن
صبوح جو باباجن چيس ته گهوڙي جوٽي اچ. آڪيا موجب
گهوڙي سنجي تيار ڪري دربار جي دراڳيان اچي جهليائين.
ڪلاڪ به گذري ويا، باباجن جو پتو ئي ڪونه پيو. اوچتو
هندي‌ءَ جي ڪلف لي اچي ويٺا. رومال ۾ گلاب جا وڏا گل
ئين جي پاسي کان رکيائون. واسومل کي چيائون ته گهوڙي
ابس واڙي‌ءَ ۾ ٻڌي ڇڏ. واسومل گل ڏسي وائڙو ٿي
يو. پرهن ۾ ته ڪٿي اهڙا گل هئا ڪونه. وجهه وٺي
ابا شيوارام کان پڇيائين جنهن ٻڌايس ته باباجن اهي گل
ڪر براج جي ڪوارٽر مان ڪٽي آيا آهن، جتي ديوان واڌومل
ا ٿيا اسسٽنٽ انجنيئر کي گڏجي آيا، جنهن کين ڏاڍو ياد
ئي ڪيو.

ٻئي دفعي وري باباجن چيس: ”چالهين هلڻو آهي.
گهوڙي تيار ڪر.“ واسومل گهوڙي تيار ڪري آيو. باباجن
گهوڙي‌ءَ تي سوار ٿيا؛ واسومل پٺيان پيو. شهر کان ٻاهر جس
نڪتا ته باباجن چيس: ”واسو، دربار ۾ ڇڪي لي منائي
ڪي اٿئي، گهوڙي‌ءَ تي چڙهي وڃي ڪٽي اچ. اسين آهستي
آهستي هلندا ٿا ٿيون.“ باباجن هيٺ لٿا؛ واسومل گهوڙي‌ءَ
تي ڊوڙائيندو منائي ڪٽي آيو ۽ گهوڙي‌ءَ کي ٽڪر هڪليندي

وارو وڻ کڻندا هلندا پئي ويا. ڇو ته ڪو ميان گڏهه وٽي
ٽاروشاهه وٽي رهيو هو. ميان کي چيائون: "يار، هي
سامان اسانجو گڏهه تي نه کڻائي هلين؟" پڇيائين ڪاڏي ٿا
وڃو. جواب مليس ته پنهنجي گروه وٽ وڃي رهيا آهيون.
تنهن تي ميان چيو: "ته پوءِ توهانجو مرشد ڪو وهٽ پ
توهان کي نٿو موڪلي." دادا به چئي ڏنس: "تون جهو
اچي ولو آهين."

ميان چڱو ماڻهو هو. سامان گڏهه تي رکائي هليو. جڏهن ٽولو اچي ٽاروشاهه باغ تي پهتو ته معلوم ٿين ته باباجن اندر ڪمري ۾ آرام سان آهن. آهستي دروازو کولي دادا اندر گهڙيو ۽ هيءَ موجب وڃي باباجن جا چرن دٻائين. باباجن پڇيو: "ڪير؟" دادا ورائيو: "بابا سائين هاسو." ٽسرت [?] تي باباجن چئي ڏنو: "هاسا، گڏهه وارو ڇا پيو چوي؟" ڪيئن نه شروع کان سيءِ جي سار لهندا پئي آيا!

ڊاڪٽر واسومل ڇيٺومل مولچندائي (حال رهندڙ جاوَد [?]) وري هيءَ واقعو ياد ڪري ويهي ۾ پنهجي وهندو آهي. ننڍي هوندي ٽنڊن جي اسڪول ۾ پڙهندي گهڻو وقت دربار صاحب ۾ باباجن جي سنگ ۾ گذاريندو هو. جڏهن پڙهائي پوري ڪري پنهنجي ڳوٺ چانهين ۾ وڃي رهيو ته اڪثر ڪري باباجن جي اڪير ڏاڍو ستائيندي هئس. هڪ دفعي سال ١٩٣٨ع ۾ صبح جي پهر ۾ جڏهن ٻاڪي وشن رام جي ٽڪاڻي ۾ ويٺو هو ته اوچتو خيال ۾ ڪا اهڙي ڇڪ ٿيس جو سواءِ ڪجهه ٻڌائڻ جي وٺي ٽڪ پالائين ۽ سڌو اچي نصرت واهه جي پل تي پهتو. اٽڪل ١١-١٢ بجي جو وقت هو. ڏٺم جڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاري لڳو ته ڇا ڏسي ته ٻه ڀرسان ٻرسات روڊ اسٽيشن کان موٽر پئي اچي ؟

جئون ۾ اڪنٺ پيندار، رهي سدائين
سُوجھ جو

دکي ڪير ناهين؟ جيڪي اگياني لوڪ آهن سي پاڻبهي
ڻ کي دکي ڪري رهيا آهن. البت ڪامل مرشد ڀيٽجي
ڪرپا ڏئاران ڪين اٿهي، دک کان نجات نه ڏيارين. اگياني
جيو، پاڻکي خواهشن ۽ واسنائن ۾ ڦاسائي پاڻکي دکي ڪن
ا. دک ۽ پيڙا نه مٺش جي جيون ۾ ايندا ئي آهن، البت
سچا ستگورو ان کان راحت وٺائي ڏيندا آهن.

هڪ ڏينهن هڪ درويش کان ڪن سوال ڪيو: ”سوامي!
هڪ سمي. پرش دک نِورت ڪڏهن ٿيندو آهي؟“ جواب
ان چيو: ”دک نورت درويش ڪين ٿيندو آهي، پر
دک نورت ان دکي مٺش جا ڪرم ٿيندا آهن، سندس ڀاڳ
جن رڪاوٽون ٿينديون آهن.“ انهن برابر آهي نه هلندي
هلندي مسافر ٿڪجندو آهي ۽ ٿڪ لاهڻ ڪانپوءِ وري هلڻ
شروع ڪندو آهي. ٿڪجڻ آهي دکي ٿيڻ ۽ ٿڪ لاهڻ هلڻ
آهي دک کان نجات پائي سک جي پراپتي ڪرڻ. مٺش جڏهن
ٿڪجي ساهي پٽي ٿو ۽ انوقت جي ٿڌو جل ۽ ڀوڄن ڪيس
ملي وڃي ٿو ته هو ڪيترو نه خوش ٿئي ٿو. اهو ٿڌو جل
۽ ڀوڄن آهي ست سماگم. ست آهن هڪ خزانو، هڪ
قارون جو خزانو جنهنکي سيڪو نه هٿ ڪري ڪين سگهندو.
لهندو اهو ئي جو لوچيندو. جيڪو ڀيٽجي گرڀڳتي ۾
پورڻ هوندو، اهو ئي پائيندو.

هڪ دفعي ڀيلواڙي ۾ ڪن بابا شيرارام صاحب جن کي

۽ ٻاٻاڻن کي سچي رستي ۾ ڪونه ڳڌو. پرسن کان چانهن
ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي. چانهين جي ٻاهران شوالي و
گهوڙي روڪي اندر ڏسي ته ٻاٻاڻن ڪوهه تي ميت پسا
ولتا اشنان ڪن!

اها گهڙي الوڪ سواري هئي جنهن تي ٻاٻاڻن س
پئي ڪيا. ڪئين ڏيهي هوندي وڏيري ٻڌڙي پرميشر ج
سڌ لئي ڪٿي جو ڪٿي پهچي ٿي ويا. اها سندن غيبي
شڪتي هئي جنهنجو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. هونءَ
پرماتما ڇا آهي. پرماتما جي ڄاڻ آهي گيان. جنهن مش
کي آتما ۽ پرماتما جو پورو گيان حاصل ٿئي ٿو، اهو ئي
پرماتما کي سمجهي ٿو سگهي. ان کي ئي خود شناس
خدا شناس چئي ٿو سگهجي. اهو ئي پرش آزاد ۽ جيو
مڪت ٿو ٿئي. شيخ سعدي چوي ٿو: ”بي علم ۽ اگياني
جيو ڪسي الله جو علم حاصل ڪين ٿيندو.“ ويدن ۾
آيل آهي ته ’انشر وري، گيان نه مڪتي‘. ان طرح ج
اندر ۾ پنهنجي روح رهاڻ ڪئي آهي ۽ جن پرڀوءِ سان لئ
لين ٿي گيان دشارن جيون مڪتي پراپت ڪئي آهي، اهي
آڪار ۾ نراڪار ٿي سگهن ٿا؛ هو پنهنجي انهد جوت
دشارن وانگر مڪل جو سارو مانڊاڻ پسي سگهن ٿا. گيتا جي
اڌياءِ پندرهين جي سلوڪ ١٧ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان پڻ چوي ٿو
”هي ارجن! جنهنجو من اشور ۾ لين آهي ۽ جنهنجي بدي
اشور ۾ لين آهي ۽ جو سدائين هڪ ئي ڀاءُ سان پرماتما ۾
اسٿت آهي، اهڙو اشور ۾ لو لين پرش، گيان دشارن پاپ
رهت ٿي پرم گت کي پراپت ٿئي ٿو.“

لاشڪ ٻاٻاڻن ان اوچ پد کي پهچي چڪا هئا.

ن جا مڙئي ڏک مٽجي ويا. جپ صاحب ۾ آيل آهي:
سٽيئي دوکه پاپ ڪا ناس." جي ڏک ۽ پاپ کان نورلي
اهين ٿا، اهي وڃي ٿنو گياني پرش کان ٻڌن. گيتا جو ٻ
و ئي سنديش آهي.

گيتا جي اڌياءِ چوٿين جي سلوڪ ٣٤ ۾ سري
ڪرشڻ ڀڳوان صاف چوي ٿو ته گيان لکيو جو سيئي لڳين ۾
سم آهي سو ٿنو درشٽي گياني پرش وٽ وڃي، نمرتا ڀاءُ
ان ٻڌڻ سان پراپت ٿئي ٿو. ساڌو واسواڻي پنهنجي پياري
ادا جشن کي ٻه انهين ئي چيو: "ٻڌڻ سک." ٻڌڻ ۽ ڪرهڻ
ڪرڻ ۾ ئي پاڻ پلائڻ جو جادو سمايل آهي. شاهه صاحب
چوي ٿو: "ٻڌ ته ٻيائي لهي."

ڀڳت ٻڌي پنهنجو اهنڪار وڃائي ٿو ۽ ڀڳوان پوءِ پنهنجي
هڙي ڀڳت لئي راضي ٿي، سندس منو ڪامنا پورن ڪري
. ست چت ڏئي، ست سماگم ڪرائي ٿو. چيو ته "هري
ڪرپا بن، نهين ملي ست." ۽ ست مليو ته پوءِ چاچو ڀڄ
چاجو پولو، چاچو ڏک ۽ چاچي دلگيري.

ست ملي، ستسنگ ملي، مڪتا اوُر مهمان
لاسي ڀاڳ اُدئه کي، اي چار نشاني جان.

باباجن ٻه اهڙيءَ رهت ڏک نورت هئا. ڪيترائي سندن
ٺاري آيا. ڪي بيماريءَ ۾ وڪوڙيل، ڪي فوجداري
ڪيس ۾ ڦاٿل، ڪن کي سنتان جي آس ته ڪن کي وڏو
پاڻين جي اٿارڻ جي آرزو. هرڪو اچي پنهنجي منو ڪامنا
وري ڪري وڃي. باباجن ڏکي نورليءَ جو ڪارڻ سُڻي
ڪيءَ ڏئاران ٻه ڪندا هئا. سٽي ۽ ڦڪي ته هوندو هو
هرلن رهت جو هڏن پر دعا دل سان ڪندا هئا. اهڙي
وا ۽ دعا جي ذريعي باباجن ڪيترن دوکين جا ڏک دور

عرض ڪيو تہ گروءَ مان وچن وٺن ۽ وچن وٺائون جو مولڪ
ٻوءَ لڳايائون.

سورٺ محلا پنجوان

ڪر ٻورا آراڌي، ڪارج سگلي ساڌي
سگل منورٿ پوري، باجي انهد ٿوري
سنتو رام جپت سک پايا، سنت استان ٻسي سک سهجي
سگلي دوک مٽايا.

ارٿ جو سار ٻڌائيندي چيائون: ”سنتن جي ڏيکار
راهہ وٺ تہ سک پائين.“

ساڌو واسواڻيءَ ٻہ چيو آهي: ”هن دنيا ۾ جيي دک ۽
پاپ آهن، جي ڪي گنهگار، لوڀي، عيشي، ڪامي ۽
اهنڪاري آهن تہ هن دنيا ۾ سنت ٻہ آيا آهن دکي دلين
کي سکي ڪرڻ واسطي. سنسار ۾ پاپ ۽ مهاپاپ ٿين ٿا،
ٻر ٿنهن هوندي ٻہ هيءُ سنسار اڃا سک جو ساگر. هن دنيا ۾
سائين آهي، ڀڳوان آهي. ان کي ڪبير پنهنجي ٻاڻيءَ ۾
ڪوٺيو آهي ستگرو، گرن جو گرو، مهاگرو.“

سنت ۽ ستگرو سدائين ائين چاهين تہ سندن ٻالڪ سدائين
نئين جيون ماڻين، زندگيءَ جي نئين ذات وٺن ۽ اهڙي ذات
وٺي ٻارڻ کي نئون ڪن.

سنت ڪبير چوي ٿو: ”سک ساگر ۾ آءُ ڪر، مت جائو
ڙي پياسا.“ برابر دنيا ۾ دک آهي ۽ پاپ آهي ۽ پر سائينءَ
جو ڏيئڙو ڪوئي ڪونہ وساڻي سگهي. پيو ٻري، سدائين
ٻري.

گرباڻيءَ جو ٻہ اهو ئي آديش آهي تہ جن پنهنجي گروءَ
کي ياد ڪيو، تن ئي پاتو. جيڪو گروءَ جي دئاري آيو،

اڄ بڙودي ۾ سکي جيون گذاري رهيو آهي.

هي ١٩٤٧ ۾ راءِ صاحب بصرمل ماٽڪاڻيءَ (حال رهندڙ
هلي) جو ٻيڙن ۾ وڃڻ ٿيو. اتي هنکي اچي بخار ٿيو.
ٿين ڏينهن باباجن کيس پاٽوٽ سڏايو ۽ خاص ڪڻٽي تيار ڪرائي
يس کائڻ لاءِ ڏنائون. ڪڻٽي نه کاڌائين پر بخار وڌي ويس
پنجن ڏينهن ۾ اهڙو حال ٿيس جو اٿڻ وهڻ کان لاچار
و. هو ڏانهن راءِ صاحب کي ڪراچيءَ ضرور واپس وڃڻو
و، سو ڪٽ لي ڪٽائي کيس بس ۾ وهارائون ۽ ٻيرڙا روڊ
سٽيشن کان اچي گاڏيءَ ۾ چڙهيو. ڪراچي اسٽيشن تي
سندس ڀاءُ ڊاڪٽر خوشحالداس ماٽڪاڻي 'انمبولنس ڪار'
ئي آيو هو. راءِ صاحب کي ڏسي هنکي ائين لڳو ته هو
ڻي چند ڏينهن جو مهمان آهي. پاڻ ڪراچي سرڪاري
سپتال ۾ اسسٽنٽ سول سرجن هو. ڏٺائين ته حيلا هلائين
ر بخار لهڻ جي نه ڪري ۽ راءِ صاحب وڃي پڙڻو پوندو.
ڪل پندرهن ڏينهن بخار کي ٿيا هئا جو باباجن دسوان
جينانند ڀلاڻيءَ جي سپتر ناروءَ جي شاديءَ تي پڌارڻا.
روقت ئي راءِ صاحب جي پڇا ڪرائي بابا شيوارام کي ونس
خوشي آسيس ڏئي اچڻ لاءِ موڪليائون. بابا شيوارام جڏهن
راءِ صاحب کي سنتن جو سندس ڏنو ڏنو هٿ هن جي سر تي ۾ جڻ
نئون ساهه پيو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي بخار لهڻ شروع
ڪيو ۽ ڏهن ڏينهن اندر بخار صفا لهي ويو. باباجن جي
آسيس سچ پچ جادوءَ جو اثر ڪيو ۽ راءِ صاحب جو هئڻ
ساڌن سنتن جي گهٽو ويجهو ڪين ويندو هو، سو باباجن جو
اڻل شردالو ٿيڻجي پيو. اڄ به باباجن جي تصوير پنهنجي ڪمري
۾ رکي نت نيم سان پوجا ڪندو رهندو.

منشارام صوڀراجمل (حال رهندڙ ولراول) وانهن سالن

ڪيا. ڪيترن کي ته جڻ نئين حياتي بخشي جيئدان ڏنائون.

داليءَ ڳوٺ جي وڏيري شاهه عليءَ جو ڀاڻيجو نارو شاهه اسپتال ۾ داخل ٿيل هو. پيٽ ۾ ڪو خراب ڦٽ هئس. علاجن ڪندي فائدو ڪونه پيس. ڊاڪٽرن نيٺ لاعلاج ٺهرائي جواب ڏنس. سندس همراهه کيس کٽ تي کڻي داليءَ وڃي رهيا هئا ته باباجن پنهنجيءَ گهوڙيءَ تي الان اچي لانگهائو ٿيا. پڇا تي معلوم ٿين ته شاهه علي لونڙيءَ جو ڀاڻيجو آهي. بچڻ جي اميد ڪانه اٿس. باباجن کٽ هيٺ رکڻ جي آگيا ڪئي. نظر ڦيرائي هڪ همراهه کي ڪنهن واٽهڙيءَ جهوپڙيءَ مان بصر وٺي اچڻ لاءِ چيائون. بصر آيو ته پاڻ ڪري اندران سنهي ڪل ڪڍي مريض کي کائڻ لاءِ ڏنائون. همراهن کي سمجهايائون ته اهڙي طرح اندران ڪل ڪڍي روز هڪ دفعو کيس کارائين. پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ ساڳيو مريض نوبنو ٿي وٽن سجدو ڪرڻ آيو. ان ڏينهن کانپوءِ وڏيرو دربار صاحب ۾ لوڙ لائين اناج موڪليندو رهيو.

ڊاڪٽر وارومل آڏارام (حال رهندڙ بڙودا) ٽنڊي هوندي پنهنجي ڳوٺ چانهين ۾ اهڙو اچي بيمار ٿيو جو مائٽ آسرو لاهي ويٺا. سندس پتا شري آڏارام باباجن جو گهرو پريمي هو. کيس ڄاڻ هئي ته باباجن ڪراچيءَ وارا آهن نه ته هروقت پران وڃي کين وٺي اچي ها. ڏاڍي سوز مان پڪارڻ لڳو: ”بابا سائين هن اوکيءَ ويل اچي مدد ڪراهو. اهڙي ڪسي جيئدان ڏيو.“ عجب جي حد نه رهي جو ٻئي ڏينهن صبوح جو باباجن اچي چانهينءَ ۾ نڪتا. جل پڙهي وارومل کي ڏنائون ۽ آگيا ڪيائون ته ٻي دوا بند ڪن.“ آهستي آهستي وارومل ٺيڪ ٿيندو ويو ۽

ڙو ڦوٽو هميشه پاڻ سان ٻٽوڻ ۾ رکندو اچي.

کشن واڌواڻي (دهلي) اڄان ننڍپڻ ۾ پڙهندو هو ته
ندس پتا ديارام پرلوڪ پڌاريو. جنهن حالت ۾ ان جو
حالت ٿيو تنهن سندس ماتا جي دل کي ڏاڍو ڌڪو ڏنو
ڏنو. ديارام اک جو آپريشن ڪرايو هو. اڄان پاڻ گهڻ
ي موڪل ڪانه هئس سو اک تي پٽي چاڙهي اونداهي
ڪري گهر ۾ ويٺو هو. ٻئي ڏينهن کي صبوح جو کير آڻڻ
ءِ ڇپائين. هوءَ کير کڻي آئي پر ديارام ورندس ڪونه.
ونده سبب سمجهائين ته اک لڳي ويئي اٿس سو واجهي
هي. اٺين ڪلاڪ به گذري ويا ته ڪيس چورا ڪورا ٿي؟
مجاءِ ڪرڻ جي خيال کان سندس پير ڌڪايائين. پيرن کي
ڇهڻ سان ڇيڪ نڪري ويس ۽ بيهوش ٿي ڪري پيئي.
ديارام جو پران پکيڙو اڏامي چڪو هو. ڪشن جي ماتا
هوش ۾ اچڻ کانپوءِ ته سڌين لڳين ڪانه ٿي. ڏڏڪي سبب
ڳالهائڻ ٿي بند ٿي ويس ۽ کٽ حوالي ٿي ويئي. سڀني جو
هو راءِ هو ته هاڻي موت مان ئي سندس ڇوٽڪارو ٿيندو.
گهر جا سڀ ڀاتي فڪر ۾ هئا جڏهن باباجن سکر ۾ اچي
ڪنا ۽ ڪشن جي گهر چرن گهماياءون. جل پڙهي سندس
ماتا کي پياريائون. ساڳئي وقت علاج چالو رکڻ جي به هدايت
ڪيائون. انهيءَ ڏينهن کانپوءِ ڪشن جي ماتا جي حالت ۾
سڌارو شروع ٿيو. آهستي آهستي ڪڙائي ايندي ويس ۽
زبان به اڪلندي ويس. ٻرابر سال کانپوءِ هوءَ نوبني
ٿي اٿي ۽ گهر جي ڪم ڪار کي به ڌيان ڏيڻ لڳي. اهو
هو پرتاپ باباجن جي آسيس جو.

اهڙين ڪيترن کي نراس ٿيل جيون کي جنڊان بخشي
باباجن سندن اجڙيل دنيا ۾ ساهه لڳائي ڇڏيا. ڇونه پرو

جي عمر ۾ ڏاڍو اهي بيمار ٿيو. ڪنهن فرق نه ڪر سندس ٻچڻ جي اميد خير ڪا هئي. جڏهن سندس ماءُ کي صلاح ملي ته باباڄن جي وڃي شرن وٺن، ته ناروشا وٺي آيس ۽ اچي باباڄن سان حالسي احوالي ٿيا. باباڄن چيو ته ٻي دوا ڇڏي کوهه جي پاڻيءَ تي رکوس ته ٺيڪ ٿي ويندو. ٿيو به ائين. کوهه جي پاڻيءَ مان ڪافي فائدو پيس پوري ڊاڪٽر جي دوا وٺڻ کان دل نه رهين سو جڏ وري ڊاڪٽر جي دوا چالو ڪيائون ته پوٽتي پٺڀي ويو ٿيل فائدو به غائب ٿي ويس. باباڄن سان سڃي ڪيائون وري سندن آڳيا انوسار کوهه جي جل تي رکيائونس. ٿورن ئي ڏينهن ۾ چاڪ ٿي وطن ويو. اڄ وڏراول ۾ پٽن پوٽن سان سکيو ويٺو آهي.

ڄيٺرام ٻوسرام وڌواڻي (حال رهندڙ ڪانپور) جڏهن ڀلواڙي درشن لاءِ آيو ته ڳالهه ڪيائين ته باباڄن ڪيس جيئدان ڏنو. اڃان ٽن چئن سالن جو بالڪ هو ته ساڻيءَ جي سخت بيماري ٿيس. ٻچڻ جي اميد ئي ڪانه هئس، جڏهن سندس مائٽ پنا کيس پرلن ۾ باباڄن وٽ وٺي آيا. اهو ساڳيو وقت هو جڏهن باباڄن کي به ساڻيءَ جي تڪليف هئي ۽ سيني کي پٺڀي اڳر پالرا جا ڪليل اشارا ڏسي رهيا هئا. سنت ئي ٻين جو ڏک ڪٽي انهن سهارن ڪري سگهن. ڄيٺرام جي مائٽ جي سخت پڪارڻ تي بالڪ تي دَيا اچي ويس ۽ مک مان وچن ڪڍيائون: ”چڱو ڀائي، اها ساڻي به اسين ٿا پاڻ ڏي کڻون.“ انهيءَ ڏينهن کان وٺي بالڪ ٺيڪ ٿيندو ويو ۽ باباڄن جي ساڻي وڌي ويئي. ڪهڙا نه ڪرپالو! ڄيٺرام جڏهن وڏڙو ٿيو ۽ مائٽن اها ڳالهه کيس ٻڌائي ته باباڄن کان ٻلهار ٻلهار پيو وڃي. باباڄن جو فوٽو وٺي شرڌا سان پوڄا ڪرڻ لڳو.

ري کي ٽڪر ڏيو ۽ پار پهچائيو." پوءِ سڏي پراپت
ڪري ان جو لاڀ عام کي ڏيڻ مان جڳ جو ڪلياڻ ٿيندو.
مش ۾ آهي عادت گهرڻ جي. منش لاءِ موکه آهي ٿي،
ٿهن ڪري ٿي پيو دنيوي سک، اولاد، مال، مان، صحت
ـي گهر ڪندو آهي ۽ ڏيڻ وارو پيو ڏيندو آهي. پر جي
مش پنهنجون ترشنائي خواهشون روڪي رکي ته پوءِ منش مان
ـري 'امنش' ٿي پوي. 'امنش' منش کان مٿي ۽ ٿـي
ڪهي ٿو ته گهٽ ۾. گهٽ ٿيڻ جي حالت ۾ هو انسان مان
ري حيوان ٿيو پوي. پر مٿي واري حالت ۾ هو منش مان
ري فرشتو ٿيو پوي جا حالت ٿورن ڀاڳ وارن کي پراپت
ٿي ٿـي. رواجـي منش سدائين پيو گهرندو ۽ دل گهري
ـ ٻاوان کي ڏيڻو ٿي پوندو. باباجن وٽ ڪيترا سنگي ايندا
هئا جي جهول جهلـي پيا مڱندا هئا. وڏا دکي ۽ فقير ٿـي
وندا هئا سندن دربار ۾. هو ٻه هر ڪنهن کي پيا ڏيندا هئا.
صحت دان جا ۽ ڪيئي مثال آهن.

ڪيمو بصرمل ماڪاٽي (حال رهندڙ دهلي) جڏهن ٣٣
سالن جو هو ته کيس پيٽ جي سخت تڪليف ٿي. ڪجهه ۽
ڪائي ڪين سگهندو هو. موڪل وٽـي پنهنجي چاچي ڊاڪٽر
خوشحالداس ماڪاٽي، جـو اُن وقت حيدرآباد سنـڌ ۾
سول سرجن هو، اُن وٽ اچي رهيو. ڊاڪٽر پنهنجي پاران
جو علاج ڪرڻ ڪان ڪين گهٽايو، پر سڀ بيسود. ڊاڪٽر جو
باباجن ۾ ڪافي وشواس هو سو کيمي کي پاڻسان وٺي ٺاروشاهه
آيـو. ٻئي باباجن کي گڏيا ۽ حالي احوالـي ٿيا. باباجن آکيا
کين ته پنداري ۾ وڃي پوڄن ڪريو. پنداري ۾ ڪين قلڪا
دال ۽ ڪرلن جي ڀاڄي ٿالهين ۾ پائي ڏنائون. ڪيمو کڻو
۽ هلڪو کاڌو هضم ڪري ڪين سگهندو هو. سو پنهنجي

اهڙن مهارشن جي جيون رچ ۽ سڌن استانن جي ڏوڙ
مکھ تي لائجي. ڪيترائي دکي ۽ پيڙت انسان وشواس
صدق رکي باباجن وٽ درشن ڪرڻ آيا ۽ پرسن ٿي ويا
منجھن اهڙي ڪا ڪشش هوندي هئي جو ڪيترن جا لـ
ديدار ڪرڻ سان ئي دکڙا لهي ويندا هئا. من ۾ اهڙي
نہ اٿل ٿيندي هئي ۽ امنگ جاڳندا هئا جو سڌن هڪ ئي
نهار سان من نهال ٿي ويندو هو.

جنهنجي سنتن سان پريت آهي سو هن سنسار مان سرهو
ٿي ويندو. سنگ اچي الهيءَ جي رکيا ڪري ٿو ۽ سنسا
جي مها ساگر کي پار ڪرڻ ۾ ان سان مددگار ٿئي ٿو، جو
سنت هڪوار سنگ ڪندي وري ٿو ڇڏيندا ڪين آهن. هـ
ڪيترن ئي روپن، ڪيترن ئي نمونن ۾ اچي مدد ڪن

گيتا ۾ آيل آهي." جو جيون مکت آهي، الهيءَ کي
ڪو پاپ لڳي ڪين ٿو سگهي. ڀڳوان هڪ اچل روپ ۾
درشن ٿو ڏئي ۽ اهڙي سوکير طريقي سان ڦرندو ٿو ولي
جيئن ڪير به ڏسي نہ سگهيس. هن مايا ۾ هو ائين سمايل
آهي، جيئن کير ۾ مکڻ."

ڀڳت ۾ ڀڳوان نہ ائين ئي لڪل رهندو آهي. ڏيکاري
نٿو ڏئي پر جو ڪجھ هوند پاڻ ڪري اهو پنهنجي ڀڳت
دئاران ڪرائيندو آهي. اهڙا ڀڳت پنهنجن پيارن لاءِ سدا
سجاڳ هوندا آهن. هو پنهنجي يوگ شڪتيءَ دئاران پراپل
بل کي عام جي ڀلي ۾ ڪم آڻيندا آهن. هڪ سنت هو جو
پنهنجي يوگ بل جي ڪري چاکڙين سان ندي پار ڪري
سگهندو هو. سوامي رام تيرٿ ڪلي چيس: " اهڙيءَ طرح
گنگا ندي پار ڪندي هڪ پئي جو خرچ، هڪ ٽڪي جي
بچائڻ خاطر ائين ٿا پنهنجو يوگ ڀرشٽ ڪيو. بنهن ڙيءَ

واداري ساماڻو آهي جو ڏڍڙيءَ طرح شيوا ٿيو ڪري.
رومل ٻڌائن ته سنڌس ٻاڙيسري منگهرمل آهي، جهڪي
بلهه ۽ گوڏن جي سور ڏاڍو ستايو آهي. روز اچي پيو
يوا ڪري ته من سنت سگهورا مهر ڪري سنڌس دک
ڪٽين. باباڄن وراڻيس: ”سو هيءَ سڀ انهنجي اڇائي
ي ۽ چڱو ائي هجي ته سڌ ڪري اچيس.“ منگهرمل
ڻي سان باباڄن جي پيرن تي ڪري پيو. باباڄن چيس:
اسين توتي راضي آهيون. هاڻي وڃي پنهنجي ڪيتي سنڀال
پڻ جي ادر پورنا ڪر. اسين تنهنجو سور ٻاڻتي ٿا ڪٽون.
س گوڏن ڪي پنيون ٻڌي پيا ٽلون. هڪ ڳالهه ڪج. روز
راڻي سوير صبوح جو مرچ ڪارا ٻارهن داڻا پاڻيءَ سان
ڪي چڏيندو ڪر.“ ساڳيو منگهرمل جو ڪيترو وقت گهر
ي روزگار ولنو هو سو باباڄن جي آسيس سان فيض پائي
نهنجيءَ ڪرت کي لڳي ويو.

سردار امرسنگهه ۽ سنڌس ڌرم پتني بسنت ڪور جي
ن وقت پيلواڙي ۾ ساڌن واري باغ تي رهندا آهن ۽
ڇو وقت مال ۽ باغ جي ديک ڀال ڪندا رهندا آهن، سي
ٻمڌ ۾ به باباڄن وٽ زمين تي ڪم ڪندا هئا. امرسنگهه
ي پيرن تي ڪم ڪندي ڪو زهريلو ڪنڊو لڳو جنهن
ان پير اهڙو خراب ٿي پيس جو ڪٽڻ وڏي ڊاڪٽر کي
ڪرڻ جي ضرورت ٿي پيئي. باباڄن پيرن ڪيس ڪراچيءَ
وڪاڻ جو ويچار ڪيو، پر اڳي سنڌس پوري نگهباني
سڻي ٿيا نه، سو ويچار ڪري ناروشاهه اسپتال ۾ ڀرتي
ڪرايو ويو. ان وقت اسپتال جو وڏو ڊاڪٽر چوئٿرام هو.
ڪيس اهڙيءَ ڪڙيءَ تي پهتل هو جو ڊاڪٽرن کي لڳو
، ٽنگ ڪاٽڻي پوندي. جڏهن باباڄن کي ڊاڪٽر چوئٿرام

چاچي ڏانهن نهارڻ لڳو. هن کيس ڪالهه لاءِ اشارو ڪيو
ڪيو رسوئي کائي ويو؟ کيس ڪابه تڪليف ڪانه ٿي. انهي
رات جو به چار رسوئي تيار ٿي سا کاڌائين. صبح جو پيٽ
به خلاصو آهس؛ پاڻکي بلڪل نوبنو سمجهيائين. ٿي ڏينهن ۾
هو پاڻ ۾ ڪافي فرق سمجهڻ لڳو. سنتن کان موڪلائي
واپس ورڻ جي ڪيائون ته باباجن ڊاڪٽر کي چيو ته تون
ڀلي وڃي نوڪريءَ تي چڙهه. پر کيمي کي ڇڏي وڃ. کيمو
مهنو کن تارو شاهه ۾ باباجن جي آڳيا انوسار باغ ۾ پيو شيوا
ڪندو هو؛ جيڪي ڀنڊاري ۾ تيار ٿيندو هو، سو پيو
کائيندو هو. هاضمي سڌارڻ ڪري بک به سٺي لڳندي هئس.
مهني کان پوءِ موڪل گهرائين ته باباجن پيو مهنو به رهڻ لاءِ
چيس. هن ائين ڪيو؛ پوءِ باباجن چيس: ”ڪيما، هاڻي تون
بلڪل ٺيڪ آهين. ڀلي وڃي پنهنجيءَ ڪرت کي لڳ؛
گرهستي جيون گذار.“ اهو ڏينهن اهو ڏينهن، وري کيمي
کي اها پيٽ جي تڪليف ڪانه ٿي.

تارو شاهه ۾ ديوان پوهو مل کٽر جي گهر پرسان هڪ
مگهر مل رهندو هو جو کيتي ڪري پنهنجو گذران ڪندو
هو. اوچتو کيس سنڌن ۾ اهڙو اچي سور ٿيو جو اٿڻ وهڻ
کان هلاڪ ٿي پيو. سندس اهو حال ڏسي ديوان پوهو مل
جي فرزند تارو مل صلاح ڏنس ته باباجن وٽ ڪٺن به پنهنجي
وڃي آسيس وٺ. هن جي صلاح مڃي پاڻي مگهرمل پنهنجن
ڏينهن وهه کن ساٿيون پٺي باباجن جي آستان تي پهتو. اُتي
وڃي باغ جي شيوا ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هو پنجي ڏينهن
سانده باباجن جي ڪٽيا تي ويو؛ ڪٽيءَ جو ڪم، جو ڪيل
هوس، پڇهيءَ رات باغ کي شيوا طور اوبيندو هو. باباجن
کان ڪجهه گهجهو ڪين هو، سو تارو مل کان پڇيائون ته ڪهڙو

جي ويو 'بابل پاڻر.' سندن پتا رٽائر ٿيو ۽ آفيسر هو ۽
هور ۾ نوڪري ڪندي طبيعت ڪافي بگڙجي ويس.
ڍهن ڪراچيءَ ۾ هوا بدلائڻ جي لحاظ کان پنهنجن ٻارن
ت آهي. ڊاڪٽرن تپاس ڪري رايو ڏنو ته هاڻي ڪيس
ڪ ڪم ڪرڻ نه کپي. ٻار اڃان ننڍا، گهر جون جوابداريون
ڃان مٿس، سو سيٺ ٿي منجهي پيا. مٺو ۽ منو پيراڻ چڙهي
يا ۽ بابا جن کي وٺي ڪري ڪراچيءَ وٺي آيا. باباجن
ندن پتا کي ڏسي هڪدم چيئي ڏنو: "هي ته بلڪل
ڪ آهي. پلي وڃي ڪم لي چڙهي. جلد ئي سندس بدلي
ڪراچيءَ ٿيندي." اڃا ٻه ئي ڏينهن ڪين گذريا ته لاهور مان
رڊر آيو ته سندن پتا جي بدلي اضافي سان ڪراچيءَ ڪئي
ئي آهي. انهي ۾ سڀ ڏک دور ٿي ويا.

شري نندرام واڌواڻي سکر ۾ برک وڪيل ليکيو ويندو
هو. سکر ۾ باباجن جو گهڻائي دفعا اچڻ وڃڻ ٿيندو هو ۽
ندرام جي ڪٽنب پريوار جو باباجن ۾ اٽل وشواس هو. هڪ
دفع شري نندرام ڏاڍو بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽر ٻارڻ منجهي
يا. نندرام جي ڌرمپتني جسودا کي چنتا وڌي ويئي.
جهي رات جاڳي باباجن کي پراٿنائين ته هاڻي اوکيءَ ويل
چي همراهه ٿيو. ٻيءَ صبوح جو پنجين بجي در تي ٺڪ
ڪ ٿي ۽ در کولڻ تي باباجن کي ساکيات براجمان ڏسي
سيٺ ٿي پالي ٿرس ۾ پئجي ويا. باباجن اندر اچي، شري
ندرام جي وڃهو وڃي چوڻ لڳا: "سڀني پاڻا پير، آئي
ڙو ٿيءُ شير." سندن هٿن ۾ پرين واري ڪوهه جي جل جي
گهڪهي هئي، جنهن مان جل ڪڍي نندرام کي پيارائون.
نندرام کي ازغيبي ڦرڙي اچي ويئي ۽ سندس دک انهين
ڪهي ويو پڻ نه هوئي ڪونه.

انهن ٻڌايو ته ڪيئن چيائون: ”ڊاڪٽر! پوءِ ڪمائيندو ڪٿان لون وهاري ڪارائيندين؟“ ڊاڪٽر شانت رهيو. اشار سمجهي ويو ۽ دل و جان سان سندس علاج، سواءِ ور وڏي آپريشن سوچڻ جي، چالو ڪيائين. ٿوري ئي وقت ۾ اسرسنگ کي ڪافي فائدو پيو. سڀ ڊاڪٽر حيران ٿي محسوس ڪرڻ لڳا ته هيءُ اچرج باباڄن جي رحمت جو ڦل هو.

منو واڌواڻي مائٽن سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. باباڄ جو درشن اڃا نصيب ڪونه ٿيو هوس. هڪ ڏينهن سندس پيٽڻ راڄوُ درد وچان گهڻو چلائي رهي هئي. ڪيس وڏي ڦرڙي نڪتي هئي ۽ سور سهڻ کان ٻاهر هوس. سمجها جي ٿانيم هو جو سندن در تي ڪڙڪو ٿيو. در کولڻ تي هڪ سڄڻ بيٺل ڏٺائون، جنهن ٻڌايو ته بابا هريرام صاحب جو پاڻ ٻاهر براجمان آهن ۽ پڇن پيا ته ڪنهنجو ٻالڪ درد وچا روئي رهيو آهي. سڀئي گهر جا ڀاتي اهو ٻڌي ٻاهر نڪري آيا ۽ باباڄن کي وينتي ڪري اندر وٺي آيا. باباڄن جل پڙهي ڏنو جو راجوءَ پيتو ۽ راجوءَ مٿان لٺ گهمائي چيائون ته اڄ رات جو ڦرڙي ڦاٽندي ۽ سڀاڻي صبوح جو سمورو سوا غائب ٿي ويندو. ٿيو به ائين. بس پوءِ ته سڄي گهر جو باباڄن ۾ اٽل وشواس ٻڌجي ويو ۽ دک سک ۾ ڊوڙي وڃي باباڄن سان دل جو حال اوريندا هئا ۽ راحت پائيندا هئا.

منوءَ جو ڀاءُ منو جيتوڻيڪ عمر ۾ ڪانئس وڏو هو ته ا ٻئي هڪ جهڙا ئي لڳندا هئا ۽ گڏجي اچي باباڄن جي حضوريءَ ۾ سدا گيت ڳائيندا هئا. هڪڙو گيت باباڄن جي صفت ۾ ٺهيل هو جنهنجو سٽ هو 'منا بابل، پيارا بابل'. سڀني کي اهو گيت ڏاڍو وڻندو هو ۽ ٻڌي ٿي نالو ئي

رپور خاص روانو ڪيو، اتي مشهور ڊاڪٽر ڪليانداس شوداساڻيءَ
و علاج ڪرايائين ۽ پاڻ نوشهري ۾ چارج ورتي، ٿاروشاهه
ستن جو درشن ڪري، گوپال لاءِ آسيس ورتي، ميرپورخاص
ڇڻ جو ارادو ڪيائين. نوشهري جي چارج وٺڻ ڪانپوءِ
ڏهن سنتن سان گڏيو ۽ ساڻن گوپال جي دک جي ڳالهه
ڪيائين ته سنتن اڌ منٽ ڪن سانت ڪري ڪيس چيو: "ديوان
ڙهان ڪو به الڪو نه ڪيو. گوپال وڏي آورجا ماڻيندو.
ڏهن سندس شادي لئي لڌهن ڪان اڳ هڪ سؤ روپيه دربار
صاحب ۾ موڪيا طور ڏيئي ڇڏجو. مزي جي ڳالهه ته اها آهي
گوپال هروقت ميرپور خاص ۾ تاس راند ويٺو ڪري."
يوان چيناند جڏهن ميرپورخاص پهتو ته پتا لڳي معلوم ٿيس
برابر جنهن وقت سنتن پنهنجي مکاروند مان آسيس جا سخن
ڪيا ها ته گوپال پتي راند پئي ڪئي. هو ڏانهن وري سندس
ڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر تپاس ڪري راءِ ڏنو ته ڦڦڙ پئي وتجي
يا آهن ۽ حالت گمڀير آهي. سيٺ چنتا ۾ پئجي ويا. سڀي
ت ديوان چيناند کي اها چتوني هئي ته جي تاس راند
ڪرڻ واري ڳالهه سچي نڪتي ته گوپال جي وڏي آورجا ماڻڻ
ي آسيس ڪئن وثرت ونهدي. انهن صبوح اچي ٿيو ۽
ڪٽر به تپاس لاءِ اچي نڪتو. ڏسي تپرس ۾ پئجي ويو
جنهن بالڪ جا پئي ڦڦڙ رات جو ورلل هئا سو هينئر
يئن ٺيڪ ٿيو لڳي. جڏهن ديوان چيناند باباجن جي ڪيل
سيس جو ورتن ڪيس ته قبول ڪيائين ته برابر هيءُ سندن
سيس جو ڦل آهي جو پئي ڦڦڙ هڪ ئي رات ۾ ٺيڪ ٿي ويا.

سڪن ۾ لڏندي به دک ڪئن نه اچي گهيرو ڪري ۽ جيون
دک روپ بڻائي ۽ ڪئن باباجن جي اومت ورڻ سان اهڙن جيئن
پڻ آڌار ٿيو سو باباجن جي هڪ شرڌالو پريميءَ جي هيمت

ڊاڪٽر ورڌداس واڌواڻيءَ جو پٽ گلاب (حال رهند
بمبئي) ڏاڍو ڪمزور ڄائو هو. ٻڌين سالن جو ٿيو ته
ٽنگن تي پورو بيهي نه سگهندو هو. پڻس پاڻ به ڊاڪٽر ه
۽ ٻين ماهر ڊاڪٽرن سان به صلاح ڪيائين پر ورڻو ڪجه
نه ڪين. سيٺي کي اچي چنتا ٿي ته هن ٻالڪ جو آئينده
ڪئن ٿيندو. آخر سڌس مالا انڌرا ٻالڪ کي هڪ ڏينه
ٻڌن ۾ باباڻ وٽ وٺي آئي ۽ روئي سڄو حال ڪيائين
سڌٽن ٻالڪ جي مٿي تي هٿ رکي چيو: "توهين ڪو خيال
نه ڪريو. هيءُ ٻالڪ ٻئي سال ٻاٽيهي پنڌ ڪري هٿ دربا
۾ ايندو. سال اچي پورو ٿيڻ تي بيٺو، پر ٻالڪ جي حالت
ڪوئي ڦير نظر نه آيو. مالا وري به ٻالڪ کي وٺي دربار ۾
آئي. سڌٽن مشڪي چيس: "مائي! ٻالڪ ٿو هاڻي ڪري
مڪر. اچ گلاب، ڪٿ هيءَ اٿ وڃي ڪوهه ٽان ڊوڙ پائي اچ."
سيٺي کي ڏاڍو اچرج لڳو جڏهن ٻالڪ اٿ وٺي ائيو، ٻئي
قدم هلي ٿابڙيو ۽ پوءِ ڊوڙ پائي ڪوهه ٽان ٿي آيو. ان ڪان
پوءِ گلاب ٻين جي ليکي بلڪل چڱيءَ طرح هلڻ لڳو. اڄ هو
گرهست ۾ رهي، بمبئيءَ ۾ سکي جيون گذاري رهيو آهي.
مطلب ته:

ساڌ کي سويا ساڌ ڀيائي
مانڪ ساڌ پرڀ ڀيد نه ڀائي.

(سڪمني صاحب)

ديوان چيتانند هيمنداس ٻلاڻي جڏهن سنجهوري جو
مختيارڪار هو ته سڌس بدلي باباڻ جي اڳيان ڪيل اچا
انو ساڻو ٿو شهري فيروز ٿي. ان وقت سڌس ننڍي ڪڪي
گوپال، جو ڇهن سالن جو هو، ٿڌڪي اچي نمونيا ۽ ڦڦڙن
جي خرابي ٿي. ديوان چيتانند گوپال ۽ ٻين گهر جي ڀاتين کي

شمداس جو پٽ سا ڪٿن ٽيرٿداس کي ٻاٻاڻ وٽ وٺي آيو
ٿهنجو ذڪر 'درويش لاءِ صدق' واري ڀاڱي ۾ به ڪيل
هي. ٻوائي طرح ته ٽيرٿداس پنهنجي سهري سان گڏجي
باڻ وٽ ڪين وڃي ها پر سوچيائين ته من سنت ڪيس پنهنجي
ان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو وٺي ڏيڻ جو آپاءُ ڏسين. هو ته
ن مان راحت پائڻ لاءِ هڪ لک رپيا ٿي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو
ڻو سو سهري سان گڏجي وڃڻ قبول ڪيائين. ٻئي سهرو ۽
اٺي تياري ڪري ٻرڻ لاءِ روانا ٿيا. پڇا ڪرائيندا ٻرڻ
ڇي دربار ۾ پهتا. اتي خبر مليني ته سنت ٿاروشاه جي باغ
ي آهن. ڪجهه وقت دربار ۾ ويٺا. گروءَ اڳيان متو ٽيڪڻ
وقت ٽيرٿداس کي ٿوري ٻيل ڪانه ٿئي. سوامي هردارام
ٿو ڪيس ته ڪهڙا ماڻهو ٿا دربار ۾ اچن، پر هن ڪجهه ڪين.

رسوئي پائي ڪري ٻئي سهرو ۽ ناٺي ٽانگي ۾ چڙهي
ٿاروشاه روانا ٿيا. ٿاروشاه ۾ جڏهن ٻاٻاڻ جي باغ وٽ
پهتا ته ڏسن ته در اڳيان سنت اڪيلي ٻيٺل آهن. ٻنهي ٻاٻاڻ
ي اڳ نه ڏٺو ڪين هو پر فقير صاحب جون ڏسيل نشانيون
ڳي آهن. ٽانگي کان لهي ٻاٻاڻ کي نمسڪار ڪيائون. ٻاٻاڻ
ڪاري چيئن: "ڀلي آيا. اسين توهان جو انتظار ڪري
هيا آهيون. توهانجون ٻاروڻ ٽن ڏينهن کان اسانکي
هچي واري آهن." سو فقير صاحب جو سنديش ڪين اڳ ئي
ملي چڪو هو. پرماتما جا ڀڳت ڪهڙي به واس ۾ هڪٻئي
کان جدا نه آهن، انهيجو ثبوت ملي چڪو. ٻاٻاڻ ٻنهي سان
حال احوالي ٿيا. ٻئي ڄڻا ٽي ڏينهن باغ ۾ رهيا. خوب
شيوا ڪيائون. ٻنهي جي مراد الڳ الڳ هئي. آوترام پنهن
ڇي ڪميا جو سک چاهيو ٿي، ٽيرٿداس ان مان ڇوٽڪارو
پائڻ جي آس رکي ٿي. ٻاٻاڻ ٻنهي کي آٿت ڏنو. ٽيرٿداس

ڏنل داستان مان ظاهر آهي.

شري وشنداس آولراءِ لعلواڻي (اصل وطن پير جو ڳوٺ حال رهندڙ بمبئي) ٽنڊو ڀلواڙي استان لکي آهي. ڏاڍي چاهه مان ٻڌائين: "آسڻ واري ڪمري ۾ جيڪا شين جي کٽ رکيل آهي، سا منهنجي هٿ جي ٺهيل آهي. منهنجي ڳوٺ مان بابا ڪٽي ٺارو شاهه آيس ۽ اُتي اُڻيون وجهي پنهنجن هٿن سان واڻي تيار ڪيم ۽ پوءِ باباڄن کي وهڻ لا وڇائي ڪيم. باباڄن خوش ٿي ويا ۽ فرمائيائون: 'هي کٽ ٻڌي بابا ڇوڙيندا.'" ان ڪانپوءِ ٺارو شاهه ۾ اها کٽ ڪم ايندا هئا. جڏهن ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌ ڇڏڻي پيئي ل بابا شيوارام صاحب جن ٺارو شاهه مان اها کٽ هيڏانهن آندي جيتوڻيڪ ان کان وڌيڪ سٺيون کٽون ٺارو شاهه ۾ رکيل هيون انهن باباڄن جي ڇوڙي سچي ثابت ٿي.

ڪٿن باباڄن سان سندس ڏسڻ ٿي تنهنجو ذڪر شري وشنداس هن ريت ڪيو. سندس پيءُ جي شادي گمٽ جي نامور سيٺ ليلاڌاس ٺاڪرداس، جنهنجي ڪوٺي هيرانند ٺاڪرداس جي نالي سان پرسڌ هئي، تنهن سان سال ۱۹۳۷ ۾ ٿيل هئي. ليلاداس راڄسي سڀاءُ جو شخص هو. شاهوڪاري بار هئڻ سبب ٿيندي هوندي ڪان سندس جيون عيش عشرت ۾ گذري هئي. شادي کانپوءِ جلد ئي سندس وهنوار پنهن جي پتنيءَ سان ٺيڪ نه رهيو. سندس پتنيءَ لاءِ دکي گذار لڳي پر پاڻ نه اشانت رهندو هو ۽ گهر جو واهو منڊل سيڌ سگهي هوندي نه دکي روپ هو. انهيءَ سبب وشنداس جي پتا کي چنتا ورائي وئي. وشنداس جو مامو منگترام کيرپور ۾ رهندو هو جنهنجو هڪ مسلمان صوفي فقير غلام حيدر سا گهرو سمبنڌ هو. انهيءَ صوفي فقير ئي باباڄن جو ڏس ڏنو

پاڻي باباڻن ٽان ٻاهر ٻاهر وڃڻ لڳا. وقت به وقت هو
باڄن وٽ وڃي سندن دل و جان سان شيوا ڪندا هئا.
نداس هڪ بنگلو ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ اڪسٽينشن لڳي
اهو. باباڄن ڪي اتي رهائي خوب شيوا ڪندو هو. اهڙي
ح باباڄن نه رڳو وشنداس جي ڪٽنب جو نگهبان هو ۽
نداس جي ڪٽنب سان پڻ وڏو وڙ ڪيو. ڪيڏا نه نگهي
ڪيال هئا باباڄن! هن ڪٽنب وشنداس جي دل ۾ گهرو
ڪيو ۽ جڏهن به باباڄن ليڙنداس وٽ اچي رهندا هئا
ندس پتا آولرام ڪين پنهنجي گهوٽ نينهن ڏيئي گهرائيندو
۽ هو سندن شيوا ۾ رهندو هو ۽ باباڄن مٿس مهر جي
ڪري ڪيس آلم گيان جون سرڪيون پيارڀندا هئا.
جيڪو جيئن مٿس جوڙ ۾ آهو آهي سو پنهنجن ڪرمن
وسار ڦل پوکيندي، دل ۽ دماغ ۾ اشانت نه رهندو ٿي.
ام سمرڻ ۾ من خير ڪو لڳي ۽ چت ۾ چورا ڪورا لڳي
نه جيڪر مرشد ملي نه وڃي ڏوهه ٻڌائيان. اها خبر ته
ٿون نه اسين دنيا ۾ مصيبتن ڪي مٿهن ڏيڻ لاءِ ٿي چاوا
هيون نه پوءِ دل جو هارجي، البت ان پرڀوڌ جو اثر ڪن
ورن ٿي نيندو آهي ۽ وري جنهنکي پنهنجو گرو، پنهنجو
ڪامل رهبر آهي، اهو آنندي رهندي، ڪجهه به ڪندي
جي ان جي شرن وٺي. ٻالڪ ڪئن نه معصوميت جي وقت
ساريءَ دل جو راز اچي پنهنجي ماءُ پيءُ سان اوري،
هڙيءَ رمت جڳياسوءَ لاءِ مڪتي داتا به سندس گروئي آهي.
لنهن هوندي به دنيا ۾ رهو نه چنتا نه هوندي ٿي، غم
دک نه هوندو. ڪڏهن ڪنهن عزيز جي وڇاڙي جو دک،
ڪڏهن دنهه جي روڳ جو دک، ڪڏهن دشمنيءَ جو دک.
انهن دکن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻدو به گرو، دک اچن به الهيءَ

کي چيائون: ”هڪ ڳالهه ڪر. مٿي جا وار لهرائي اچ ته
اسين توکي تيل جي مالش ڪريون جو تنهنجي مغز کي خشڪي
لڳي آهي، جنهن ڪري تون چنتا ۾ رهين ٿو.“ هاڻي
هيءُ لکيتي بار، سيٺ سرمي جو ڪوڏر، سو مٿو ڪيئن
ڪوڙائي. وار لهرائڻ کان ناڪري وارائين؛ پوءِ ٻئي ڄڻا
ڳوٺ واپس وريا. آولرام جي چتوني وڌي ويئي. وري
فقير صاحب جي صلاح تي آولرام ٻيو دفعو پنهنجي لاءِ
کي رکي ريهي باباجن وٽ ناروشاهه وٺي آيو. باباجن سندس
اڳي ڪان ڪان ۾ وڏو ستڪار ڪيو. ٻنهي جي شرڌا وڌي
ته سندن من جي مراد ضرور پوري ٿيندي. ٽيرٿداس کي
چيائون: ”اچ تون اسان سان ساڻيءَ ڪٽ تي سمهه. تنهنجيءَ
پتنيءَ کان توکي راحت وٺي ڏينداسين.“ انهيءَ رات باباجن
ٽيرٿداس کي پاڻ سان سمهاريو. وچ ۾ لٺ رکي ڇڏيائون. بس
ٽيرٿداس تي رنگ چڙهي ويو. امرت ويلي باباجن چيس:
”ٽيرٿداس تنهنجي زال جو نالو ديوي آهي نه.“ ائين
سمجهه ته ديوي مري چڪي. اچ کان هن جو نالو ست پاوا
ٿا رکون. توکي تنهن ڪدوار ست پاوا ملي آهي. وچ ان
سان خوش گذار. تنهنجي جيون هاڻي تنهن جيون ٿيندي،
جنهن ۾ چنتا لاءِ ڪابه جڳهه ڪانه هوندي.“ انهن وچن
ٽيرٿداس تي جادوءَ جو اثر ڪيو. هو باباجن چرنن تي ڪري
پيو. ٽيرٿداس اچ ساڳيو ٽيرٿداس نه هو. ان ڏينهن کانپوءِ
هن جي گهرو جيون ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. هو پاڻ کي تمام
سکي سمجهڻ لڳو. سندس گهر جو اڳ ٿيو سمان پاسندو هو،
سو سرڳ ٺهي پيو. جنهن پتنيءَ جي هو ولجهو وجهڻ نه چاهيندو
هو، تنهن سان اکيي پريم جو ورتاءُ چالو ٿي ويس. سندس
مالتا اهو ڪوڙڪ ڏسي خوشيءَ ۾ نه پيئي ماپي. سڀ گهر

ئي سبب آهي جو ٻاٻاڻن کي فوجداري ڪيسن ۾ اڙايل
ان جو ساٿ ڏيڻ کان ڪين نٽايو.
اڪ اوڏڙو نالي هڪ مسلمان هاريءَ زال جو خون
ري اچي ٻاٻاڻن جي شرڻ ورتي. خون ڪندڙ حالت ۾
ري وٽن پنهنجي سڄي واردات ٻڌائي پشيماني ظاهر ڪيائين
ٻاٻاڻن کي ڪٿن ۾ ڪري ڪيس بچائڻ لاءِ وسٽي ڪيائين.
ٻاڻن ڪيس باغ ۾ شيوا جي ڪم لئي رکيو. پوليس کي جيئن
ڀيئي ليئن ڪيس پڪڙي مٿس خون جي تهمت هڻي
ڪيس هلايو. ديوان رامچند ڪيولراماڻي، پرڻن جو وڪيل،
و ان وقت وڏي عهدي تي آفيسر هو، خون ۾ مکيه شاهد
و. ٻاٻاڻن ڪيس خونيءَ تي دبا درشٽي ڏارڻ لاءِ چيو پر
ن ظاهر ڪيو ته خوني سزا جي لائق آهي. ٻاٻاڻن ته ڪچيو
ڪين پر ڪورٽ ۾ ڪيس اهڙو روپ ورتو جو اڪ بي گناه
ثابت ٿي ڇٽي ويو. جنهن ڏينهن ڪيس جي فتوا هئي ته
ٻاٻاڻن پرڻن جي استان ۾ ويٺا هئا. اوچتو وڪيل پرڻن کي
چيائون: "اسان جو بيلي اڪ ڪورٽ مان ڇٽي اچي رهيو
آهي. هلو ته اڳتي هلي وٺي اچونس." سيٺي اٿي اڳيرو
ويا ته پرڻان اڪ آيو پئي. اچڻ سان ٻاٻاڻن جي پيرن تي
ڪري پيو. ٻاٻاڻن چيس: "هاڻي چار هار گلن جا ٺاهي اچي
ڪرن لئي چاڙهه جن پنهنجو ڇوٽڪارو ڪرايو آهي. ٻه ڏرٻار
۾ صاحبن لئي، هڪ آسڻ لئي؛ هڪ ٻاٻا ڪرپارام جن جي
مورتيءَ لئي."

شري هرنرام آهوجا نواب شاهه جي اليڪٽرڪ سپلاءِ
ڪمپنيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو. ڪن ڳالهين تان
ڪمپنيءَ جي ميمبرن سان سندس مت ڀيد ٿيو، سو مٿس
فوجداري ڪيس داخل ڪيائون. آهوجا اچي ٻاٻاڻن جي

لاءِ ٿا ته اسين گروءَ کي سڃاڻون. ان ڪري سنسار ۾ س
ڪجهه ڪندي به پرڀوءَ کي ڀلجڻو نه آهي. بيشمار پرڪشا
مان پار لنگهڻو پوي ٿو ته به ٻاڻ کي ٻرڀو رکسي. وشواس
ايشور پرڀم سان جي جن پرڀل هوندو ته ان ۾ چنتا ڏهڙ لد
ڪال. اندر ٻهڻجي جڳهه ڏسي ٻاهر ٻيڻي لئي ٻهي رهندي
ٻو لنهن هوندي ٻر. جي من ٿاٻڙجي؟ چنتا من جو ا
ڳولهي وٺي ته سنڪرو دور ڪين آهن، وجي سنتن ج
پلئه پڪڙجي.

جن جن باباجن جو پلئه پڪڙيو، انهن جو باباجن ڪليا
ڪري ڇڏيو. اها حقيقت پرسد ٿيل آهي ته هن آڳ جيا
جلندڙ سنسار جي مش کي ڪڍهن به ٽراس ٿبڻ نه جڳائي
ڇو ته هتي اگر دک آهي ته انجو علاج به آهي. هتي ج
ماحول ۾ اگر اولهارو آهي ته سهارو به آهي. دنيا جي سين
دکن جي دوا آهي پرم ساڌنا. ان ساڌنا دئاران لوڪ پڄائي
يا ڪنهن لوڳ جي آڌين ٿيڻ سان ڪجهه نئون ٿي پرابت
ٿيندو؟ اهو ٿيندو دک اسورلي.

اهڙيءَ رهت باباجن به ڪمترن شرن ۾ آهل دکيارين
جي دکن جو ناس ڪيو، هنن کي سندن مانسڪ پيڙا مان
پار ڪيو. سچ ته پراڻي پيڙا ٻيو ڪو به جاڻي نٿو سگهي.
مهاتمائون ئي ٻين جي دک ۾ دکي ٿين ٿا ڇو ته انهن جو
انتهڪرڻ شڌ آهي؟ ٻين جي آتما جو عڪس سندن آتما ۾
پوندو. انهيءَ ڪري جڏهن ڪو مصيبت ۾ ماريل باباجن
جي اچي شرن وٺندو هو ته هو سندس آڌار ڪرڻ لاءِ
هڪدم تيار ٿي ويندا هئا، پوءِ ڇو ڪين هو سچ پچ گنهگار
هجي. چوندا هئا: ”مصيبت جي ماريل لئي مهر ڪرڻ
اسانجو فرض آهي. سڀ جو ڀلو نه اسان جو اڳيئي ڀلو.“

هن مان اهو سڌ پئي ٿو ته دنيا ۾ جي به ڪال، ڪرم ۽
ڀاون جا لاڳاپا آهن، اهي به ڪن جي وس ۾ نه آهن ٿي.
ي آهن پرميشور جا، جن اُڌار لاءِ دنيا ۾ موڪليل فرشتا.
هن ته انهن جيهو ته سڀ ڪجهه پرميشور جي ئي وس ۾
ي. ڪو سگهه ڏيڻ جي طاقت ٻئي ڪي ڪانه آهي، هن
سواءِ ٻيو ڪو به سمرٿ ڪين آهي. هر شيءِ جا سرشٽيءَ
ڏسڻ ۾ اچي ٿي اها سندس ئي جوت جو اُجالو آهي.
و صرف پنهنجو پاڻ ۾ شرڌا ۽ پريت پيدا ڪرائڻ لاءِ ڪنهن
اڌنا ڏئارن ڪرم ڪرائي ٿو ۽ اهڙي ساڌنا ڪندڙ ساڌو
ي آهن، ڪي ست پرش ۽ مهاتما آهن. باباجن به انهن مان
ي هئا. دنيا جي ڪشٽن کان ڇوٽڪارو به تڏهن ئي ملندو،
ڏهن ماڻهو وچار سان هلندو ۽ جاچي ڏسندو ته ڪهڙا ڪر
هن جيڪي ضروري ڪرڻا آهن ۽ ڪهڙا ڪم آهن جيڪي
ه ڇڏڻا آهن. جيڪي ڪم ڇڏڻا آهن، سي سولائيءَ
ان ڪين ڇڏجي سگهندا. انهيءَ لاءِ ڪنهن مهاتما جو سنگ
ي، ڪنهن گياني وان سنت جي آگيا جي پالنا ڪرڻ جي
ير گهرجي. هن جي آگيا کان سواءِ هڪ وک به اڳتي نه
ڌي، ان مان ئي ڀلائي پراپت ٿيندي. شيوڪ به الڪي ٿي
ٿهو آهي. دک جو ورتن ڪرڻ سان دک مٽجي نٿو. دک
جي ٿو دوا ۽ دعا ڏئارن. اها دوا آهي هري ڪرپا ۾
رڌا. اهڙو علاج به آهي ته صرف پنهنجي گروءَ وٽ.
ـگهجي ۾ اگر قرڻا آهن ته انهيءَ جو اُڌار به آهي. سڪ
ارا سدائين پنهنجي گروءَ جي در تي ڪرپا پيا هوندا آهن،
و ته سڪ کان سواءِ ٻيا سڀ ساڌن بي سود آهن. 'جن
ئي من ٿري'، جنهن جي ڏسڻ سان ئي دک دور ٿي وڃن،
هوئي آهي سچي گرمک جو سچو گرو. اهڙي گرمک جي

شرن ورتي. باباجن نواب شاهہ ويا ۽ ديوان آسانند گرسهاڻ
جو ڪميٽيءَ جو مکيہ ميمبر هو ۽ جنهنجو ڪيس داخل ڪرا
۾ خاص همت هو تنهن سان گڏيا. هُو بہ پرمٽن جو و
هو ۽ ڪيس چيائون تہ ناهہ ڪري ڪيس ڪڍائي ڇڏيو.
جواب ڏنائين: ”سندن ئي هٿن ڳالهين ۾ اچي نہ جڳائي.
سندس سانت رهيا. ڪيس هليو ۽ شري آهوجا باعزت
ڇٽي ويو.

شري جيوترام للسياڻي، جنهنجو پيلواڙي دربار صاحب
سان هاڻ بہ گهڻو نيهن آهي. پاڻ ڳالهہ ڪندو آهي تہ هو
جڏهن سنڌ ۾ ريلوي پوليس ۾ سب انسپيڪٽر هو. تہ ڪن
ڳالهين تان ريلوي ٽڪيٽ ڪليڪٽر سان اڻ بڻت ٿيس.
لون چا لون چا ڪندي، ڌڪ ڌڪان لڳي ۽ جيوترام تي
ٽڪيٽ ڪليڪٽر کي ڌونڪيءَ لڳي مار ڏيڻ جي ڏوهہ هيٺ
ڪيس هليو. جيوترام اڳٿي باباجن جو پريمي هو. باباجن جي
شرن اچي پيو تہ ڪٿ بہ ڪري ڪيس هن ڪيس کان بچائين.
سندس عزت ۽ آئينده جو سوال هو. باباجن کي عرض اچي
ويو. ڪيس ديوان منگها سنگهہ بدلائي، ڊپوٽي ڪليڪٽر
نوشهري جي ڪورٽ ۾ هو. ديوان منگها سنگهہ بہ باباجن
جو پريمي هو. ڪيس جيوترام لاءِ ڏاڍا درشٽي ڏارڻ لاءِ
چيائون، پر هن صاحب وراڻيو تہ ڪيس جو فيصلو حقيقتن
انوسار ڪيو ويندو. باباجن چپ رهيا. ٿورن ڏينهن ۾ ديوان
منگها سنگهہ بدلي ٿي ويو ۽ انجي جاءِ تي مسٽر پي ماسٽر
اسسٽنٽ ڪليڪٽر ٿي آيو. باباجن جيوترام کي چيو: ”چنتا
نہ ڪر. سکمني صاحب جو پاٺ ڪندو رهہ. سڀ ڀلي
ٿيندي.“ ڪيس هلي پورو ٿيو تہ جيوترام باعزت
ڇٽي ويو.

ٻاجهه ڏٺي ٻاجهارا

جيئن هڪ وڻ ۾ ٽار ٽاريون، پن، ٻور، گل ۽ ميوا هنجيءَ مدد لئي پيدا ٿي وڻ جي سوڀيا وڌائين ٿا. ليڪن ـت اچڻ لئي انسان جي من ۾ ٻه سدتان لاءِ چاهه پيدا ٿئي ي جنهن ۾ هو پنهنجي سوڀيا سمجهي ٿو جيئن پيريءَ ۾ ڪو مدس پرگهور لهي، ڪمائي ڪارائي، ٽالو قائم ڪري، انداد جو وارث ٿئي، مرڻ بعد ڪريا ڪرم ڪري، شراڌ ارائي. پٽ قائم هوندي له ڏيتو پيو پوندو. انسان اهڙي شا جي لوڀتيءَ جو سدائين طالب رهي ٿو. انهيءَ ڪري ي له سنتان جو سک نه هئڻ جي حالت ۾ هو اداس رهي و. پنهنجي جيوت کي ڦڪي ۽ بي مزي ٿو سمجهي، پنهنجو جنم اڪيارٿو ۽ نشڦل ٿو سمجهي. دل ئي دل ۾ پشيمان ۽ دکي ٿو رهي. اهڙي انسان لئي دڀا، ڪيس پنهنجي دکہ ۽ يڙا جو انيؤ ٿي ڪرائي ۽ هڪ سنپرش اهڙي پيڙت لئي همدردي ڪري ڪيس دعا ڏئاران دکہ ۾ تڪليف ڪان ورت ڪرڻ لاءِ تيار ٿو ڪري. اهو سڀ ڏهن ٿو ٿئي، جڏهن هن جي هردي ۾ هڪ جاڳرتي اچي ٿي:

”هر ڀن دوجا ناهين ڪوءِ
سرو نرنتر ايڪو سوءِ.“ (سکمني صاحب)

ويدن ۾ ٻه ائين چيل آهي: ”انهيءَ جي ياد گيري ڪر. جو تنهنجو پوشڪ آهي، تنهنجو رکيڪ ۽ آنند داتا آهي. جنهن ٻنا ڪو سچو سهارو ڪونه آهي. اهو جو اڳي هو، هاڻي آهي ۽ پوءِ ٻه هوندو، جنهنکي ڪٿي نٿو ٻه ڏسين، پر هو نه

مکه مان پوءِ پنهنجو پاڻ نڪري وئي: ”هي ڀڳوان سـ
تنهنجو آهي. دل ۾ دلبر يار، سدا رس رهامي. مون ڏ
سنت جي ڪرپا ٿي.“ اهو اٽل وشواس سچي سنـ
کي ڏوڏي ٿو، ڇو ته اهڙا گرمکه پل پل ۾ ستنام چوند
آهن، انهن جا وار آيا ٿي ستنام بوليندا آهن، انهن جا سڪ
سلا ۾ ساوا ٿيندا آهن، انهن جا سڀ ڏک دور ٿي ويندا آهن
سندن سنسا سڙي ويندا آهن. اهڙن گرمکن لاءِ ”گرو مهري
سنگ، سدا هر نالي“ ٿيو پوي. پوءِ ”جم ڪنڪر نيڙ
آوي“ واري اسٿتي کين سهجي ئي پراپت ٿئي ٿي. ●

پيا مائن. جوڳو سنمان ڪري باباجن کي کٽ تي وهاريائون.
جن ۽ عجب سان ڪهڻ ڇيو: ”اڄ اسان رسوئي هٿ
ڪندا آهيون. ٻه وٽه ۽ واڱڻ جي رڌا اٿو، تنهنجي ڀاڄي تياهي
و.“ بس سندس ماتا ته پڻ رسوئي تيار ڪرڻ کي لڳي
ٿي. ڏاڍي پريم سان ڀاڄي باباجن کي ڀوڄن ڪرايو. باباجن
سن ٽي ڪين جهول ۾ انب پرساد طور ڏنو. انهن ڪانپوءِ جو
سنتان ٿيو سو پٽ هو، جنهنجو نالو رکيائون آوت. هاڻي
ديا جو درڪلي پيو. وري آس پائي سندس پتا ۽ ماتا
جي هڪ ڏينهن باباجن وٽ آيا ۽ ڪين جهول ۾ صوف مليو،
هن ڪانپوءِ ڪين پاڻ گوپ ڄائو. ڏاٽ هري ٽه نئون دفعو
باباجن وٽ ساڳي آس رکي ويا ۽ پرساد ۾ گلاب جو گل
ن، جنهنڪانپوءِ ٿيون ٻه پٽ عطا ٿيس. اُن دفعي باباجن
چئي ڏنو: ”هاڻي بس، واڱڻ ڪارائي ٽي لعل وڻا اٿو.“
دولهڏنومل ڏاکيءَ وارو، ڪيس ساندهه ٽو ڏير ڄاوون. ٽو
ڀرتاپائين. سندس ڏرمپتني پٽ لاءِ پيئي لڙڪي. ڏس
ين ته باباسائين ٽي سنڌن ٻڪ لاهيندا، سو اچي باباجن جو
ر پڪڙيائون. مهروان سائين، ديا جا ڀنڊار، دولهڏني مل
پاسيرو ڪري چيائون: ”اسان جڏن ڇڏون ٽڻ ڪنداڻ.“
واب ڏنائين: ”حاضر سائين.“ فرمايائون: ”هاڻي وري
ب ٽڪي ته ٽون ٻتنيءَ کي ونجهو نه وڃ.“ دولهڏني مل
هو ورس وڌيءَ سان پاليو ۽ پٽ عطا ٿيس، اڄ انهيءَ مان
ڪيچ ٽي پيا اٿس.

هڪ دفعي هڪ شاهوڪاري گهر جو جوڙو ڪراچيءَ
ن کهي باباجن وٽ ناروشاهه ڪنيا ٽي آيا. منجهند جو
وقت هو. ڪنيا جا دروان بند هئا ۽ باباجن اندر آرامي
ئا. شري ناروهل ڪنو (راجڪوٽ)، جو اڪثر ڪري

تنهنجو وڇڙڻ ۾ وڇڙو مٺو آهي، ڇو ته تنهنجي سڀني دکن جي دوا آهي، سڀني ڪشٽن جي ميٽڻ وارو آهي." گرو ني آهي جنهن دنيا وارن اهڙي آنند جي مارگ، جو ڏس ملي ٿو، جو پرماتما سان ميلاپ ڪرائي ٿو. سچ چيو اٿن:

گرو گوبند دوئو کڙي ڪس ڪي لاڳو پاءِ
بلهاري گر آپڻي جس گوبند ديو بتاءِ.

پرماتما ۾ اهي ئي ملي ٿو جنهن وشواس آهي، جنهن وويڪ سڄاڳ آهي، جنهن سمرٿ گروءَ جو سهارو مليو آهي. هاڻي ته انسان جي ساري ڏوري پرماتما جي ئي هٿ ۾ آهي؛ هو ئي سندس ساري ترشنا جو ڪنهن نه ڪنهن رمز اُڪلاءُ پيو ڪري. هڪوار سمرٿ گرو مليو ته پوءِ الجهن ڇا جي. باباڻن ته اهڙائي سمرٿ گرو هئا جن ڪن کي جيون جو دان بخشيو، ڪن کي روڳن کان ڇوٽڪارو وٺائي ڏنو، ڪيترن کي ڪيٽن وغيره جي ڇنڊاڻ کان راحت ڏياري؛ وري ڪيترن سنتان کان نراس ٿيلن جو به ڀلو ڪيو، 'نپٽا' پڻ وارا ٿيا، بي اولاد، عيال وارا ٿيا. مطلب ته باباڻن جي غيبي شڪتيءَ جو ڪاٿو ئي ڪين هو.

گوپ تاراچند نوتاڻي (حال رهندڙ انبور) ٽازو پيلوارڙي دربار صاحب ۾ آهو. ڳالهه ڪيائين ته سندس پتا ديوان تاراچند پران ۾ پوسٽ ماسٽر هو. باباڻن ۾ الي شرڌا هئس. کيس سانده ست ڌيئر ڄاويون. جنهن ماتا کي فقط ڌيئرن جو اولاد، سو به ستيئون ساريون ست، تنهنجي من جو ڪهڙو حال هوندو. هڪ ڏينهن سچيءَ دل سان باباڻن کي پاد ڪيائين ته هو ئي کيس هن 'نپٽيءَ' جي داغ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ سمرٿ آهن. ڇو نه اهي ئي در تي ڪڙڪو ٿيو؟ باباڻن پاڻ اچي گهر ۾ وارد ٿيا. ٻنهي پٽي پتني خوشيءَ ۾

مايائون: ”گوبندرام، خيال نه ڪر. توهان جي امانت توکي
س ملندي.“ سال اندر تاريخ ١٣ جولاءِ ١٩٤١ع تي ڪيس
ڪو ڄائو جنهن کي وٺي باباڻن جي درشن ڪرڻ لاءِ آيا.
جن ٻچڙي کي ڏسي خوش ٿيا ۽ فرمايائون: ”هاڻ اسان تان
لٿو.“ اهو ٻچڙو باباڻن جي آسيس سان وڌندو ويجهندو
يو ۽ سال ١٩٦٨ع ۾ بي. اِي جو امتحان پاس ڪري
ه پرديش سرڪار جي انجنيرنگ کاتي ۾ جونيئر انجنيئر
ر ٿيو ۽ هاڻي ڪمبوا ۾ اسسٽنٽ انجنيئر آهي.

اهڙي ريت جن جن به باباڻن جي اڳيان وڃي جهول جهلي،
اڻن انهن جي جهول ڀري. پنهنجي گنج مان سڀني هيج ۾
ڪٽا ڪري وڌا. سڀني دل تي صاحب راضي. جنهن جنهن
باباڻن کي سچي دل سان ياد ڪيو آهي تن باباڻن انهن
ي درشن ڏيئي سڀني من جون مرادون پوريون ڪري
ن خوشحال ڪري ڇڏيو آهي.

هيءَ بخشيش ڏيڻ جو ڪم ڪنهن ست پرش لاءِ ٻڌڻ
روپ نٿو لڳي. جنهن ٻار سمنڊ جي ڪناري تي ويهي
اريءَ مان محل ٺاهي، ناهي وري راند پوري ڪري،
ن کي ڊاهي ٿو ڇڏي، پر ان سان ڪو پيو جنن نٿو رکي،
ناڳيءَ طرح ڀڳت جن سڀ پريوءَ جي ليلا جاڻي پاڻ کي ان
انڪائي نٿو. باباڻن سڀڪي ڄاتو ٿي. مهر جي هڪ ٿي
ظر سان نهال ڪري ڇڏيندا هئا. باباڻن گهر ڪندڙن کي ڏيندا
ي هئا، پر انهن گهرني جي اندر جي ڀاونائن کي ٻـ ترکي
منتان جي پڪ دور ڪندا هئا.

ڪشن واڌواڻيءَ جو پيٽڙو پو، رامچند ملڪاڻي شاديءَ کان
ملدئي پوءِ باباڻن کي ڪراچيءَ ۾ ديوان ٽرمداس هنگوراڻيءَ
ي گهر گڏيو. ٽرم پنهنجي نه ساڻ هئس. باباڻن سگڙو پٽي ونيو.

ناروشاهه ۾ رهندي باباجن جي ڪٽيا لئي شيوا ۾ رهند
هو، سو ٻاهر ويٺو هو. آهستي در کولي ٻنهي پٽي پٽ
کي اندر وٺي ويو. ٻئي سانت ڪري هيٺ ويهي رهيا
جڏهن باباجن جي مٿن نظر پيئي ته پڇيائون: ”ڪيئن اچ
ٿيو آهي؟“ ڪجهه وقت ته شرم کان چپ رهيا، پوءِ همت
ڌاري پرش پنهنجي من جو حال ڪيو: ”سائين! اوهين جاڻ
جاڻڻهار آهيو. پتا ماتا اسان ٻنهي کي اوهان وٽ آسيس ل
موڪليو آهي. ڏهه سال شادي ڪئي ٿيا آهن، پر سنتا
ڪانه ٿي آهي.“ پرش جون مڇون ڪوڙيل هيون. باباج
ڏانهس نهاري مشڪي چيو: ”تو ڪوڙايون آهن مڇون، س
توکان ڪهڙو حال پڇون؟ ڇا ٻائو ٻار ٻالاند ۾ ڪٽي پيو ت
وڃاهي؟ وڃي پنهنجي گهر جي ديو ديوتائن جي پوڄا ڪرا
ماتا پتا جي شيوا ڪري کين خوش ڪريو.“ پتنيءَ کي
خاص تاڪيد ڪيائون: ”پنهنجن هٿن سان اٽو پيهڻ، گو
گوم ٿلڪن ٻوڙين لئي مکڻ رکي، سس سهري کي کاراءِ
سندن آسيس وٺ. ڪراچيءَ ۾ جنڊ نه هجيو ته هٿان خريد
ڪري وٺجو. وڃي ڪيو شيوا ته پائيو مٺا ميوا.“ سال سو
ڪانپوءِ ساڳيو جوڙو ڪلهو ڪڍندو ننڍڙو پٽڙو کڻي اچي
باباجن جي چرنن ۾ پيا. باباجن جي آسيس ۽ سهڻي صلاح
کين اڏي چڙهيو. ان ٻارڪ جو نالو ٿي پيئجي ويو ’جنڊ جو
پٽ.‘

گوبندرام ڪٽڻمڪ هنگورائي (جهامپور) کي باباجن جي
آشيرواد سان ڪو جاول هو جو سال ۱۹۴۰ع ۾ وري آيو
انڪانپوءِ جڏهن باباجن کي ڏٺو ته باباجن ڪڪي
جو احوال ورتس. گوبندرام اهڙو ڪڇي جهڙي
پيت. باباجن سمجهي ويا ۽ ٿورو وقت سانت رهي

جي." اهائي اوستا ڀوڳي پُرش جي آهي. هو دنيا ۾
هي ڀرڀور جي شاهدي ڏئي ٿو. هو دنيا ۾ جو ڪجهه
ڪري ٿو اهو پرماتما جو سونپيل فرض جاڻي ٿو، جنهن لاءِ
سوامي وويڪانند چيو آهي: "اسان کي پنهنجا فرض پنهنجي
ڌرتيءَ سان ڏسڻ گهرجن." اهڙيءَ ريت باباجن به
ڪجهه ڪيو ٿي، اهو پنهنجو انسان ذات لاءِ فرض
سمجهي، جنهن ۾ هنن لاءِ ذات پات جو ڪو ڀيد ڪين هو.

'ذات پات جو ڀيد مٽائي سڀ سان ڪيو پيار'

باباجن جي آرتي ڪندي اهو روزانو ورندو آهي.
ڪيڏو نه سچ سمايل آهي ان ۾! هندو هجي چاهي مسلمان،
سڀني سان نه رڳو پريم ڀاوَ جو ورتاءُ ڪرڻ، پر سڀني جو ڏک
پنهنجو ڏک سمجهي، ان جي نوارڻ لاءِ اُپاءُ وٺڻ وڏن ڪسان
لي ۾ مليل هون. ڪٿي نه بابا ڪرپارام جن پاڙيسري
ڏاڍي سعد امام علي شاهه جي پيءُ جو ڏک نورت ڪري
ٽڪي انڊو نه پيارو ڪيو جو شاهه صاحب پنهنجي حوالي
جو نڪر دربار صاحب کي امداد ڪري ڏنو، سو نه عالم
شڪار آهي. ساڳيءَ طرح گهڻئي مسلمان باباجن مان فيض
انو ۽ سڀني کين هميشه وچان "فقير صاحب، سلام" ڪري
ڏيا هئا.

پير علي محمت ۾ جيج ٿي آهو. اصل ڳوٺ جوڻاڻي تعلقه
وري جو وشل هو. ڪيس اولاد ڪو نه هو. باباجن جي هاڪ
ٻڌي ٿارو شاهه ۾ زال سوڌو آيو ۽ اچي سندن شرن ورتائين.
شرن پڙي جي لاج رکڻ نه باباجن جو پرم ڌرم هو. پير
علي شاهه ۽ سندس عورت کي آسيس ڪيائون ۽ فرمايائون:
" لوهان جي حد ۾ بابا ٽيورام صاحب (سنتن جا جيم هتا)
ڻ جي سمادي آهي. اُن وٽي سر جهڪائي دعا پڙو

دل ۾ آشا ٿيس ته اهو سگهڙو جيڪر کيس ملي. جڏهن باباڄي سگهڙو ڳولي پورو ڪيو ۽ گڏيون ڏٺي هس ڪيائو ته رامچند کي سڏ ڪري چيائون: "رام! هيءَ وٽ سگهڙو اسان تنهنجي لاءِ ورتو آهي." رامچند ٿورس ۾ ٻنهجي ولو ڪيئن سنتن سندس دل جو ويچار معلوم ڪري ورتو. سگهڙي کي ٻنهي گڏيون ڏنل هيون. رامچند چوندو آهي ته سنت ساڳئي وقت کيس ٻنهن ٻالڪن جي بخشيش ڪئي جو اڳتي هلي کيس ٻه پٽ ۽ ٻي ڌيئر ڄاڻون. ڪيڏي نه سنتن جي اُدارتا جو ٻنا گهرڻي ٻيا مطلب سڌ ڪن. هيءَ آهي سڌ پرشن جو پنهنجن پريمين لاءِ پيار. ڀارت جو پرسڌ فيلسوف ڊاڪٽر ايس راڌاڪرشنن چيو آهي: * "زندگي خود بخود سڀني جو اظهار ڪندي آهي جو لـ انهن ڪرڻ سان اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهون ٿا، هڪ ٻئي جا چاهڪ ٿي سگهون ٿا .... هر منش جي هردي ۾ ڪا نه ڪا جوتي آهي، جنهن جي اندر ايشور جا اصلي ڪرتا سمايل آهن. اڻ ڄاڻائيءَ ڪان ڪو منش اهي پرکي نه ٿو سگهي. هيءُ اهو لجلو آهي جيڪو امن، اهسا ۽ خوشيءَ کي ڦهلائي ٿو سگهي." مهاڀارت جو به سنديش آهي. "دک ۾ يا سک ۾، غم ۾ يا خوشيءَ ۾ هر ڪنهن کي هڪ ٻئي سان انهن ورتاءُ گهرجي، جيئن هو پنهنجو پاڻ سان ورتندو هجي." جيئن وڻن ۾ ڦل ٿيندا آهن. ندين ۾ پاڻي ٿيندو آهي، ڳاين کير ڏيندڙ يون آهن، تيئن هڪ سنت پرش کي هر ڪنهن جي چڱائيءَ لاءِ ئي جيوت گهارڻ جي اُون هوندي آهي. گوتم ٻڌ به نرواڻ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ انهن چيو: "دشمن لاءِ به دل ۾ اهڙي ئي ڀاونا ڌارڻ، جهڙي هڪ سڄڻ لاءِ توهانجي دل ۾

* ڏسو سندس ڪتاب 'Recovery of Faith'.

رائي پيو. ميان جي دل ڀلي آهي نه ڏيندي ڇڏيوس."
احب ڏني جي صدق هٿي هند ڪيو. هڪ سؤ روپين ۾
اند نه ورتائين پر ان سان گڏ جا الله بخشيش ڪيس ملي سا
ني اولاد جي. اولاد جو ڀڪايل هو. باباڻن جو رنج پاڻ
ء رحمت سمجهي وري جو اچي شرن پڪڙيائين، تنهن
يس اڏي ڇڏيو. جلد ئي ڪيس فرزند عطا ٿيو ۽ پوءِ ته درٻار
احب جو پڪو ٻانهو ٿي پيو ۽ آخر تائين اناج وغيره جي
يوا ڪندو رهيو. اهڙا هئا دبالو دائما، پاڻ وڌالا اساڻجا
يل سائين! دنيا ۾ رهندي به پيهجي ۽ اگر دنيا جا سدلش
يا ڏيندا هئا، پيهجي عجائب عالم جا اشارا پيا پڌائيندا هئا.
سدن وبچار شڪتيءَ کي ڪيڏو نه ڀل هو. باباڻن جي
جي سمهرڪ ۾ آيل لوڪن لاءِ، باباڻن جي آسيس جا ڪي نه
اڪر ڪافي هئا. هو انهن جون آسون پڄائي سگهندا هئا. هو
هئا پاڻ ۾ رتل، پاڻ ۾ سمايل ۽ پاڻ ۾ جذب ٿيل، نه پوءِ
هن ڪان ڪو ڪم ٻاهر نه هوئي ڪين. ●

لوهاڻن جا ڪارج راس ٿيندا.” ٻنهي آئيا جو ٻالڪن کي ۽ جلد ئي اولاد وارا ٿيا.

هڪ ٻيو مسلمان ٻڍڙو عجيب نموني ۾ سائينءَ فيض جو پاترُ بڻيو. صاحب ڏنو سيال ٻهڊعيدن پرسان ٻئي نُکر لئي رهندو هو. اڪثر ڪري ٻڪو ٻهڙ ۾ رهندڙن جو اٺن پسار ٿيندو هو. باباڻ جي جمر جي ڪنٽمين جو ان ميان سان خاص ناتو ٿي ويو. صاحب ڏني باباڻ جي زمين تي هڪ ڏاند هر ڪاهيندو ڏٺو ۽ دل ٿيس ته اهو ڏاند جيڪر ڪيس ملي. ٿهڪلداس آهو جا (حال رهندڙ ٻڙواڳڙھ) جو باباڻ جي شيوا ۾ رهندو هو تنهن کيس ڏاند وٺي ڏيڻ جي هام هنئين. هڪ ڏينهن ٿهڪلداس صاحب ڏني جي اٺ تي سوار ٿي باباڻ وٽ آيو ۽ وڃي وٺي ڳالهه ڇوري تهن ته ميان ڏاند وٺڻ ٿو چاهي. باباڻ اچي ڏمريا. چيو: ”ڇا فقيرن جي مال ۾ اکيون وڌيون اٿو، وغيره.“ صاحب ڏني ٻه اُجرڪ جو پلاند ڪٽي جهليو ۽ مُکه مان ڪي ڪين ڪڇيائين. انهيءَ ڏينهن ته واپس ورڻو ٻڙ ڏاند وٺڻ لئي اجان دل ٻيٺي هئس سو ٻئي دفعي وري سيٺ پيسومل (بابا شيوارام جن جا جنم پتا) سان گڏجي باباڻ وٽ آيو. سيٺ پيسومل ۾ سندس ئي اٺ تي سوار ٿي آيو. رستي ۾ صاحب ڏني ٻڌايس ته باباڻ وٽ جيڪو ڏاند آهي سو وٺڻ لئي دل اٿس. سيٺ پيسومل چيس: ”ميان، اڳ ٻڌائين ها ته مان تنهنجي اٺ تي لئي ڪين چڙهان ها.“ جڏهن باباڻ وري صاحب ڏني سيال کي ڏٺو ته سمجهي ويا ته هيءُ ميان ڇو آيو ڪين. سيٺ پيسومل کي چيائون ته ڪٿي هنجي اٺ تي چڙهي آيا آهيو. سيٺ پيسومل ته ديرانو شخص هو. گهڙي ساعت سانت رهي رمز سان ڏاند جو ذڪر ڪيائين: ”سائين، ڏاند هاڻي پير

ڪي اؤکي گهڙيءَ ۾ به سندن ڪيس درشن ڏنئي ۽ خاطري
ڏني ته مست نيو وڃو رهه. جلدئي پوليس ڪي چورن جو
پتو پيو ۽ متائن تهمت لٿي.

ديوان جيٺانند ڀلاٽيءَ سان ته باباجن جو خاص پريم هو.
هن ديوان صاحب کي باباجن جي پرم ڌام پڌارڻ جي لار
ت ۾ ملي ته هتان سان ڪجهه ڪري پيس. سانت ۾ اکيون
ڪري ويهي رهيو. من ۾ اُڪير پيدا ٿيس ته جيڪر
ڪ دفعو وري باباجن کي برهمچاري واري روپ ۾ ڏسان.
رات جو هوبهو باباجن اچي سندس سامهون بيٺا ۽ کلندي
چيائونس: "هن روپ ۾ درشن ڪرڻ لي دل هوءَ نه. هاڻي
درشن ڪري، خوب ٻؤ ڪر." ڪيڏا نه دلين جا مالڪ!

شري وشنداس آوترام لعلواڻي (جهو، بمبئي) جڏهن به
باباجن جي ڳالهه نڪري ته ائين چوڻ کان ڪين مُڪي:
باباجن ته مونسان هميشه ساڻ وينا آهن. ڪئين ڀيرا سپني
ساکيات درشن ڏنئي مونجهي من جي اُلجهن دور ڪئي
ن." تازو انڪل ٻه سال اڳ سندس من ۾ وڏي مونجهه
ئي. باباجن کي وينتي ڪري پڪاريائين ته ڪئن به ڪري
سندس چنتا دور ڪن. رات جو سپني ۾ باباجن درشن
ڏنئي هدايت ڪيس ته سکمني صاحب جو پاٺ ڪر ته راحت
ڏيائين. هن ائين ڪيو ۽ سندس دک دور ٿيو. هاڻي ٻه نت
نيم سان سکمني صاحب جو پاٺ ڪندو رهندو آهي. وڏي
وسنا هوندي ٻه سکمني صاحب ڪنت ڪئي ائس جئن ڪئي
۽ ڪڏهن به سمي پاٺ ڪري سگهي. اها سڀ باباجن جي
ڪريا ائس.

پيرڻ ٽلسي ڪيمتراءِ نولاڻي (بڙودا) لکي ٿي ته ٢٦
سيپٽمبر ١٩٦٠ع، سومر جي ڏينهن سندس پتا کي اچي اوچتو

سَنمُڪُ منهنجا سُپرين

اهين چوڻ ته ’ باباڄڻ هئا ‘ برابر نه ٿيندو. ’ باباڄڻ آهن ‘ چوڻ مان ڪيڏو نه آنند پيو اچي. ڪيترن ئي باباڄڻ جي سنمک وڃي ساڻن اوراڻيون اوريون هيون، گيان گوشٽي ڪئي هئي ؟ جي ڪو سڪ شيوڪ ڪو سوال ڪندو هو ته هو ان جو اُتر ڪيڏو مختصر نه ڪيڏو وستار ۾ سمجهي عالماڻي نموني ۾ ڏيندا هئا. ڪئين سوالي سندن در تي آيا ۽ راحت پائي ويا. جن جتي پريم سان پڪاريو اتي پهچي سندن من جون مرادون پوريون ڪيائون. اڄ به هو پري ڪين آهن. پنهنجن پريمين جي سار لهن پيا. اوکي ويل اچيو سهاءِ ٿين ۽ درشن ڏئي پيا نهال ڪن.

ڀاءُ جڳڪرشن گرسهاڻي (بمبئي) پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندي چوي ٿو: ” منهنجو پريتم، سچڻ، مهت ۽ مراري، پريم ابناسي، جڏهن سندن ياد اچي ٿي ۽ سندن موهڻي نماڻي مورت نيڻن سامهون اچي ٿي ته نيڻ آلا ٿين ٿا. “ ڪيئن باباڄڻ هن ڀاءُ سان پريم ڪيو ۽ ڪانپوءِ به وقت بوقت پئي همراهه ٿيا آهن تنهنجو اچرج ڀريو داستان آهي. ٦ جنوري ١٩٤٨ تي جڏهن ڪراچيءَ ۾ هندن جي ڦرلٽ ٿي رهي هئي ڀاءُ اُتي آرٽلري ميدان واري جاءِ ۾ رهندو هو. انهيءَ رات ئي سنتن کيس درشن ڏئي آسيس ڪئي ته سندن وار به ونگو نه ٿيندو. ٿيو به ائين. جڏهن سندن پاسي وارا گهر لٽجي ويا ته ڀاڻ سڀ سلامت رهيا. ٿورن ڏينهن کانپوءِ سندن پاڙيسري مسلمان جي گهر جي چوري ٿي ۽ هن چوري جو الزام ڪٽي مٿن ڏنو. سندن گهر جي جهڙتي ورتي وئي.

ن روئين پنيان مست ٿيڻ چاهس، جڏهين ٻاهر مني وري
ي اُنسان لانگهائو ٿيو ته ٻيڙس ٻه پنڇي واهو ته، هيءُ ڇا،
مو ڀڳوان ته مون سان ڌوهه ڪيو، سو وڏو وشمو ڀڳوان
ڏورائو ڏيڻ ۽ ڀڳوان ۾ مشڪي چيس:-

مري ٻانڌي ڀڳت ڇڙاءُ ون
ڀڳت نه ٻانڌي ڇوٽي موهه:

مطلب ته ڀڳوان ۾ ڀڳتن سان ٻڌل آهي. ساڳئي وقت ڀڳت
ڏيکاري ڪين ڏين. سڀ ڀڳوان جو ڏنو ڄاڻن. ڪنهن
همي ۾ حجت رکي باباڄن کان پڇيو: ”سائين فلاڻو ته تحقيق
رهي آهي، پوءِ ڪنهن ٿا ان لاءِ ڪرپا ڪريو.“ جواب
ائون: ”اڇي شرڻ ورتي اٿس. اسين ته ڀڳوان کي سندس
وان وينتي ٿا ڪريون. جي ڀڳوان سندس ڀلو ڪري ته
ان ڇا وڃايو.“ ڪُئيو چوندا هئا: ”ڪرامات قهر جو گهر
ي.“ ڀڳوان جي رضا تي راضي رهڻ جي هدايت ڪندا
ا. گهڻن کي سندن آسيس سان اولاد جي بخشش ٿي پئي
هن کين پروڙ پيئي ته پراڻيءَ جو پران پکيڙو پرواز ڪري
آهي يا پرواز ڪري ويو آهي ته پرماتما جو پاڻ سان
ري ملڻ جو ٿي اپدش ڪندا هئا.
سيٺ ليرداس گمبٽ وارو جنهن جي حياتيءَ ۾ باباڄن
نقلابي ڦيرو آندو، تنهن کي اڳ اولاد ڪين هو. باباڄن جي
گ ۾ اچڻ ڪانپوءِ کيس ٻهراڻ ڪڪي ڄائي؛ پوءِ ڪڪو.
ڪجهه وقت گهڻو سانگي ليرداس فقط وٺي سکر وڃي
هيو. اتي اوچتو ڪڪو سخت بيمار ٿي پيس. ليرداس
ان ۾ باباڄن ومت آيو؛ کين وينتي ڪري سکر وٺي ويو.
رت سان ڪڪو اچي گذاري ويو. ليرداس جي ماتا
ش کي باباڄن جي اچڻ لائين رڪائي چڙهيو. جنهن ٿي باباڄن

دل جي تڪليف ٿي. ڊاڪٽر کي گهرايو ويو پر ڪجهه فرق
نه ڪن. سڌن پتا گهڻو ئي چين هئا. جڏهن کٽ تي ليٽيل
هئا، بلڪل ان جي سامهون باباڄن جي تصوير براجمان هئي
سڌن پتا کٽ تي اٿي ويٺا ۽ باباڄن جي تصوير ڏانهن منهن
ڪري نمسڪار ڪيائون ۽ ارداس پائي ليٽي پيا. جلد ئي
سڌن اکيون بند ٿيون ۽ وڃي انهد جي گود ۾ واسو ڪيائون.

۽ اڄ سوين هزارين پريمين لاءِ باباڄن جي تصوير سهارو
بڻي پئي رهي آهي، ڪٺڪاري گرديو جي گومٽ آسيس
جو عڪس ٿي رهي آهي:-

باباڄن جي ساري جيون اچرج ڀريل واقعن سان ڀريو
آهي. جڏهن ڪارڄ جي سڦلتا جو رواجي طرح ڪو اندازو
ڪين هو، سو سڌن آسيس سان سڦل ٿيو. اهو سڀ سڌن
ڀڳتيءَ جو پرتاپ هو. ساکي پرماڻ ۾ ائين آهي ته هڪ
سيٺ وڏو داني هو، پر اولاد جي بک هيس. نارد مني
پرڀو تي هام هنيس: "مان تو وشنو ڀڳوان کي چٺي لکي
پت وٺي ڏيان." جڏهن وشنو ڀڳوان وٽ آيو ۽ سيٺ لاءِ
سفارش ڪيائين ته ڀڳوان لاچاري ڏيکاري چيس ته سيٺ کي
مٿي جنم ۾ به اولاد لکيل ڪونه آهي. نارد مني نراس
ٿي واپس موٽيو. هڪ ڏينهن ڪنهن سنت فقير سيٺ جي
در تي سڏ هنيو: "آهي ڪو جو بکئي کي ڀوڄن ڪرائي."
سيٺ جي زال ڏاڍي پريم سان ان سنت جي سيوا ڪئي ۽
سنت جيئن وڃي روٽي کائيندو، تيئن وڃي آسيسائون ڪندو:
"مائي جئن تو منهنجي بک مٽائي آهي، تئن تنهنجي به اولاد
جي بک لهندي ۽ جيتريون روٽيون کارايون اٿئي، ايترا
لعل ٿيندءِ." ائين چئي سنت غائب ٿي ويو. سچي پچي،
سنت جي آسيس سان سيٺ جو گهر اولاد سان ٻهڪڻ لڳو.

وڙ ڏيندا هئا. سندن وچن ۾ ڇڳ نه پر ليـي ايڪو هئا.
ڪي ۽ سندن صحبت ۾ آيا سي اگهيا. هو ۽ پريمين جي
س ۾ هوندا هئا، ڪين پڪاريو نه پاڻ هردم حاضر. هاڻ ۽
ڻ آهن، سمجهه آهن. درشن ڪرڻ وارا نند ۾ ٻوڙي جاڳه
سندن درشن پيا ڪندا آهن.

باباجن ايڪانت پسند ڪندا هئا ۽ ان شانتيءَ ۾ هو آتمڪ
اريءَ جو آنند ماڻيندا هئا. ليڪن هوندي به سيني ۾ سڪ
ندي اگر ڪو هڪ وقت لکهي ويندو هو ته ان جي ڪُڙڪ
ڪ هل چادر اندران نـي پوندي هئي ۽ هوءَ نڪار پيدا هئا:
جيءَ آيا، ست آيا، ڀلي آيا، خوش هوندا."

ڪاڻ ماءُ پنهنجي ٻار کي دکي حالت ۾ ڏسڻ ڪانه چاهيندي
هي، هو بيمار ٿيندو آهي ته ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڪيس
اريندي ضرور آهي، پوءِ ڪٺي هو ڪيترو نه رڙيون
ڪري. ان ۾ ٻي ٻار جي ڀلائي سمايل هوندي آهي ۽ اهو
ي ماءُ جي ممتا جو اڪل جذبو هوندو آهي، مهڙا سمجهه
پرن ۾ اٿين ٿي هئا.

باباجن چوندا هئا: "وڏن وڏن پستڪن پڙهڻ سان
ميشور نٿو ملي. گروءَ کان منتر وٺي انکي ڪمائڻ سان لوڪ
لوڪ جو راز ظاهر ٿو ٿئي.

گر ڪيجي، گر ميجي، گر کا ابجي لانءِ
گر بن بابا نانڪا، اوڙ ناهي ڪج ٿانءِ

روحاني راهه ۾ گروءَ جي ضرورت جي چرچا هلندي
وال اٿيو ته ڪيترا جگياسو مسلمان صوفي درويشن جي
جي گا شرن وٺن سو ڪيتري قدر واجب آهي. باباجن
جواب ۾ چيو: "پهتل درويش ٻنهي پکن ۾ آهن. جڏهن
ٽوٽ ٻج ڪوني ڪانه آهي ته پوءِ دون لي چيو وڃي."

آيا ته ڪين ٻيڙي کي جيئرو ڪرڻ جي وسيلي ڪيائين. باباج
سيٺ کي سمجهايو: "ايشور توهانجي امانت واپس ورائي
ان جي ڪري لئي راضي رهڻ ضروري آهي. باقي ٽيرٿداس
کي اسين ٻيو ڪڪو ڏيون ٿا جو جلدي اچي اوهان جو اڱ
آباد ڪندو. گهڻي چنتا نه ڪريو." سچ پچ ٽيرٿداس ک
ٻيو ڪڪو ٿيو ۽ سيٺ جي گهر جا ڀاتي گڏ گڏ ٿي باباجن جا ٿ
ٿورا مڃيندا رهيا.

ديوان جيٺانند ڀلاڻيءَ سان باباجن جو ڪيڏو نه آئي پريم
هو. جڏهن سنڌس ١٤ سالن جو لاڏلو نهال سخت بيمار ٿيو
۽ راه رباني وٺي ويو ته باباجن ظاهر ڪيو: "جيڪي ديوان
چوي ها ته نهال کي حياتي وٺي ڏيون ها، پر پوءِ ديوان
سان اسان جو ناتو ساڳيو نه رهي ها." ديوان به ته سياڻو هو.
باباجن جو پريم هن لاءِ سڀ کان اُتم هو، سو اهڙي گهر ڪري
ٿي چو. ڀڳوان جو ڀاڻو مٺو ڪري مڃيائين ته باباجن جي نظرن
۾ هٿائين مٿي چڙهي ويو. ڪيڏو نه باباجن جو مٿس راز هو!
هڪ ڏينهن جڏهن ديوان جيٺانند نوشهري جي مختيارڪار
هو ته ڪن بدمعاشن لئي سخت قدم کڻڻ سبب مٿس پڪارون
ٿيون، سو آيو باباجن وٽ دل جو حال ڪرڻ. باباجن ناروشاه
باغ لئي هئا ۽ مالها هٿ ۾ هئن. اڃا ديوان ڪجهه ڪڇي ٿي
ڪڇي ته باباجن چيس: "ديوان سمرٽي به ونو سور ٿيان ۽ خبر
اٿئي ته ايشور کي ساڳئي وقت ڇا وٺو چوان؟ چوالس ونو
ته ديوان مهنجو اٿئي. ڏسجاره جٿن اچ ڪانپوره وري مٿس
پوڪار نه ٿئي." وري ڪا پوڪار مٿس ڪانه ٿي.

باباجن جو آديش هوندو هو: "توهين سچ لئي آهيو ته
اسين توهان سان ساڻ آهيون." سنڌن شش جيهن ڪشتيءَ
جا ڀاتري هئا، ان جا هو ملاح هئا. هر ڳالهه جي اڳواڻ ٿي

سائين. جڏهن انهن پڇيس ته ”فقير سائين، اوهين ناحق
انسکي ڇماٽ ڇو هنيو؟“ ته ڪين ورندي ڏنائين: ”پهتا
اني ناٿين ته ڪين آهيو، هليا آهيو سڌو الله سائينءَ کي
الڻ.“ سو پهريائين پنهنجي سنگر جي لڙ پڪڙڻي آهي،
نهنجي سنگر جي اوٽ وٺڻي آهي، پنهنجي سنگر کي سرچاڻو
ي ۽ پوءِ ئي ڪرشن جو آڪرشڻ پسڻو آهي.

باباڄن جي سکيا جو سار اهو ئي هو جو ودانت جو گيان
سدانت آهي: ”سيئي سکي رهن. سڀ تندرست رهن،
يئي چڱائي ڏسن، شل ڪنهن جي به ڀاڱي ۾ دک نه پوي.“
مدن اُپديش هو ’هٿن سان ڪاڄ ۽ مک ۾ رام.‘ سيوي لاءِ
مدن آديش هو: ”پنهنجي ڪمائيءَ تي ڀاڙيو، اپت اهڙ
رچ ڪريو. سادگيءَ ۾ سائين سهاءِ ٿيندو. وڏيو ۽ وراهيو
ان مان ئي سک پراپت ٿيندو.“ وشنداس لعلواڻي (بمبئي)
ي ته باباڄن اهائي هدايت ڪئي: ”پنهنجو آهار وهنوار شڌ
ڪجي. وشين کان سدائين پاسو ڪجي. ٻاڙڪي ڪجهه نه سمجهجي.
جايو وقت نه وڃائجي. سچ ڳالهائڻ سان پرڀات رکجي.“ مطلب
باباڄن پاڻ نه ليکڻ ۽ وڏيءَ ۾ رڳيل هئا پر پنهنجن شيوڪن
ه ساڳيا گڻ پيدا ڪرڻ جو پرشارٿ ڪندا رهندا هئا. هوءَ اوچ
ڪوني وارا ٿوڳي هئا. گيتا جي اڌياءِ ڇهين جي سلوڪ ۴ ۾
ٿري ڪرشڻ ڀڳوان چوي ٿو: ”جڏهن وقت، نه ته اندرين
جي ڀوڳن ۾ ۽ نه ڪرمن ۾ موهه رهي ٿو، ان وقت سڀني
سنڪلپن کان آجو ٿيل پرش يوگ پد وارو ٿوڳي چيو وڃي ٿو.“
باباڄن ان منزل تي پهچي چڪا هئا.

باباڄن جو ڪجهه هئا / آهن، اهو اصليت هو / آهي. هو
ساکيات آهن. پرپورڻ آهن. سدائين ڪرپا اڄ به آهي ۽
پهندي رهندي. ●

اُنهن چوڻ سان ٻاٻاجن... کي مسلمان فقيرن جي گهڻائي ڪاله ڏٺي
انهن سان ٻه سنڌين اهڙوئي نيڻهن هون جهڙو ڪن هندو ساڌ
سنتن سان، پر جڳياسين لاءِ پنهنجي سپاونڪ ڌرم اوسار ئي
روحاني رهبر جو هئڻ لازمي سمجهندا هئا، گيتا جي اڌيا
ارڙهين جي سلوڪ ۴۷ ۾ ٻه شري ڪرشڻ ڀڳوان اهڙو ئي
آديش ڏني ٿو.

وطائي فقير بابت هڪ وارتا چوڻ ۾ ايندي آهي ته هڪ
دفعي اهو درويش درياهه جي ڀرتي طرف ٿي ويو. ٻيڙي
اچا اڳيرو مس وڌي ته ڪيس اچي ڪو ڀئو پيو ۽ ٻيڙي
واري کي پٺتي موٽائي، ڪناري تي لهي پيو. ٻه سياڻا
انسان جي ٻيڙيءَ ۾ ويٺا هئا، تن سمجهي ورتو ته ضرور
ڳالهه ۾ ڪجهه آهي، نه ته هيءُ فقير ڇو پٺتي موٽي ها.
اهي ٻئي شخص به لهي پيا ۽ وطائي سان گڏ ڪناري تي
ويهي، ٻيڙيءَ طرف نهاريندا رهيا. قدرت سان ٻيڙي درياهه
جي وچ سير تي وڃي ٻڏي وئي. اها روئداد ڏسي وطائي
پنهنجيءَ ڪانءِ جا پاڇا ميٺي ڪٽي، پاڻيءَ ۾ پير وجهي هلڻ
لڳو. انهن ٻنهي شخصن به عرض ڪيس ته "اسانکي به ٻيءَ
پر پاڻ سان گڏ وٺي هل." وطائي هڪ کي ساڄو هٿ ڏنو
۽ ٻئي کي کابو ۽ چيائين: "جي چاهيو ته سک سان ٻيءَ پر
پهچون ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏون نه، ته منهنجي نالي جو سمرڻ ڪندا
هلو." ٻنهي ڄڻن انهن ڪرڻ قبول ڪيو ۽ مک مان 'وطايو'
'وطايو' جي رٽ هڻڻ شروع ڪري ڇڏيائون. ڪجهه پند
سک سان ڪيئي وڃڻ کانپوءِ ڪن تي ٻرلاءُ پين ته وطايو پاڻ
ته "الله سائين"، "الله سائين" پيو چوي. هنن به پوءِ
انهن چوڻ شروع ڪيو ۽ اڳيرو وڌيا مس ته ٻئي ٻڏڻ لڳا.
فقير سائين سڄي ڳالهه سمجهي ويو ۽ ٻڌي ٻنهي کي ڇماٽ

يو، سو ته پورن ڏيکارا سان. سچ ته هو ورتي کان مٿي
، برهم روپ هئا.

پنهنجي ورڻ ڌرم جي پوريءَ ريت پالنا ڪرڻ سان
هڪرڻ شڌ ٿئي ٿو، جيون ۾ وئراڳ ورتي واسو ڪري
، من آتم گيان لاءِ اتڪڻي ٿو ۽ گروءَ جو اپديش اندر ۾
ڪي ٿو. ڪبير صاحب ذات جو ڪوري هو پر پنهنجي
ڻ ڌرم تي قائم رهي هن موکش پراپت ڪيو. ڀڳت
مدبو ۽ ڀڳت روداس جو گهٽ ذات وارا هئا پر پنهنجو
ڌرم پاليندي موکش جا اڌڪاري بڻيا. مطلب ته:

ذات نه پڇي ذات کي جو وڃي سو لهي.

باباڻن ته جوڳه پڇائي اعلا لڌو. پريوءَ جي پرسنتا پراپت
ڻي. اهو ئي آهي گيتا جو گيان جنهن موجب مڪش لاءِ
پنهنجي ورڻ ۽ آشرم انوسار ڪرم ڪرڻ سان پرماتما جي
ڪمن جي پيروي ڪرڻي آهي ۽ جڳ ۾ پنهنجن ڌرمن
ڀي ڪن سان ايشور جي پوڄا ڪرڻي آهي. پرماتما اهڙي
ڻن تي بلڪل پرسن ٿئي ٿو ۽ هو انتهڪرڻ جي شڌي
صل ڪري آتم گيان جو اڌڪاري بڻجي ٿو. ائين ئي ايشور
ي پرسنتا سان سڀ دکن جو ناس ٿئي ٿو. اهڙي ئي منزل
ي باباڻن جي.

اهڙو ست پرش جڏهن ڪجهه نه ڏئي ٿو نه هن مان
ڪجهه نه ڪڍجي ٿو ته اهو ٿيو ساگر مان گهاگهر ڀرڻ جيان.
ڪيڏو ته ڪٿي ساگر مان پاڻي ڪڍجي ته نه ساگر اڌي جو اوڏو.
ها منزل اهڙي آهي، جنهن منزل تي رسي رشي ڀاڳيرٿ
ن ڌرتيءَ تي گنگا ندي آندي، شري رامچندر سيتا جي
۾ شو جو ڌنش نوڙيو. اهو ٿيو برهم شڪتيءَ جو
ل. اها شڪتي وشواس ۽ پورن شرڌا سان اڀين ٿي ٿئي

صحيح سڃاڻائون سپرين

گيتا جي اڌياءِ اَرڙهين جي سلوڪ ۴۲، ۴۳ ۽ ۴۴ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان هر هڪ ورڻ جي سڀاوڪ ڪرمن جو ورڻن ڪري ٿو ۽ سلوڪ ۴۵ موجب پنهنجي پنهنجي سڀاوڪ ڪرم ۾ لڳل منش پرم سڌي حاصل ڪري ٿو.

شم انتهڪرڻ، اندرين کي وس ۾ رکڻ، اُپراڌن جي ڪميا ڪرڻ، من اندرين ۽ شرير جي سرلتا، ايشور ۽ ويد شاسترن ۾ شرڌا ۽ پرماتما جي تتو جو انڀؤ ڪرڻ برهمڻ جا سڀاوڪ ڪرم چيا ويا آهن. ڪتريءَ جا سڀاوڪ ڪرم آهن سورويرتا، تيج، چترائي، سامهو ڪرڻ، دان ڏيڻ ۽ سوامي ڀاوُ رکڻ. ويش لاءِ کيتي، گئو رکشا ۽ شد وهنوار سڀاوڪ ڪرم آهن ته شودر لاءِ سڀني جيؤ پراڻين جي سيوا ڪرڻ ئي سڀاوڪ ڪرم ليکيو ويو آهي.

باباڻن جي جيون ۾ مٿين سڀني گڻن جو چمتڪار هو. شم برهمڻ جيان اندرين کي وس ۾ رکي، اُپراڌين لاءِ ڪميا درشٽي ڌاري، پرماتما جي تتو گيان جو انڀؤ ڪيائون. سندن ڪتريءَ وارو تيج، نرڀيتا، سامهو ڪرڻ جي شڪتي ته پرسڌ هئا. کيتي، ڳائين جي نهل ۽ وهنوار جي مرڀادا ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هٿن سان هاج ڪرڻ، سڀني جيو پراڻين جي سيوا ڪرڻ ته سندن مول ڌرم هو. مطلب ته هو چئني ورڻن جي گڻن جا ڀنڊار هئا. پنهنجي پنهنجي ورڻ ۾ پختو رهي سڀاوڪ ڪرمن جي پالنا ڪرڻ سان منش پرم سڌيءَ کي حاصل ڪري ٿو. باباڻن ته چئني ورڻن جي گڻن جو گرهڻ

بابا جن جو سنگ جن کي پراپت ٿيو، انهن لاءِ سدائين
درشٽي هوندي هئي، ڇو ته هو ايشور روپ هئا.
ن جيون جا لکش جي گيتا جي فرمائڻ مطابق ٿي هئا،
سڃ ڪن ٿا. وري جي بابا جن جا پريمي ۽ ڀڳت بڻيا،
جو باباجن ۾ ڀيو ۽ پورن وشواس هو، انهن کي به
جن پنهنجيءَ دل ۾ سمائي ڇڏيو. شري ڪرشڻ ڀڳوان گيتا
اڌياءِ ارڙهين جي سلوڪ ٥٥ ۾ پنهنجي پرم ڀڳت ارجن
چوي ٿو: ”پرا ڀڳتيءَ دوارا جو منش مونکي تتو ت
ي تو ڪ مان ڪير آهيان، ڪهڙي پرڀاو وارو آهيان،
ڪ ان ڀڳتيءَ سان ٿي هو مونکي پوريءَ رنت ڄاڻي،
ن ۾ لين ٿي وڃي ٿو.“

ڀڳت ۽ ڀڳوان جو ڀيد مٽجي ٿو ڀڳتيءَ دوارا. ٻئي هڪ
ذانهن وڃن ٿا. اهڙيءَ ساڌنا جو ڦل ظاهر ٿيو ان سمي
هن بابا جن آخرين پلڪن وقت پنهنجي پياري چيلي ساڌو
وارام کي سر جهڪائي نه رکيو پنهنجو پاڻ هن ۾ سمائي ڇڏيو
هن کي به پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. اهو هو بابا شيوارام جن
ي ڀڳتيءَ جو پوڳ.

ڀڳوان کي تتو رت ڄاڻڻ ۽ ان ۾ لين ٿي وڃڻ سچ
ڪي ٻه جدا ڳالهيون ڪين آهن. جيڪو ڀڳوان کي پوريءَ
ح ڄاڻي ٿو، اهو ئي هن ۾ لين ٿئي ٿو. ڀڳتي شروع ٿئي
اسمن سان، پر اهي ٻئي هڪ ٿي وڃن. ڀڳت ڀڳوان
سمائجي وڃڻ کان پوءِ پاڻ کي اڀيد، اجنما، ابناسي، اکنڊ
رم پرڪاش، ست چت آنند سروپ ڄاڻي ٿو ۽ سڀ جو
رو ۽ سهارو ٿيو پوي. ان وقت هو، ان پدويءَ تي
ڇي، پاڻ کي مهاساگر ٿو سمجهي ۽ پيو جو سڀ ذرڙا ۾ ٿو
يس، ان کي پنهنجون لهرون، بدبدا ۽ جل جا ڦڙا ٿو ڄاڻي.

جا ٻراهمڻ ڪٿي ٻيئي سڏامي جهڙي ڀڳوان گهڙيءَ ۾ سون جا محل تيار ڪرائي ڇڏيا ۽ پاڻ سان ڀيٽي آسڻ تي ويهاريو. اهو آهي گرو ڪرپا جو ڦل. گرو ڪيهن تي پرسن ٿئي ته نهال ڪري ڇڏي.

گرو نانڪ ديو جن کان ڪنهن ٻراهمڻ پڇيو: "سائين! ڪانگ ۽ هنس ٿي سگهي ٿو؟" گرو جن ورائيس: "ڀائا! ان جو جواب سڀاڻي اُمرت ويلي اچڻ ته ملندءِ." ٻئي ڏينهن هو آيو ته گرو جن چيس: "شهر جي ٻاهران ٻن ٽن ميلن تي واريءَ جو دڙو آهي، اتي وڃي ڏس ته ڪير ويٺا آهن." هو ويو ۽ ڏٺائين ته هڪ ڪانءُ ۽ هڪ ڪانوڻي ويٺا آهن. اچي گرو جن کي ٻڌايائين. وري گرو جن ڪيس ٻئي ڏينهن موڪليو ته ڇا ڏسي ته ساڳيءَ جاءِ تي بگلو ۽ بگلي ويٺا آهن. ٽئين ڏينهن ويو ته ڏسي ته هنس ۽ هنسڻي ويٺا آهن. وري چوٿين ڏينهن ويو ته هڪ سندر جوڙي مرد ۽ استريءَ کي ويٺل ڏٺائين. هن کان پڇيائين: "ڀائي توهين ڪير آهيو؟" جواب مليس: "اسين اهي ئي ڪانءُ ۽ ڪانوڻي آهيون، جن کي تو چار ڏينهن اڳ اچي ڏٺو هو. تنهنجي چرنن ڇهڻ ۽ درشن ڪرڻ سان اسانکي هيءُ ڦل مليو آهي، ڇو ته توهان سمرٿ گروءَ جا پريمي آهيو. اهڙي ستگروءَ جي ڪرپا سان اسين مُڪت ٿيا آهيون." هن درشٽانت مان اهو سِڌ ٿئي ٿو ته مهاپرشن ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهي ۽ انهن مهاپرشن جو سنگ ڪرڻ سان جو ڦل ملي ٿو، اهو مها ڀاڳ راڄ تيرٿ کان به وڌيڪ آهي. نارد مني اڳئين جنم ۾ هڪ داسيءَ جو پٽ هو. سندس ماتا سنتن ۽ مهاتمائن جي سيوا ڪندي هئي جنهنجي ڪارڻ هو انهن جي سنگ ۾ آيو ۽ ٻئي جنم ۾ برهما جو پٽ نارد ٿيو.

ن لڙُ ورلم ڏ نهچيه ۽ وڏو اٿم ۽ ٻاٻاڄن کي سمجهڻ جي
شش ۽ ڪئي اٿم. منهنجي ڪوشش ڪنهن هوندي ۽
ي ڏ ليکي ڇو ڏ مونکان وڏڪ ۽ کي گيان وان ؟
وان آهن جن پنهنجو سارو جيون ٻاٻاڄن کي ارپي ڏنو. هو
جهه وڏڪ ٻاٻاڄن جي ڳالهه جو ڳڻتڏان ڇڏي ٿا سگهن. ڪنهن
ندي ۽ آشا اٿم ڏ هيءَ منهنجي اڻ پوري ڪوشش قبول
ندي، جو:

محبت پائي من ۾ رنبا روڙيا جن
ڏسن ڇو صراڻن اڻ ٽوريو اکهايو.

شل ٽور نه ٿئي! پنهنجي سمجهه آهر شرڌا جا قول چاڙهيا
، انهيءَ کان ٿي مليل، جو ٻاڻ داتار هو، اوتار هو، ٻڙيو
، هوندو ۽ آهي.
ڏ ن اهڙو ٻاٻا هرڌام صاحب. ●

اهڙي ڀڳت جي اوٽ وٺڻ آهي ڀڳوان جي اوٽ وٺڻ. باباجن جي جيون ۾ ڪيترائي شخص آيا جن پنهنجي پورن شرڌا سان سندن شرڻ ورتي، پنهنجو سڀڪجهه باباجن کي سونپي ڇڏيو، پنهنجي اندر مان اهنڪار ۽ وڏائي ڪاهي ڪڍي هڪ ئي ابلاشا رکي، دنيا جي ڀؤ ساگر مان سولو پار ڪرڻ جي. اهڙن ڪن پراڻي ڀڳتن جي جيون جون جهلڪيون منهنجي پياري دادا هاسارام، جو باباجن جي سمپرڪ ۾ ڪافي رهيو، الڳ باب "ڀين پرڪ پراڻن جي" ۾ ڏنيون آهن.

سائين لاءِ مستانا سندس محل ۾ پهچڻ لاءِ رستي ڪيتري نه قرباني ڏيڻي پوي ٿي ته هيڪڻ ڪين. سهڻيءَ واڪ سر ڏيڻ کان نه ڪين ڪسن. سهڻيءَ کي ميهار لاءِ نيڻهن هو ميهار درياهه جي هن پار رهندو هو. سهڻي دلي ۾ تري هنڪي ماڻڪ و پندي هئي. هڪ ڏينهن سهڻيءَ جي مائٽن اهو دلو مٽائي، ڪچو گهڙو ڪٿي رکيو. نديءَ ۾ چوهه هو پر سهڻيءَ لاءِ ان گهڙي کان سواءِ ٻيو سهارو ڪين هو. موت سامهون هوس پر قدم پٺتي نه هٽايائين. پرلتم سان ملڻ لاءِ اهڙي ساڌنا جي ضرورت آهي. اهوئي آهي لن من ڌن پنهنجي ستگروءَ کي ارپڻ ڪرڻ. ستگرو سدائين امر آهي. هو ڪڏهن به ناس نٿو ٿئي. راجستان جي هڪ مهان سنت دادوءَ جو چوڻ آهي: "جڏهن دنيا جي رچنا ڪانه هئي، تڏهن به مان هوس ۽ جڏهن دنيا ناس ٿيندي تڏهن به منهنجي هستي قائم رهندي." اهڙو پريم ڏاڍو ڏکيو آهي ته ضرور هن مها پاپ ساگر کان پار اڪاريندو. اڳي مان به نديو هوس. مون ۾ ڪو گيان نه هو. ٻائين سان گرمکن جو سرڪ مليم ۽ باباجن ڏانهن لاڙو ٿيو. مونکي گيان ڪين هو، چو ته مون ۾ اها بڌي ڪانه هئي، مون ۾ پوري وديا ڪانه هئي.

سُرڳ سائين تون سڌرا



ديوان ٺاڪرداس گھنشامداس گورسهائي

عاشق سڀ مڃين آگيا عجيبن جي،
سامي رهي سڪ ۾ - وڃن ڪين ڀڄين،
لوري سر وڃين، ته به پير نه وِجهن پوئتي ·

- سامي

ٻُنِ ٻرک ٻِرينِ جي

(سمپادڪ جي قلم مان)

ماڻهو ڄڻئي نه سهڻا، ٻڪي ڄڻئي نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي

گيتا جي ڇهين ادياءَ ۾ آيل آهي ته منش جنم وٺڻ سا
پنهنجي اڳئين جنم ۾ ڪيل ڀوڳ ساڌنا جا سنسڪار پاڻ سا
کڻي اچي ٿو جي سندس نئين جيون جو پاسو ٻڌي اڳتي
وک وڌائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو ڪي
ڄمندي جام ٿين ؛ ڪنهن عامل ستگروءَ جي سنگ ملڻ سا
انجي بتايل راهه تي هلي جلدئي وڃي اوچ ڪرنيءَ کي رسن

ٻلهاري گرو آپڻي، ڏيئهاري سد وار
جن مانس تي ديوتي ڪيئي، ڪرت نه لاڳي وار

جيئن پارس لوهه کي سون بڻائي ٿو يا چندن جو وڻ پ
واري وڻ کي چندن جي خوشبوءِ عطا ڪري ٿو، تيئن پورن
ستگرو پنهنجي شش کي، جنهن پنهنجو آپو مٽائي، سڀ
ڪارڻ ستگرن جي ارپڻ ڪري، انهيءَ ڀڳتيءَ سان ستگرن
جي شرن ورتي آهي، سو ان پنهنجي پوم ڀڳت کي پنهنجي
سروپ ۾ جاءِ ڏئي ٿو.

هن هيٺ ڪن اهڙن پوم ڀڳتن جي جيون مان جهلڪون
ڏجن ٿيون، جن کي باباجن جي سنگ مان رنگ چڙهيو، جن
پاڻ باباجن جي ڪرپا جو وڏو احساس ماڻي سگهن.

ديوان ٺاڪرداس گھنشامداس گورسھاڻي

”بابا، اسانجو پرلتم هاڻي موڪلائڻ جو سعيو پيو ڪري.“
ل دل سان باباجن أهي شبد شري چرنداس کي ٻڌايو
ري ڇيا. شري چرنداس جو پتا ديوان ٺاڪرداس
شامداس گورسھاڻي باباجن جو نمديءَ هوندي جو ساٿي
. پهي ڳڌجي باباڪرپارام صاحب جن وٽ اڀياس ڪيو
و. ديوان ٺاڪرداس جو گھر دربار صاحب جي ڀرسان
ڏيڪ هو، سو ودپارٿي اوستا ۾ سندن گھڻو اُٿڻ وهڻ
ربار صاحب ۾ ٿيندو هو. نوڪريءَ ۾ به جڏهن گھر ايندا
پهرين دربار صاحب ۾ متو ٽيڪي پوءِ گھر ۾ پير رکندا
وا. مون کين ڪيترا دفعا پنهنجي گھر ٻاهران گھوڙيءَ تان
ندو ڏٺو. ملائڪ جھڙي صورت هئن. سپاجھا، نهٺا،
اٺا، سندن چهري مان نوراني نور پيو ٻهڪندو هو: سال
۱۹۳ جي شروعات ۾ رٽائر ڪري پنهنجي وطن وريا ۽
ريءَ ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ ۽ دربار صاحب ۾ پنهنجو
ڻو سمو وليت ڪندا هوا. اوچتو فيبروري ۱۹۳۴ ۾ جڏهن
م جو گهڻي مونيا ته کين ڪم جي ڪجھ تڪليف آئي.
ندن مربي پٽ چرنداس جو هوڻ نوڪري سانگي لاهور
هندو هو سو به اُن وقت موڪل وٺي گھر آيل هو. ڪام
ن تورو بخار ٿين. جڏهن باباجن کي سندن ناچاڪائيءَ جي
بر پئي ته لکيو آيا کيس ڏسڻ. باباجن نه جاڻي جاڻنهار
وا. کين هڪدم پرون پنجي ولون ته سندن نمديءَ هوندي
و ساٿي هاڻي اکيم ٻاڙا لاءِ تياري پيو ڪري. جڏهن شري
رنداس کي اڳواٽ آگاه ڪيائون ته اج نه، پر پرهينءَ رات

ناٿُ ڏنائون ناهہ ۾



ديوان پرمانند پهلاجراءِ نوٽاڻي

اُڀ جا نکشتر تارا جنهن جي، ٽمڪي ڪن واکاڻ،
پونم جو چنڊ چمڪي جنهن لاءِ، اوتي ٿو چانڊاڻ،
وڻ جهون ٽاريون چونڙ جهلائن، ڦهلائي ساواڻ،
تنهن جي تڪڙي ڄاڻ، پيئي هن مرڪ کي.

- ڪمل پياسي

جو پرڀات سمي اسانجو سڄڻ سيمي کان موڪلائي راه رنا
ونئي ويندو ۽ برابر ٿيو ته انهن جيتوڻيڪ دک جو رو
اُن وقت اهڙو نه هو جنهن مان اهو انومان نڪري سگهي
ٿو جن جو انتهڪرڻ شڌ آهي اُهي نه اڳواٽ ئي اهڙ واق
چٽيءَ طرح ڏسي ٿا سگهن. هوڏانهن ديوان ٺاڪرداس ب
ساڳئي گروهه جي سنگ ۾ رهي رَچي راس ٿيو هو. او
آتمائن جو اچڻ وڃڻ پنهنجي مرضي مطابق ٿئي ٿو. براب
ٿوري بيماري سمي لي ديوان ٺاڪرداس جو ڦوڪ ڦريو
باباجن به پاڻ اچي سکمڻي صاحب ڪڍي وڏي آواز سان پاٺ
پڙهڻ شروع ڪيو. پاٺ ته پورو ٿيو ته ديوان ٺاڪرداس
'هري رام' چئي هن جوڙي سيمي کان هميشه لاءِ
موڪلايو. ڪمڏي نه اوچ ڪوٺي وارا صاحب هوا جـ
دنيوي مايا جي ڪنهن به موهه ۾ نه ڦاسي، اولاد خواه استري
کان مرڪندي موڪلايائون. اهڙو سو ڪيائون جو پنهنجي
مرڻي سمي کي پارت ڪري ويا ته مالا ۽ نتين پاڻ جو
خيال رکجو ۽ پاٺو چرنداس اها پتا جن جي آگيا مٿي لي رکي
پنهنجا فرض دل و جان سان بجاءِ آڻيندا. سٺو ادب آهي
لکڻ سان گهڻو پريم اٿس. پتا وانگر سندس سبنڌ به درٻار
صاحب سان ننڍي هوندي کان گهرو رهيو آهي. انهيءَ ۾
گهڙو شڪ نه جڏهن باباجن پنهنجو ناسوت چولو لاٿو ته
سيمي پريمين جون اکيون ڏانهس وريون ته باباجن جو جيون
چرتر لکي تيار ڪري جنهن پريمي اهو پڙهي باباجن جون
يادگيريون تازيون رکندا اچن. هن ۽ جفاڪشي ڪري هڪڙو
پستڪ سال ١٩٥٠ ۾ ۽ ٻيو وري وڌائي سال ١٩٧٥ ۾
شايع ڪيا جي هميشه لاءِ سندس قابليت ۽ شرڌا جا يادگار
ٿي رهندا.

ديوان پرمانند ڀلاجراءِ نوڪاڻي

"چڱو ديوان، جي پٽ نه ته پوٽو ضرور ملندو." اهي
وا باباجن جا شبد جي هن راءِ بهادر ڀلاجراءِ (ديوان پرمانند
ي پتا) کي ڪجهه سمو اڳي چيا هوا. راءِ بهادر جو نيون
مر فرزند ساڌو رام جنهنجي عمر انوقت اٽڪل ١٠ ورهيه
ئي، سو اوچي سخت بيمار ٿيو. ڦڪيون فرق ٿي نه ڪن
ير ڪو حيلو نه ڏسي راءِ بهادر باباجن کي اچي وينتي ڪئي
ڪيئن به ڪري ٻالڪ جي حياتي بچائين. باباجن صبوح
شام راءِ بهادر جي مڪان تي اچي ٻالڪ تي جهاڙ پڙهندا هوا
تورن ٿي ڏينهن ۾ ٻالڪ نوبنو ٿي پيو. باباجن راءِ بهادر
ي کلي چيو: "هاڻي هيءُ ٻالڪ ڪٺي اسانکي ڏيو." راءِ
بهادر ورائيو: "سائين، سڀئي ٻالڪ توهانجا آهن." باباجن
سمجهي ويا ته پوءِ جواب ۾ سندن مڪاروند مان مٺيان شبد
نڪتا. وقت گذرندي ويرم نٿو ڪري. راءِ بهادر جي
مر ٻي پٽ پرمانند جو ننڍي هوندي کان ئي باباجن سان الي
پريم هو. ننڍي هوندي کان ئي وئراڳ ورتي هئس. ايشور
ڪيس سڀڪجهه ڏنو هو. پنهنجي زمين جي پيداش اهندي
هين. جيتو ٽيڪ ڪٽنب جي لحاظ کان ونن اڄ ميا انبار
ڪين هوا پر ته به سنتوشي جيون لاءِ دال روٽي ڪافي
سمجهي باباجن جي شيوا ۾ پاڻ ارپڻ ڪيائون. رهڻي به
سادي هئن. کاڌيءَ جا ڪپڙا پهريندا هوا. سنتن مهاتمائن
لاءِ الي شرڌا هئن.

هڪ دفعي ڀائي ڪميا داس ۽ ڀائي ديويداس کي نوٽو
ڏٺي گهرايائون. ڀائو ديويداس سندن ڏرمپتنيءَ جو جنم جو

...ٿي چڪا هوا ته، ”ديوان پٽ نه ته ٿو ٿو اسانکي ملندو.“ ...و مشڪيا ۽ آکيائون: ”جڏهن توهانجي مرضي. جي پٽ ڄائو اسانکي ڏجو. جي ڌيءُ ڄائي ته، انجي شادي اسين ڪرائينداسين.“ ٻه ڏيهري ٿي. پٽ ڄائو. واڌايون وري ...يون. جنم جو نالو ليرت نڪتو ۽ سيڪو کيس ٻائو ٻائو ...ڻ لڳو. پنجن سالن جو ٿيو ته ديوان پرمانند کيس ٻاباڄڻ ...مت اڳي پيٽ ڪيو. اڄ اهو ٻالڪ ٻائي آڪيارهن جي نالي ...ان دربار جي سيوا ٻيو ڪري.

متئين ليکي ڪانپوءِ ديوان پرمانند جو ڪٽنب ٿان سو هه ...ٿائين ڪجهي پيو. فقط رسوئي ڪرڻ لاءِ گهر ايندا ته ته سڄو ...قت دربار ۾ ئي گذاريندا هوا. ٻاباڄڻ ۽ ڪم سان ڪڏهن ...ن سکر ته ڪڏهن نواب شاهه پيا موڪليندا هوا. هڪ دفعي ...ين سکر وڃڻ جي آڳيا ٿي. ڇو ته انوقت سندن ڌرمپتني ...خت بيمار هئي. سندس سان احوال ڪيائين ته جواب ۾ ...رمايائون: ”پرمانند، هئي آهو توکان وڌي آهي. تون ...ر چيت رات واريءَ گاڏيءَ ۾ هليو وڃ. هڪ ڪٽوري ۾ ...جل پڙهي، ان ۾ ڌوٽي چپٽي وجهي کيس ڏنائون ته وڃي ...ڍارهس. صبوح ٿائين نيڪ ٿي ويندي. ’ست وچن‘ چئي ...يوان پرمانند ائين ڪيو ۽ ٻاڻ رات جو ئي سکر روانو ٿي ...يو. موٽي اچي ٿي ڏنائين ته سندس ڌرمپتني بلڪل نيڪ ...ٿي هئي.

پنهنجي نڪام سيوا سان ديوان پرمانند ٻاباڄڻ جي دل ...پنهي ولي. کيس هميشه پيا آسيس ڪندا هوا. ”پرمانند، ...انند ٿي آنند ۾ رهندين،“ ۽ نڪتيق گهر جي ڪيترن ئي ...جوابدارين هوندي به هو مشڪندا ئي رهندا هوا. ٻاباڄڻ به ...يوان پرمانند جي گرهست جيون جون جوابداريون پنهنجن

مامو لڳندو هو. ساڳئي وقت باباجن ۽ ڀائي آتمارام کي ٻه پوڄن لاءِ وهنتي ڪيائون. سيڻئي سنت هڪ وقت ديوان پرمانند جي گهر ڪنا ٿيا. شبد ڪيرتن ٿيو. ڀائي ديوداس سان گڏ سندس چيلو ڀائي گنگاداس ٻه هو. شبد اهڙو ڳاتائين جو واهه واهه پئجي وئي. باباجن ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ ڪيس ٻيو دفعو ڳائڻ لاءِ چيائون. پوڄن بعد باباجن سيڻئي کي پنهنجي دربار صاحب ۾ وٺي آيا.

ديوان پرمانند بلڪل نيم ٽيم سان دربار صاحب جي شيوا ڪندا هوا. صبوح جو ۴ بجه اٿندا. اشنان پاڻي ڪري سڌو دربار صاحب ۾ اچي صاحب پرڪاش ڪندا. آسادي وار ۾ شامل ٿيندا ۽ ان ڪانپوءِ ٻيءَ شيوا ۾ لڳا رهندا. ڏهين بجي ڏاري ڏٺ جو لونو کٽي گهر ايندا جتهن مان سيدي گهر جي پالڻ کي، انهلي ڏهئي پاڻ روٽيءَ سان ورتائيندا هوا. وري شام جو ڇئين بجي ڪتا لي دربار صاحب ۾ ويندا ۽ الي ٽي شيوا ۾ لڳا رهندا جيسين صاحب سالاعين. پوءِ باباجن لوٽي ۾ کير ڏيندن جو اچي رسوئيءَ سان کائيندا ۽ انين سندن جيون باباجن جي چرڻ شرن ۾ گذرندي رهي. پاڻکي باباجن ۾ اهڙو سمرپڻ ڪري چڪا جو سندن من ۾ خيال اٿڻ ٿيو ته ڇو ڪين پنهنجو هڪ لعل سنتن کي ارپي ڏين جو سنتن جو ٿي ڳڻجي ۽ چوويهه ڪلاڪ سندن شيوا ۾ لڳو رهي. ان وقت سندن ٽوم پتني گربولتي هئي. ساڻس پنهنجي من جو احوال ڪيائون. هوءِ ته ستي سيلونتي هئي. پنهنجي پتيءَ جي اهڙي سد ڀاونا ڏسي 'جا آگيا' چئي ٽرڻ لڳي ته نئون ٻالڪ باباجن کي ڀيٽ ڪرڻ جو ڪيس سو ڀاڳيه ملندو ۽ ضرور پت ٿي ڄمندو جو ٽيءَ ته ڀيٽ ڏيڻ ۾ ايندي ڪين. باباجن سان ڳالهه ڪئي وئي. باباجن ته اڳئي ديوان پرمانند جي پتنا کي

ب سان ڪائي و يا پر پوئتي بہ ڪافي مال ڇڏيو. هڪ
لڪ تي گذريو.

و رهاڱي ڪانپور جڏهن سندي هندو پارس ۾ نوڪري تي
۽ باباڻن جي گذرسر بابا شيوارام صاحب جي پيلواڙ و اڇي
سو لہ ديوان پرمانند پنهنجي ڪٽنب سان ڀرين وڏي
ت رامچند وٽ جهانسيءَ ۾ رهيو ۽ پوءِ اجمير ۾ اچي گهر
يو. جنهن تي پيلواڙي مان ٻيس ساڳي دربار صاحب جي
وا جو سڏ ٿيو نہ هو اچي حاضر ٿيو ۽ ڪليهن وغيره جي
ر تين ڪم ۾ جنبي ويو. وقت بوقت اجمير پنهنجي ڪٽنب
ي سار سنڀال لاءِ پيا ويندا هوا نہ تہ باقي وقت دربار
احب جي ڪاروبار ۾ خرچ ڪندا هوا. جنهن اڳيم باباڻن
ي دل ورلي هوائون تنهن هاڻي وري بابا شيوارام صاحب
ن جي دل ۾ پيهي ويا. ساڳي جوت سمجهي ساڳي لڳن
ن شيوا ڪندا رهيا. بابا شيوارام جن شانت سروپ، ڳالهائڻ
ٺو ڪين بر جاڻن سيڪي. ڏيھ ناسونت آهي. ’جو آئيا
و چلسي - سيڪو تي آئي وارثي.‘ ڪين بر ون پنهنجي و يا
هاڻي پيارو پرمانند اسانوٽ چند ڏينهن جو مهمان آهي.
ن بمبئيءَ ديوان جيئانند ڀلاڻيءَ جي ورسيءَ تي وڃي پيو
الي هڪ رات مس رهيا ۽ لڪڙو تي پيلواڙي استان تي
ايس ويا. ديوان پرمانند کي پاٽوٽ سڏي چيائون: ”پرمانند
ي اجمير وڃي گهر جو چڪر هڻي اچ.“ جدوري ١٩٦١ جو
هو هو. اجمير گهر جي ڪٽنبين سان مليا. وري سيڌي
و سڀني عزيزن سان ملي ويا. سنتن جي سنگ ۾ رهي اهڙي
منزل تي پهچي چڪا هئا جو انت ويلي جا اهڃاڻ ڪين پاسڻ
گيا. شام جو ترمڪنديءَ کي چيائون تہ چانهن وري ڪرنہ
ندا سين. رات جو سيڌي سان ملي جهڙي ڪلهي ڳالهائي وڃي

سمجهي سندس ٻارن جي وسائط ۾ ڪافي دلچسپي ورتي.
ديوان پرمانند جو وڏو ڪڪو رامچند جنهن پڙهي نڪتو تنهن
ريلوي ۾ پهريان ڪچي نوڪري مليس. ٻئي ڏينهن موڪل
وٺي گهر آيو ۽ واپس وڃڻ واري ڏينهن باباجن کان موڪلائڻ
آيو ته کيس آکيا ڏني: "پنڌاري ۾ وڃي ٻاهه کي ڪڙو ڪر.
اسين اجهو ٿا ڪوه ٽان موٽون." انوقت گهر ڇڏڻ جو ٽائيم
اچي پهتو هوس سو هڪ طرف اهو انتظار ۽ ٻئي طرف
ٻاهه پنڌاري ۾ ٻرڻ جي نه ڪري. ڪيترو به رامچند وڃڻو
هنيو ته به دونهين جو روپ بدلجي ٿي نه. مورڳو سندس
اکيون سڙڻ لڳيون. اٿي باباجن به ڪوه ٽان پاڻيءَ جو ڏول
ڀري اچي سهڙيا. ڇو ته ان عين وقت ٻاه ۾ پيت ڪري
وٺي ٻري ۽ باباجن زور سان پڪاري چيس: "بچ هاڻي
لاءِ. لکهجي نوڪري پڪي ٿي." ڪراچيءَ پهچڻ سان
رامچند کي پڪيءَ نوڪريءَ جو آرڊر هٿ ۾ مليو.

ديوان پرمانند جون ڀيرون ٽيئي ڪکيون به سندن
آشيرواد سان سواءِ ڪنهن ڇڪ جي سٺن گهرن ۾ شادي ڪري
ويون. جڏهن ٻي ڪکيءَ جي شادي هالن ۾ ٿي ته باباجن
۾ ڪمواريتن سان گڏجي آيل هوا. گهوٽ ديوان جيتانند
بجلاڻيءَ جو پاٽيجو هو. ديوان جيتانند هالن ۾ مختيارڪاريءَ
جي عهدي تي هو. باباجن سان اٿي پريم هوس. ستاوڙي
ڏينهن ڪمواريتن پرجاه ڪن مهمانن جي تياري ڪئي هئي پر
ان سون کان متي مهمان اچي نڪتا. ديوان پرمانند باباجن
سان صلاح ڪئي ته هاڻي ڇا ڪجي. باباجن چيس ته چنتا نه
ڪر. پنڌاري ۾ هلي ڪو منتر اچاري آکيا ڪيائون: "تيار
ٿيل ڀوڄن چادر سان ڍڪي ڇڏيو ۽ چادر هيٺان ڪڍندا وڃو.
ڏسجو نه." آکيا جو پالن ڪيائون. آيل مهمان ته سيئي

واڳ، ڏڏيءَ جي وس



ديوان جيٺانند هيمنداس ٻجلاڻي

ڄيڀي جا ٽهي – آڙن ٻانهي ڀاروچل جي ،
هو جـا پائين ڀير ۾ ، تهن جتيءَ لـا جيڀي ،
وـاري ولهي – ڙن ڪيڇين کي ڪيڻن وِهان ؟

– شاهه

وسرامي ٿيا. صبوح جو ڇهه ٿيا جو سيدن ڪکو ولري
جهڪي ٻاهر وڃڻو هو سو ڪائن موڪلائڻ ويو. وڃي ڏس
ته ٻڪي پرواز ڪري ويو آهي. اها هئي ١١ تاريخ جنوري
جي جڏهن هيءُ باباجن جو پيارو، انساني چولو ڇڏي وڃ
پرم آلما ۾ لين ٿيو.

‘محبتي مشتاق ڪهڙن ٻچن ڪيڏڪي’

سو هيءُ باباجن جو محبتي مشتاق سواء ڪهڙڻ ٻچڙڻ جي
سواه ڪنهن کي ته ماڻو ۽ ڪشت ڏيڻ جي سانت ۾ راهه رباني
وٺي ويو.

ديوان چيتانند هيمنداس ٻجلاڻي

”چينو دل ۾ پينو،“ اهي باباجن جا منتر شبد مون
ڪئين ٻڌا. ٿوري ئي وقت اندر ديوان چيتانند هيمنداس
ٻجلاڻي پنهنجي اموَلڪ شيوا، نهٺائي، نماڻائي، سچائي ۽
اس ڀاو سان باباجن جي دل کسي ورتي. هو باباجن جي
ڳ رڱ ۾ گهڙي ويا ۽ پاڻ ۾ پنهنجي هر قدم تي، هر ڪم
جيون جي هر پهلوءَ ۾ باباجن جي مهر جو هٿ محسوس
ڪرڻ لڳا.

ستگر جهڙو شاهه ڪو نه ڏٺو سين ڪاٿهين
پرچي ڏنو جنهن پنهنجو آتم ڏن اٿاهه
نڪي پڇيائين ذات پات نڪي پڇيائين راهه
ڪري مَن اڇاهه سوامي ڇڏيائين ڇن ۾

هو جمندي جام هوا. ننڍي هوندي کان ئي سندن مـن
جي شد وڙتي، وڏڙائي راڳ لاءِ بيحد پيار، درويشن جي
سنگ لاءِ هميشه تڙپ، ٻين جي دک جي نورتيءَ لاءِ دلوجان
ان پاڻ پتوڙڻ، پنهنجي ۽ پرائي ۾ ڀيد، سڀني جي دل
وٺڻ. وڏن جي شيوا ۽ پراپڪار لاءِ هردم تيار. اهي
نشانيون هيون سندن عالي درجي جي آتما جون. بس
فقط ڪنهن ڪامل گروءَ جي پهت ٿيڻ جي دير هئي. جڏهن
اها گهڙي آئي ته پنهنجي ستگرن ۾ انهن سمائجي ويا جئن
ندين ۽ نهرن جو پاڻي سمنڊ ۾ سمائجي وڃي.

جن به سندن جيون چرتر جو ”ستگرن جو سونهارو“
نالي سان سال ١٩٥٩ ۾ سندن ٻالڪن ڇپائي پرڪاش ڪيو،
پڙهيو هوندو تن کي ڀليءَ پر معلوم ٿيو هوندو ته ڪئن هو

نوٽ لکڻ وهي نه از خود ٻاٻاڻن جي فائدي ۾ لکجي
ي. ته دفعا لکمل نوٽ ڦاڙي ڇڏيائون ۽ نئون دفعو ٻه
هن نوٽ ٻاٻاڻن جي فائدي ۾ لکجي ويو ته ان ۾ ڦاڙ و
ب قدرت سمجهي مٿي موڪليائون. مسٽر ايڇ ٽي جڏهن
و نوٽ ڏٺو ته ڪو به فيصلو نه ڪري سر زمين ڏسڻ جو
اد ظاهر ڪيائين. مسٽر ٽي ۽ پرڻ جي ڊاڪ بنگلي ۾ منزل
ٺي ۽ ٻاٻاڻن کي گڏجڻ لاءِ سڏ ٿيو. ٻاٻاڻن کيس ٻڌايو ته
ڏيڻ هڪ ڪندي پاڙيءَ جي گڏ مان آهي ۽ ڪر سندن هٿن ۾
ڻ ڪانپوءِ هڪ سر سبز باغيچو ٺهي پيو آهي. انهن ڇئي
ر نڪتا. پر وري ڪو خيال آهن ۽ اندر وڃي پهچي
سي مان ڦل ڪڍي مسٽر ٽي جي هٿ ۾ ڏنائي ڪيس
يس ڪري واپس وريا. مسٽر ٽي به ٻاٻاڻن وارا ساڳيا لفظ
يل لي دهرايا ۽ آرڊر ڪيو ته باغ کي هٿ نه لائجي. اهو
سٽر ايڇ ٽي سمي پائي سنڌ جو پهريون گورنر ٿيو. گورنر
ي پوسٽ هميشه سياستدانن مان پري واسندي آهي ۽
و انگريزن جي راڄ ۾ پهريون مثال هو جو ان عهدي تي
نظامي عملدار (آءِ سي ايس) مقرر ٿيو.

مٿين واقع ديوان صاحب جي دل اندر ٻاٻاڻن سان مڪاميلو
ڪرڻ جي لڙڪ پيدا ڪئي. جڏهن ٻاٻاڻن ان ڪانپوءِ ڪراچيءَ
دار ٻا ته هڪ ڏينهن سوال صبوح جو پرڻ جي ديوان
ر نداس اڳياڻيءَ سان گڏ پسار لاءِ نڪتا. ان وقت ديوان
ينانند پهچي ڪنڊ سهت انجنيرنگ ڪاليج جي سامهون
نين جاءِ ۾ رهندا هوا. ڇو ته ٻاٻاڻن به اتان ئي لانگهائو
ن ۽ ديوان ڏيونداس ڳالهه ڪئي ته براج ڪالي جو هيڊ
ڪلارڪ جڏهن باغ جي فائدي ۾ نوٽ لکيو سو سامهون ئي
رهندو آهي. ٻاٻاڻن هڪدم وراڻيو ته پاڻي هلو ته ڪيس گڏجون

پنهنجي جيون جي ساس ساس ۾ سنتگرن جي احساس، سنتگرن جي وڏائي، سنتگرن جي اپار مهما ۽ سنتگرن جي دائم درشن جو اپ[illegible] ڪندائي رهيا. هو پاڻکي سنتگرن کان الڳ ڪين سمجهندا پيا سنتگرن به کين پنهنجن املهه امدادن سان ورسي چڏيو سال ١٩٣٩ ۾ کين هڪ الاهي گهڻي بخشش ڪيائون ۽ وچن ڏنائون ته ”اسان السالي چولي ۾ هجون يا الڳ ڏام ۾ هجون توهان سان سدائين انگ سنگ هونداسين. ڪڏهن به اهڙا وقت هن نموني گهڻي ڪم آئيندا ته اسان اچي حاضر ٿينداسين ۽ ڪم جو پورائو ڪنداسين.“ سال ١٩۴٥ ۾ ڪوهٽ ۽ شال[illegible] ١٩۴٦ ۾ لوئي امداد ڪيائون ته اهي سدن دائما پ ڪ پڙدو[illegible] ٿي رهندا. لوئيءَ اندر ديوان صاحب چگو جوڳو ڪمايو. آڏي رات جو آئي لوئي اوڍي سنتگرن جي ڌيان ۾ ويهي[illegible] رهندا. انهيءَ لوئيءَ اوڍڻ سان هو غيب ۾ غائب ٿي ويندا هوا.

ديوان جيتالدد جي پهرين ڏيٺ بابائن سان پنهنجي دفتر جي ڪاغذن ڏيارڻ ٿي. سال ١٩٣٠ ۾ بابائن براج ڪالي مان ٻرين جي ڳوٺ پاهران ڪڏ خريد ڪئي جنهن ۾ هنن انبن جا وڻ پوکايا. ڳوٺ جي ڪن ديوانن ان جي مخالفت ڪئي ته ڪڏ، ڪڏائي رهڻ ڏني جو ٻيءَ صورت ۾ ڳوٺ جي پاڻيءَ جو نيڪال بند ٿي ويندو. براج ڪالي کي عرضي ڪيائون ته بابائن جي گرانٽ رد ڪئي وڃي - جو ته ديوان جيتانند ان وقت براج ڪالي ۾ هيڊ ڪلارڪ هئي. اکپڙهه ونس آئي ۽ ڪيس نوٽ ڏيئي پنهنجي بالا عملدار، جو انوقت مسٽر ا-چ[illegible] ڊ ڙ روينيو آفيسر هو، لاهن اڳيان رکڻي هئي. مخالفتين جي عرضيءَ ۾ پاڻيءَ جو نيڪال بند ٿيڻ جو سبب وزندار سمجهي هن نوٽ بابائن جي ورڌ ۾ وڃهڻ جو ويچار ڪيو

ي ڪريا جو پاڙ لئي سگهي تہ جو پاڻڪي ڪجهہ نہ ڄاڻي
ب ڪجهہ گروءَ کي ارپي اُنجي آڳيا انوسار هلي تہ.

ٻيس ٻسوي گر ڪا مَن مانـي
سو شيوڪ پرميشور کي گت جاني. (سکمني)

ديوان چيناند بہ ستگورون بہ ڀاڻ ارپڻ ڪري پرم پد
پراپت ڪيو. هڪ دفعي باباجن کانئن پڇيو: "ديوان!
صاحب ٻيا سکمني پڙهندا آهيو." جواب بہ ڇيائون:
سچا پادشاهہ، مونکي نہ صرف اها هڪ ڳالهہ ياد آهي
ڪا توهان سيکاري آهي. 'گورا اڪ دهي بجهائي،
ندا جيتا ڪا اڪ دالا، سو مي وسر نہ جائي.' هيءَ ٻڌي
اجن پوس لئي چيو: "بيشڪ لعل هجن نہ اهڙا."
ديوان چيناند کي باباجن لاءِ ڪيڏو نہ صدق ۽ شرڌا
ي! جڏهن سوامي ساڌو رام جي ڪن چيلن جو ناروشاهہ ۾
ن ٿيو ۽ ڪن شرارتي لوڪن باباجن جو نالو خار خواهہ
اهيءَ ۾ آڻي سندن ايمان ڪرڻ جي سٽ ٻي سٽي لـ
يوان صاحب جي نندا ٿي ڦٽي پيٽي. اها مونکي شخصي
ڻ آهي نہ ڪٽن ديوان صاحب نوشهري جي مومن سيٺن
ج جنهن وقت ڪيس هو انجي هڪ گهري دوست کي سکو
ن نوشهري گهرايو نہ پنهنجي مومن دوست کي آگاهہ
ڪري نہ باباجن ڪهڙيءَ اوچ ڪوٽيءَ وارا هوا ۽ ساڻن
ڪورت ۾ بےعزت پيش اچي. ٿيو بہ ائين. ڪچهري ۾
ڌمي تعصب هوندي ان مومن جج باباجن کي مٿي پنهنجي
ير اڳيان ڪرسيءَ تي وهاريو ۽ باادب کين سوال پڇيا
ن جا جواب باباجن بلڪل بيپرواهيءَ سان ڏنا. جڏهن پيا
يمي پوس تي نهاري رهيا هوا تڏهن ديوان صاحب
ي باباجن لاءِ هن اڪل شيوا خاص ڏيان لهڻو.

۽ انهن ٻهرڻ پيٽ ديوان صاحب جي ٻاٻاڻ سان ٿي. جلد ئي ديوان صاحب کي مختيارڪاريءَ جو عهدو مليو پر ڪجهه طرح ۾ هٽڻ جو انديشو هو، جڏهن هو سال ١٩٣٤ ۾ مهنجي شاديءَ تي پئرڻ پڌاريا. ساڻن گڏ ديوان پرتمداس شواڻي ۾ آيل هو. ساڳئي وقت مهنجا ڀيا ڪاليجي دوست ٻ شريڪ ٿيا جن سڀني لاءِ پنهنجي حويليءَ جي هڪ مڪان رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. گرميءَ جي مند هئي. گهوٽ ۾ انهيءَ ناٽي ڪوه جي ٿيسر هيٺان اشنان ڪرڻ ۾ هوب آنند ايندو هو سو سڀني خيال ڏيکاريو ته ٻاٻاڻ جي ڪوه تي هلي تا اشنان ڪريون. اشنان ڪري سڀئي ٻاٻاڻ جو درشن ڪرڻ هليا. اها ديوان صاحب جي ٻاٻاڻ سان ٻي پيٽ هئي. ٻاٻاڻ سڀني سان حال احوالي ٿيا. سڀني کي ڏيو ٻه ڪارائي آنند وٺاياڻون. جڏهن ديوان جيئانند ٻڌايس ته کيس مختيارڪاري جو عهدو مليو آهي پر هٽڻ جو انديشو آهي فرماياڻون: "ديوان، مختيارڪاري ملي آهي سا ملي آهي." ٿيو ٻي ائين. بس اهڙي طرح ديوان صاحب جي شرڌا ج سلو جو ڪراچيءَ ۾ آيرو سو پرڻ ۾ امرت جي وڪا سا وڌي وڃڻ ٿيو. اڃتي هلي ٻاٻاڻ جي ديوان صاحب لئي ڪتن وقت ٻه وقت پنهنجي دڻا جي اڪنٽ پيار مان مه ٿيندي رهي سو ديوان صاحب جي مٿي جاٽائيل جيون جو مثا ۾ چئيءَ طرح جاٽائيل آهي. انهيءَ پستڪ ۾ ديوان صاحب جي ٻالڪن ڪافي محنت ڪري ديوان صاحب جو ٻاٻاڻ جي اٽل وشواس ۽ شرڌا هئي لهندو جيڪو انوکو درشن چٽيو آهي تنهن لاءِ بيشڪ ڪيرون لهڻيانون.

پارس لوهه کي سون ڪندو پر لوهه پارس ڪين ٿيندو. گرو ته شش کي آپ سمان بڻائي ڇڏي. الصح آهو مشر

چيندو هو. ديوان صاحب جو وڏو ڪڪر رام ڳالهه ڪندو
ر ته ڪاڪا سائينءَ جي خطن مان انهن پيو لڳي ته انهجو
ب احوال جڻ هنن کي اڳي معلوم پيو لڳي. اهڙيءَ طرح ٻه
دن ٻئي پنهنجن مترن خواهه پريتوانن ڏانهن روحاني رمز سان
ل هوندا هوا. هو وڏي منزل لي پهچي چڪا هوا.
ارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ مان کين هڪ دفعو ٽاڻي ۽ ٻيو دفعو
ند ۾ گڏجڻ آيس. سڄو وقت کين باباجن جي ٻئي پچار
هندي هئي. رات جو سمهڻ کان اڳي پنهنجي ڪڪي
ڏهل کان هيٺيون شبد ٻڌي پوءِ آرام ڪندا هوا:

'منهنجا ستگرو دين دئيال، سدا ڪرپال، پريا شهر وارا،
ابا هرنارام ستت سهارا.' چوندا هوا: "ستگرن جو ٽالو ٽا
ڏون ته روح روحاني آسمان ۾ پرواز ڪرڻ شروع ٿو ڪري
ساري رات سندن سڪ ۾ ستت گذري ٿي وڃي."

بابا شيوارام جن لاءِ آئي شرڌا هئن. چوندا هوا ته ساڳي
ورت آهن. سيٺ جهامنداس ميلواڻي سان حيدرآباد ۾ رهندي
ڳگو پريم ٿي ويو هون. سيٺ جهامنداس جي باباجن ۾ اڻل
رڌا هئي. ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن جو من لڏڻ لڳو.
يوان جيناند کيس وشواس ڏياريو ته مٿان ڪٿيل بازي هارائي
هو. ساڳي جوت سمجهي شيوا ڪندا اچو. اوهان جا ٻيڙا پار
يندا. سيٺ جهامنداس سمجهي ويو. پيلواڙي ۾ اچي آشيرواد
رلائين ۽ اڄ ٽائين سندس ۽ سندس ڪٽنبن جو هِنَ در
سان ساڳيو نيمن جو ناتو هلندو اچي. اها به ديوان جيناند
جي هڪ اکل شيوا هئي.

ديوان جيناند پنهنجن ٻارن کي ٻڌايو ته سندن حياتي
جو سفر، هن ڪن پيگر سنسار ۾ تاريخ ۳۱ ڊسمبر ۱۹۵۴ ۾ پورو
ي چڪر هو ۽ ٻه مٿان کين ڏڏڪو اچي سو ستگرن کي وڻتي
ڪري، ۱ جنوري ۱۹۵۵ کان عمر جي سڌا ولي سالن اچي

ورهاڱو ٿيو ته ٻنهي سنڌي ڪٽنبن کي ڀارت روان
ڪيائون پر ٻئي اڪيلا سنڌ ۾ رهيا. ڇاڪاڻ ته ٻاٻاڄن فرمايـ
هو: "ديوان، صوبسنگھ واري جاءِ ٻوهانڪي ملندي،" س
اها ڳالهه ته سنڌ ۾ ئي رهڻ سان ٿي سگهي ٿي. سال ١٩٤٥
۾ جڏهن ٻاٻاڄن جو پوڄن ديوان صوبسنگھ ساڌو رام رچهسنگاڻي
جي گهر هو ۽ ديوان ڇپنالند به اُتي حاضر هو ته ٻاٻاڄن جي
مکاروند مان مٺيان وچن اُڪتا. ديوان صوبسنگھ ڪليڪٽري
جي گريڊ ۾ ڊائريڪٽر آف سيٽلمينٽ جي عهدي تي هو
ديوان ڇپنالند ته اڃا ڊپوٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي هو
سٽگرن جا سڀ سچا ٿيا جو اپريل ١٩٥١ ۾ ديوان ڇپنالن
کي ڪليڪٽر جي گريڊ ۾ پاڪستان سرڪار ڪمشنر آف
سيٽلمينٽ جي عهدي تي رکيو. حالتون بدلجي چڪيون
هيون. روزاجي طرح ڪير خواب ۾ آڻي نٿي سگهيو ته هندو
آفيسر کي پاڪستان ۾ اهڙو عاليٰ عهدو ملي سگهندو پر وشواس
۽ شرڌا هٽي هند ڪيو. برابر اڍائي سال اهو عهدو ماڻي
سال ١٩٥٣ جي آخر تائين رٽائر ڪيائون. رٽائر ڪرڻ
کانپوءِ به پاڪستان سرڪار سندن لياقت کي ڏسي کين سنـ
انڪروائچرل ڪميشن جو ميمبر ڪري رکيو. پر جلد ئي
سندن تندرستي ڏهڻ لڳي. ٻار به کين چڪ ڪري رهيـ
هوا. سو ڇهن سالن جي وڇوڙي کانپوءِ پنهنجي جنم ڀومي کي
هميشه لاءِ الوداع ڪري ٢٣ مي ١٩٥٥ تي اچي پنهنجن ٻارن
سان بمبئي ۾ مليا. جيڪو وقت هو ڪٽنبين کان پري رهيـ
سو سچ پچ سندن وڏي ساڌنا جو سمو ٿي گذريو. هـ
روحاني راهه ۾ گهڻي ترقي ڪري ويا. حيدرآباد ۾ رهندي
اُن هندو پرلهي ڪٽنبن سندن چڱي ڏيکڀال ڪئي. اهتري
قدر جو شري مرليرام جو ڏاڍي ته کين گر پاونا سان ڏسي


هوت ڌڻين جي هڏن ۾



شري عيدنداس مولچند ڪٿواڻي



شري پوهومل چتومل ڪٽر



شري لالچند ڦيرومل

جو ڳڀ مان جڳتي - موھ مان مڪتي، ڀاؤ ۾ ڀڳتي پائي،

مليا آهن. برابر چار سال سخا ماڻهي ٣١ ڊسمبر ١٩٥٨ع تي، هن بابا جن جي پياري، پنهنجي اکر ٻاترا جي تياري ڪئي. ملڪ ۾ ڪار گهرائي بمبئي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجن ولجهن مترن ۽ پريمين کان موڪلائڻ ويا. شام جو موٽيا ۽ اچي پنهنجي پلنگ تي وسرامي ٿيا. رات جو ڏهين بجي ڪجهه تڪليف محسوس ڪيائون. ڊاڪٽر ڏي ماڻهو ڊوڙايو پر هو نه هاڻي پنهنجي سنگورن سان ملڻ لاءِ آتا هوا. الاهي گهڻي آخرين دفعو وڃائي سڀ سان سنگورن سان ڳالهائي، سيدي کان موڪي موڪلايائون: "اسانجي توهان تي هردم آسيس رهندي. اسان هاڻي سماڌيءَ ۾ ٿا وڃون." برابر ٻارهين بجي ديوان صاحب جو پران پکيڙو پرواز ڪري ويو الکه ڌام پهتو. چوڌاري ڏک جي ڇايا ڇانئجي وئي. بابا شيوارام جن انوقت بمبئي ۾ هوا. سنڌيشي ملڻ تي ترت ئي ملڪ اچي پهتا ۽ سوڙو ڪريا ڪرم پنهنجن سنگورن هٿن سان اچي ڪرايائون. پنهنجا شرڌا جا گل چاڙهيندي بابا شيوارام جن هيٺيون شبد اچاريو:

رهڻي جنهنجي روح رهاڻي
ڪهڻي جنهنجي قرب واري
سنتن جو تن سونهارو
ديوان چيتانند سوپيارو
سهڻي صورت وارو

هڪ ٻئي پريمي (ماستر ٽاندداس واسواڻي) ديوان صاحب جي زندگيءَ جو سار هيٺين لفظن ۾ چيو:

حڪومت سان ڪڏهن نه رت نيازي،
رمز سان راند رچائي ويا،
جڳ کي ڪين ڀلائي ويا،
لڪ ۾ پاڻ لڪائي ويا،
واهه واهه نينهن نباهي ويا.

ديوان پوهومل چتومل ڪنڌر

"ڀليو آءُ پوهومل، خوش هوندا."

سياري جي رات. صبوح جا پورا پنج لڳا هئا جو ديوان پوهومل چتومل ڪنڌر عبادت جي نيم موجب اچي ٺارو شاهه ۽ باباڄن جي ڪٽيا جو ٻيڪڙيل در کولي اندر پرويش ڪيو. پاڪستان ٺهڻ ۽ ٺٽي ڪيترن هندن جي ٻاهر ورانڊي ۾ رکيائين. مان به ڪراچيءَ مان موڪل وٺي ٻئي ڏينهن ٺارو شاهه ۽ باباڄن جي حضوريءَ ۾ گهارڻ لاءِ آيل هوس. باباڄن جا مٺيان وچن ٻڌي ديوان پوهومل سڌو سنئون ڪٽ اڳيان نمسڪار ڪري هيٺ ڌوڻيءَ وٽ وڃي ويهي رهيو ۽ لڳو ڌوڻيءَ کي ڪڙو ڪرڻ. باباڄن به صبوح جي ڪرڻا لاهي اچي پنهنجي ڪٽ تي براجمان ٿيا ۽ پوءِ امرت ميہ ورکا شروع ٿي وئي. ديوان پوهومل کي آءُ ڀاءُ ڪري، سنسارڪ سماچار وٺي اچي آتمڪ گيان ۾ لاٿيا، ڳالهين ڪندي سمجهايائون ته ڪئن هن جيو کي موڪش جو اڌڪاري بڻجڻ لاءِ ڪئن پرڪشائن مان لنگهڻو پوي ٿو، هڪ درشٽانت ڏنائون:

هڪ دفعي هڪ راڻي سرديءَ سبب پنهنجي محلات جي ڪوٺي تي اُس کائي رهي هئي. محل تمام اوچو هو، ان ڪري راڻيءَ جي نظر پري پري تائين آس پاس وارن مڪانن جي ڪوٺن تي پئي پئي. هڪ جڳهه جي ڪوٺي تي هڪ سندر نوجوان ويٺو هو. راڻيءَ جي ورتي رجوگڻي هئي. هن کي ڏسي مٺس موهت ٿي پئي. داسيءَ کي چيائين ته اهو صراف جو پٽ جو ڪوٺي تي ويٺو آهي، ان کي محل ۾ وٺي اچ، ڪيس چئج ته راڻيءَ کي ڪي هيرا

ڀمون ڪٽي واپس ورپو، جو ان وقت وڏڪ ٽرسٽ جو ڪي
ارو هو، جو راجا اجا محل ۾ ئي هو. راڻيءَ ٻه چيس ته ڇگو
ٽي دفعي مان لوڪي گهرائيندس. ڏهن پندرهن ڏينهن کان
وءِ راڻيءَ وري هن کي نياپو موڪليو ته مال ڪٽي اچ ٿو هن
جواب ڏياري موڪليو ته ”مان اهڙو مورک نه آهيان جو
ڪيترا ڪلاڪ اهڙيءَ جڳهه ۾ بيهوش ٿي پيو هوس؟ مس
مس جان ٻچي سو وري اوڏانهن هلان. مان مور ته هلندس.“
و ٻچارڻ جي ڳالهه آهي ته اهو صراف جو پٽ ڪير آهي،
راڻي ڪير آهي ۽ اها داسي ڪير آهي؟ صراف جو پٽ
آهي جيؤ، راڻي اوديا يا مايا ۽ داسي آهي ٻُڌي. ان
صراف جي پٽ ٻعدي جيؤ کي ٻڌيءَ ڦاسائي مايا جي جار ۾
وڌو جهڪري هو ۹ مهنا ۽ ۹ ڏينهن مايا جي گربي ۾ ابتو
لٽڪي ڪشت ٿو سهي. صراف جو پٽ هڪ دفعي جي
آزمودي مان ئي سمق پرائي ويو پر ڪثمن جيو ته ايڪ
جنمن ۾ اهڙا ڪشت ڪاٽيندي به سمق نٿا سکن. سائٽي
وقت ڪشت جي ڪسرنيءَ کي پار ڪرڻ کانپوءِ ئي جيو جو
نيتارو ٿئي ٿو. ٿمهڪري جڏهن ٻه ڪو سنڪٽ اچي ته
الجهي نه وجهي ۽ وچ جا مروڙا جاڻي سٽ ڪري پو ڳجهي.

پرسان سمدي پار جي ٿڙانئي منائي
کانهي ڪڙائي، چڪين جي چيٽ ڪري.

اهڙي شرڌا ڌارڻ سان جڳياسو سنت ئي سچ جي راه
۾ وک وڌائي ٿو ۽ نمت وجهي پرم پد کي پائي ٿو. اٿين
امرت مہ ورکا ٿيندي سچ ٻه ٻاکون ڏيو ن. سيڻي ائي
ڪڙا ٿيا. ديوان پوهومل ڪٿيا ٿي رهندڙ ٻالڪ کي گرواڻي
جو ايپاس ڪرائڻ ۾ لڳي ويو. انوقت ٻائي ٽڪارام جهڇي
عمر اٽڪل ۸ ورهيه هئي اتي رهيل هو. باباجن سين آ.ل

جواهر ڪين، سو ڪٽي هل. داسيءَ بہ لالچ وچان ڌرم اڌرم
جو ويچار نہ ڪيو ۽ راڻيءَ نہ اڳيئي ڌرم وساري ويٺي
هئي. داسي ويئي ان صراف جي پٽ وٽ. هن ويچاري
کي نہ ان داءُ پيچ جي ڪا خبر ڪانہ هئي. انهن ڏينهن ۾
اهو رواج هوندو هو تہ ڀاڄي صراف وغيرہ ڏڻن وڏن
مڪانن ۾ ڪمرو، هيرا جواهر، ڳهہ ڳٺا وغيرہ ڪٽي وڃي
زالن کي ڏيکاري وڪڻي ايندا هوا. اهو نوجوان بہ ٥-٧
ڏٻليون هيرن جواهرن ۽ موتين جون پاڻ سان ڪٽي راڻيءَ
وٽ آيو ۽ کيس ڏيکارڻ لڳو ۽ رقم بہ ٻڌائيندو ويو. راڻيءَ
جو نہ مطلب ئي ٻيو هو سو دير ڪرڻ لڳي ۽ من ۾ پاپ جا
السنا گهڙڻ لڳي. اتري ۾ راجا جي اندر اچڻ جي خبر آئي.
راجا کي پيٽ ۾ سور هو، انڪري جلاب ورتو هوائين.
راڻيءَ سمجهيو تہ راجا صراف کي ڏسي ڪاوڙبو، انڪري
داسيءَ کي چيائين تہ هنکي ڪٿي وڃي لڪائي ٻهار. صراف
بہ ٻہ نو. آخر لڪڻ ۾ داسيءَ هنکي ڪاڪوس هيٺان جو
ڪمرو هو، جتي ڪاڪوس جو گند وڃي ڪرندو هو، اُن
۾ ڪٽي ٻهاريو. راجا آيو تہ ڪدم دست اچڻ ڪري
ڪاڪوس ۾ ويو. سندس سڀ گند هيٺ ان صراف نوجوان
جي مٿان ۽ ڪجهہ مٿان پوڻ لڳو. پر هو چپ ڪري سهڻ
لڳو، جو ڪجهہ بہ وس نہ هليس. راجا بہ هر هر گهڙيءَ
دفعا ڪاڪوس ڪيو ۽ هن نوجوان جا سڀ ڪپڙا لٽا مٿهن
مٿو گند سان ڀرجي ويا ۽ هو بدبوءِ وچان بيهوش ٿي ڪري
پيو. راجا آخر جڏهن بس ڪئي ۽ آرام ڪرڻ لڳو تہ راڻيءَ
داسيءَ کي چيو تہ هن نوجوان کي ڪڍي وٺي آءُ. هن کي
ڪڍي خوب اشنان وغيرہ ڪرايو ويو. کيس نوان ڪپڙا بہ
پهرايا ويا ۽ عطر ڦليل سنگهائي کيس چاڪ ڪيو ويو. هو

ڪ اندر وڏاءُ ڪيو. ديوان پوھومل پاڻ ڪست داخل ٿيو.
بل نمونيا ٿي پيس. ڦڪيون فرق نه ڪن. سندس ماتا
ي چنتا وڌندي وئي. ننڍ ٿي ڦٽي پيس. ڪٽ جي پائي
ي پڪڙي باباڄن کي پڪارڻ لڳي ته ڪٿن ته ڪري سندس
چڙي کي بچائي ڏين. پاڻ به پرن ڪيائين ته جيسين پوھومل
ڪيون پٽي ڪانئس پاڻي نه گھرندو تيسين پاڻ به ان جل ڪين
ر ڳائيندي. ٻئي ڏينھن صبوح جو حڪيم پاڻ سان ھڪ
ندي گوري کڻي آيو. چيائين رات سپني ۾ ڪيس ھڪ
سفيد سونھاريءَ وارو سنت چئي ويو ته ھيءَ گوري ڏج ۾
ڳھي انجي ناس وجھوس ته دکلھي وڃيس، سو جلد ڪري
ڄ جو بندوبست ڪريو. جنھن ٿي حڪيم ناس وڌي ته
وھومل کي ڇڪ آئي ۽ اکيون کولي نھارڻ لڳو. ماتا کي
جٿن کان پينل ڏسي چيائين: ”بابا سائين حڪم ڪري واپس
وٽي آيا آھن.“ ماتا کان پاڻي گھري ورتائين ۽ جلد ٿي
نو ٺو ٿي اٿيو.

ڪيڏو نه انڌ وشواس باباڄن ۾ ھوس! ھڪ دفعي
سندن پيٽ کي اڇي مغز جي بيماري ٿي. مرض کي لاعلاج
ٺھرائي ڊاڪٽرن گدو بندر چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ
جي صلاح ڏني. ديوان پوھومل کي اھا ڳالھ ڪين آئڙي
سو اچي باباڄن جي شرڻ ورتائين. ڪين نماڻي ونتي ڪيائين
ته ڪٿن به ڪري گھر ۾ چرين گھمائي سندس پيٽ لئي مھر
جو ھٿ گھمائين. گھڻي زور ڀرڻ لئي سنت سندس گھر وٽا
۽ پيٽس کي ڏسي ڏس ڏنائون ته ڪيس ڳڙ ۾ جاڙ ملائي
گوليون ناھي کارايو ته ٺيڪ ٿي پوندي. گرميءَ جي مند ۾
ڳڙ جاڻ جون. گوليون رواجي طرح نقصان جو باعث ٿيڻ پر
ديوان پوھومل جي گھر وارن شرڌا ڌاري ڏنل ڏس ڪيو

ٻرهمڻن کي ساڻ وٺي وڃي باغ جي ڪم کي لڳا. اِهو ٽاروشاهه جي باغ لاءِ روزانو نيم هو. ديوان ٻوهومل وديارٿي اوستا ۾ ئي باباجن جي سنگ ۾ آيا جو ٻرهمڻن جي هاءِ سڪول ۾ اچي پڙهيا هوا. پرڀات جو ٣-٤ بجي ڌاري اٿي شوچ اشنان ڪري نت نيم ڪندا هوا ۽ پوءِ دربار صاحب ۾ وڃي بالڪن کي گرمکي اکر سيکاريندا هوا ۽ ٽڪ لڪ ڪري جپ صاحب وغيره ياد ڪرائيندا هوا. سو ٻڌي وڏيءَ ڪان ٿي ساڌاڻي ورتي هئن ۽ روزانو ڪاڪي ۾ نوڪري ڪندي به هٿ صاف رکيائون.

سال ١٩٢١ ڌاري ٽاروشاهه ۾ ڪالرا جي بيماري اچي پئي. بيماري وچڙندڙ هئي سو مت ماڻهن ۾ پڙاڏيءَ جي وانگر اچڻ ڪان ڪيائون پئي. انوقت ديوان ٻوهومل باباجن ڪان آگيا وٺي، ڪن نوجوانن جي ٽولي ٺاهي بيمارن جي شيوا ۾ جنبي ويو. سندس ماتا کي ڏپ ورائي ويو ته سندس هڪ ئي لعل، متان ڪا لهس لڳي وڃيس پر ديوان ٻوهومل ماتا کي نياز ۽ نئڙت سان سمجهايو ته باباجن آگيا ڏني آهي. هو هر طرح ساڻس هامي همراهه ٿيندا ۽ ڪيس ڪوبه لهر لوڏو ڪونه لڳندو. جڏهن ٽاروشاهه ۾ بيماريءَ جي ٽابر ٿي ته هو وڃي نوڪريءَ لاءِ چڙهيو. اچا اڪڙ ٻڪڙ ڪيس ٿيا پئي سو پنهنجي ڪٽنب کي سڏوڄن ۾ رکڻ جو ويچار ڪيائين. باباجن ڪان آگيا پائي ڪٽنب جي ڀاتين کي سڏوڄن پهچائي ساهرن ۾ ڇڏ ياتين ۽ پاڻ نوڪريءَ سانگي ٻاهر رهيو. قادر جي قدرت جو سندس ڌرمپتنيءَ کي ساڳي وبا جي بيماري اچي ٿي ۽ ڪن ڪلاڪن ۾ پرلوڪ پڌاري. گهر ۾ دک جي لهر ڇانئجي وئي. نياڻي ملڻ لاءِ ديوان ٻوهومل اچي سهڙيو ۽ ٻاهران دک جي لک ڪانه ڏيکاريائين - اندر ۾ سور پي ويو.

شمان ڪرايو. پا صاحب چواڻي ته اڄ ماگهه جي گيارس
ڻي ، پر لوڪ پڌارڻ جو سهانڻو سمو آهي." سيٺي جون
ليون پرجي آهون پر آڳيا جو پالڻ ڪيائون. ١٢٠ ٻڪري مڃهند
و سيٺي کي روني ڪانڻ جي آڳيا ڪيائون. پاڻ ۽ پٽ پيڪ
هري ورتائون. اڃا ڪن ڪاڏو ئي ٻي ته ديوان پسو هومل
جو سر پر پير ڪڻ لڳو. اڪهون بعد ٿي ويس. همت ٻدل
شس چڻ ته سيٺي کان موڪلائيندو ئي ويو. مگر ماڻ سنڌام
ري واهگرو، جو شبد اچاري ديوان پوهومل هيءَ ناسو نت
سر پر ليا ڳي جوڙي جوت سمائجي ويو. پٺتي رهڻ ڏينهن اڳم
جا اڳتي ڪٿي هوائن سا پراپو ئي.

۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ ديوان ڀوڄومل جي پيٽ بلڪل تندرست ٿي ويئي.

ديوان ڀوڄومل کي ٻه سپتر هئا. وڏو شري ٽارومل ۽ روهيو ڪاليءَ ۾ گهڙيو ۽ پنهنجيءَ محنت، سچائيءَ ۽ قابليت سان چڱي اوج کي رسيو ۽ ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ ڪلاس پهرئين جو عهدو ماڻي رٽائر ڪيائين. ننڍو گوبند مالهيءَ جي نالي سان پرسڌ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ناميارو ليکڪ ٿيو آهي.

جنوري ١٩٥٠ جي وچ ڌاري ديوان ڀوڄومل پنهنجي وڏي فرزند ٽارومل کي ٻه ٻه وهاري چيو: "پٽ هاڻي اسين هلڻ وارا آهيون. پنهنجي پڦيءَ ۽ ننڍي ڀاءُ کي خط لکي گهراءِ ته موڪلائي پوءِ راهي ٿيون." ٽارومل ته لپرس ۾ پئجي ويو. اهڙيون ڪي اڳهيون ته ڪين هيون. روز صبح جو سويل چار پنج ميل پنڌ ڪرڻ ويندا هوا سو ٻه ڏينهن ته گسائي ڇڏيائين. وري ٽئين ڏينهن پتاجن پڇيس: "خط لکيئه؟ اسين سڀني کان موڪلائي وڃڻ ٿا چاهيون. انهن ته ٿئي جو ڪير ڏوراپو ڏئي." آڳيا جو پالڻ ڪري ٽارومل سڀني کي خط لکيا. سڀئي اچي سهڙيا. بس ديوان ڀوڄومل جو ٻه ڦرڪ ڦرڻ شروع ٿيو. هفتو اڳ موڪن مان وت رهلا ڪري ويهو هوس لنهن ڪاڻي ڪمزور ڪري ڇڏيس. دل جي ڌڙڪڻ به شروع ٿي ويس ۽ کٽ حوالي ٿي ويو. هڪ ڏينهن اوچتو هڏڪي اچي لڳس جا ٢٦ ڪلاڪن بعد شانت ٿي. سمورو وقت جپ صاحب سکمني ۽ گيتا جو پاٺ ٿي هليو. هڪ گجراتي ٻانڀڻ جا ڏو ماڻما مورت هئي ۽ ڪمس سڀئي 'ها صاحب' ڪري چوندا هوا سا گيتا جو اچي پاٺ پڙهندي هئي. ٣٠ جنوري ١٩٥٠ پرڀات سمي ديوان ڀوڄومل ڌيمي آواز ۾ چيو: "موکي

ي پاڻي لاءِ راضي ڪرڻ ۾ ٿي حڪمت سمجهندا هوا ۽
حڪم رضائي چلڻا نانڪ لکيا نال' جي هدايت ڪري
ڪراچيءَ مان روانا ٿي ويا. ڪئين بابا جن ڪرامت هلائڻ کان
ار ڪندا هوا تنهنجو ذڪر هن پستڪ ۾ الڳ هنڌ ٿي ڪيل
هي. هت هن گهٽنا جو ورنن خاص ان مراد سان ڪيو ويو .
بابا جن سان شري عيدنداس ڪيڏو نه حبائتو هو، ۽ بابا جن
، ڪيترا پيرا ساڻس پنهنجي دل جو حال اوريندا هوا.

هڪ گهڙي بابا جن مهڙي ڪان مٿي شري عيدنداس وٽ
ڪراچيءَ ۾ رهيا. موڪلائڻ وقت عيدنداس جي دل ڀرجي
آئي. بابا جن گلي ۾ ٻانهن وجهي چيس: "دل نه لاهه. جڏهن
ون اسانکي ياد ڪندين تڏهن اسين وٽ هليا ايندا سين."
عيدنداس کي اهو ڏنل وچن بابا جن گهڻئي ڀيرا پاڙيو.

ديوان چينانند ڀلاٽيءَ کي ڄاڻ هئي ته شري عيدنداس
بابا جن کي ڪيڏو نه ويجهو هو سو جڏهن سندس سپتر ناروءَ
جي شادي ڪراچيءَ ۾ تاريخ ٢١ مي ١٩٤٧ ۾ ٿي ته ڪيس
بابا جن کي وٺي اچڻ لاءِ چاڙهي موڪليائون. هوڏانهن ڪارڻ
۾ هڪڙي ڀرم ڀڳت جو ۽ هيڏانهن قاصد به ٿي آيو پيو ڀرم
ڀڳت، سو ناچار هوندي به لاچار ٿي عيدنداس سان هلڻ قبول
ڪيائون. صبوح جو ٿي روانو ٿيڻو هو ن. پاڻي نهچل ۽ بابا
شيوارام جن به ساڻن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. آساد پوار پوري ٿي ته
سيپٽي سنسڪي اچي ونن مڙيا. ديوان پرمانند نو ڪاٽي وچن
ورتو هو، سو پڇيائونس ته ڪهڙو وچن ڏنئو. جواب ڏنائين
"سائين، وچن ونٺو ته راڳ سورت مان هوم پسرا پرڪاش
ڪندي 'وڏ هنس' مان وچن آهو:"

"بابا آهيا هٿ اڀ چلڻا
اهو جڳ جوٽ پساروا"

شري عيدنداس مولچند ڪنڌواڻي.

”عيدنداس، ڇا تون ڇٽين ۽ ڪرامت ڦهر جو گهر!“

ڪراچيءَ ۾ ڪنهن پريميءَ جي گهر بابا جن کي اشنان ڪرائي شري عيدنداس سندن لڱ ۾ پئي اگهيا ۽ ڪا وڻتي پٺ ڪري رهيو هو جڏهن بابا جن جي مکارو ند مان مٺيا وچن مون ٻڌا. شري عيدنداس بابا جن جو پڪو شردالو پريمي هو. جڏهن بہ بابا جن ڪراچيءَ پڌاريا هوا ته سندن آسڻ شري عيدنداس جي گهر ٿيندو هو يا ته هو سڄو وقت جتي به آسڻ ڪندا هوا اتي سندن سيوا ۾ رهندو هو. هو وڏراڱه وڏيءَ وارو، شانت سروپ، نهٺو ۽ نماڻو پرش هو جنهن پنهنجي نرمال سيوا سان باباجن جو من کٽيچي ورتو. مان شري عيدنداس کي سال ١٩٢٩ کان وٺي سڃاڻندو هوس. ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي وڏو بجلي سامان جو دڪان هون. سال ١٩٤٢ ۾ جڏهن جنگ سبب ڪمائي سٺي ۽ سولي هئي تڏهن دڪان مان سڄو هٿ ڪڍي دڪان ڪم ڪندڙ ٽن ڪلارڪن کي سونپي پنهنجو من سائينءَ جي سمرڻ ۾ جوڙي ڇڏيائين. بندر روڊ ايڪسٽينشن تي بنگلو ٺهرايو هوائين جنهن ۾ هڪ ڪمرو مٿي پوڄا لاءِ رکيل هوس. ڏينهن جو گهڻو حصو اتي مٿي گذاريندو هو. ڪاڏي پيٽي جو به پورو خيال نه رکندو هو. هو بابا جن کي اڳڏو ويجهو پهچي چڪو هو، جو جن پريمين وٽ بابا جن جو آسڻ ڪيل هو تن مٿس زور آندو ته ڪنهن به ڪري بابا جن کان ڪين سندن نوجوان پٽ جو جيئدان وٺي ڏئي جو نازڪ حالت ۾ هو. آپ اڪٿين پئي ڏنو. بابا جن نه ڄاڻي ڄاڻهار هوا. ساڳئي وقت سرو سمرٿ هوا پر اشور

ساڳيو ٻاٻا شيوارام جن سان ڳنڍيو آهي. اڄ دور ۾ ٻاٻا ايڪانت
۾ ٿي گذاريندو هو ؟ ’جو آهيان سو چئي، سيڪڙي آئي
وارنٽيڻي،’ هيءُ ٻاٻاجن جو ٻول پيارو به. تاريخ ٢٤ سيپٽمبر
١٩٧٠ تي پنهنجو وارو وڃائي هن سنسار مان سرهو ٿي ٻوم
ڌام پڌارو. ٻاٻا جن جي آشيرواد سان سندس ڪٽنب بلڪل
سکي آهي. سندس سپتر ڪرشن ۽ موهن، پنهنجي پتا جو هن
دربار سان پريم، قائم رکندا پيا اچن. ڪرشن گرديو ٺڪور جي
شانتينڪيتن ۾ تعليم ورتي هئي ۽ آئي ايياس ڪندي ٻاٻاجن
جو ٻيا ڏني جوڳي رنگ ۾ چتر چٽيو هوائين جو اڄ ڀلوارڙي
دربار صاحب ۾ ٻاٻاجن جي آسڻ واري کٽ لي براجمان آهي.

بابا جن عيدنداس ڏانھن نھاري چيو: ”عيدنداس، اھا پيشاني اٿيئي. اسان جو حال اجھو اھو اٿيئي.“ سڀ سانت ۾ ھئا تہ اچانڪ ٿلھي ٽي جو ٽڪر جو ڪولڊو رکيل ھو جنھن ۾ ڏنڊڻ پسائيا ھئا سو ٿلھي ٽان ھيٺ ڪري ٽڪر ٽڪر ٿي پيو. تنھن تي بابا جن ھڪدم آکيو:

”ڪاچي ڪروب رھي نہ پاني
ھنس چليا ڪايا ڪُلاني“

سيٺي جون دليون ڀڄي آيون. پنھنجي اکر ٻالڙا جا اھڙا کيل اشارا ڏسندا، بابا جن عيدنداس سان گڏ ٿي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا. بابا شيوارام ۽ پاڻي ٺھڪيل بہ ساڻ ويا. ديوان چيتانند جي سپتر ٿاروءَ جو وراھ سڪ سان گذريو. باباجن اُن ھڪ ٽي ھنڌ پراجمان ھئا. رات جو سڪ مڙي وٺي ھئي. ڪين وچار آيو تہ ڪراچيءَ ۾ ديھ جو ليلاءُ ڪجي تہ شرير سمندر ساگر ۾ پراھہ ڪيو وڃي. عيدنداس ڏانھن نظر ڪري پنھنجو وچار پرگھٽ ڪيائون. ونل ستسنگين جي دلين مان سيسرامٽ نڪري لڳا. عيدنداس ديوان چيتانند ڏانھن نھاريو ۽ پوءِ آھستگيءَ سان وينتي ڪيائين: ”سائين، ان لاءِ سرڪار جي منظوري وٺڻي پوندي.“ باباجن اھو ٻڌي فرمايو: ”حڪم ڪنھي سائينءَ جو ۽ نہ سرڪار جو. چڱو ھاڻي ڪيو تياري واپس ورڻ ھلڻ جي.“ ڪراچيءَ ۾ بہ ڏينھن مس رھيا ۽ لڪڙو ٿي پرلين پھچي ويا. عيدنداس بہ ساڻ آيو ۽ باباجن جي ارھسر لين سمي ٽائين سندن سيوا ۾ لڳو رھيو. لائق پتر جيان پنھنجا وار ڏيئي، بارھين ۽ گدي استاپنا جا ڪارج گذاري ڳوري ھنٽين سان ڪراچيءَ واپس وريو.

ڀارت جي ورھاڱي کانپوءِ شري عيدنداس پھرين بمبئيءَ ۾ رھيو ۽ پوءِ اندور اچي وسايائين. سندس ننڍھن جو ناتو

ي ڳالهه جي واکاڻ اکرن جي اوست لي گرمکيءَ ۾ سکمڻي
صاحب ۾ پڙهي سگهندو هو. گرمکي جو ڪونه سکيو سو ٻي
ڪا ٻاڻي ڪونه اُڪلندي هئس ٻاقي سکمڻي صاحب ڪٿان
، ڪولي ڏٻس نه پڙهي وٺندو. سنتن جو مٿس پورن وشواس،
جو هر طرح لائق ٿيو. ڪڏهن ۾ سنڌس حساب ۾ ڪا ڀُل
نه ملي. ورهاڱي ڪانپوءِ ڀائي لولو مل پنهنجي ڪٽنب سان
پهرين دهلي طرف رهيو ۾ پوءِ جلدئي ٻابا شيوارام جن جي
آباد ڪرڻ لي پيلوازي دربار صاحب ۾ اچي رهيو. هاڻي
فقط دربار صاحب جي ديک ڀال ۽ حساب ڪتاب رکڻ جي
ڪم ۾ رذل رهيو. هن اهو ڪم اعزي نه ايمانداري ۽ سچائي
سان ڪيو جو هرڪو ٻراهي سندس ساراهه مان ڀاپندو ٿي
ڪين هو. ڪنهن سان به گهٽو ڪين ڳالهائيندو. سدائين پنهن
جي ڪم ۾ يا سائينءَ جي سمرڻ ۾ لڳو رهندو.

ڀائي لعلچند جو تاريخ ٢٥ مي ١٩٦٢ ع سي پيلوازي ۾
ديهانت ٿيو. دربار صاحب جي هن مانور شيواداريءَ جي
راهه رٻاني ونڻ لي چوڌاري شوڪ جي لهر ڇانئجي وئي.
ٻابا شيوارام جن جڏهن سيڻي ٻرهمڻ کي احوال ڏنو نه کهٽيئي
ٻرهمي ساڻ سنت اچي ڪٺا ٿيا ۽ ٻارهي جو ڪارڻ پاٺ پوڄا
۽ لوڪ وڏيءَ سان ڪيو ويو.

شري لعلچند ٿيرومل

ڀائي لولو سچ پچ هڪ در جو سدائين گولو ٿي رهيو. اصل داليءَ جو وياتل هو. ننڍو ئي هو ته سندس پتا ڀائي ٿيرومل پرلوڪ پڌاريو. بابا جن جڏهن سندس ڳوٺ داليءَ ويا ته ڪيس ڏسي هرکجي ويا ۽ مائٽن کان سندس ٻانهن وٺي دربار جي ڪم ڪار لاءِ پاڻ وٽ آيا. پهرين ڪيس پنج روپيا در ماهه خرچيءَ طور ڏيندا هوا. وڏو ٿيو ته ڪيس پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي پريميءَ سان گڏ دڪان ڪرائي ڏنائون. ڀائي لولومل، جنهن کي پوءِ لعلچند ڪري سڏيو هو، دڪان جو ڪم به پيو ڪندو هو ته دربار جو حساب ڪتاب به پيو سنڀاليندو هو. منهنجي جڏهن ساڻس پهرين ڏٺم تي پاڻ جي بزار ۾ جتي گيهه جو دڪان هوس. گيهه سچو سواءِ ڪنهن ملاوت جي جيڪڏهن پاڻ ۾ ملندو ته سندس ئي دڪان تان. سياءُ جو ٿڌو، نماڻو، کلمک ۽ چهرو پيو ٻهڪندس. دربار صاحب جي پاسي ۾ ئي گهر هوس جتي سندس ماتا ۽ ننڍي ڀاءُ ٻودارام جا ٻار رهندا هوا. پاڻ شادي ڪانه ڪيائين ۽ سنتن جي سيوا ۾ ئي جيون ارپڻ ڪيائين. بابا جن گرهستي پريمين جي ٻارن کي دربار صاحب ۾ رهڻ ڪين ڏيندا هوا ۽ انهن جي سنڀال ڀائي لولي مل جي گهر ۾ سندس ماتا گهڻي پريم ۽ سڪ سان ڪندي هئي. ڀائي لولو خبر ڪا ورلي پڙهيو. واڻڪا اکر ڪنهن کان سکيو، جنهن ۾ حساب ڪتاب رکندو هو. سنتن جي مٿس اهڙي ڪرپا ٿي جو پنهنجي ڌنڌي کانسواءِ دربار صاحب ۽ زمين جو خرچ پکو، ڏيتي ليتي سڀ ساوڌان نموني رکي سگهيو. عجب

مَنُڄ هچايو مَنَ ۾



امان گوکل ما

دکه سکه ڄاڻي کين کي - لوڀ موهه، ايمان،
اهڙي امڙ جهان ۾ - جڳ پورڻ آ ڀڳوان.

- ڪمل پياسي

اما گوڪل ما

”هاڻي موني گهر وڃ. ڪنواري ڌيءُ پرڻائي، ڇلا مٿائون لاهي، پوءِ اچي دربار جي سيوا ڪج.“ اهي باباجن جا شبد اما گوڪل ما ڪان وسرن نٿي ڪين. جڏهن به ڪا ڳالهه پڇجي ته ”اما، هن دربار ۾ ڪنهن ماتا کي ته رهڻ ڏنو ٿي ڪونه ويندو، آهي؟ جي ڪا ماتا سيوا لاءِ رهندي به آهي ته مهينو اڌ رهي واپس گهر ويندي آهي پوءِ اوهين ڪيئن سانده رهيا پيا آهيو.“ ڏاڍي مزي سان پوءِ پنهنجي هت داڻا رهڻ جو ورنن ڪندي آهي. چي: ”جڏهن ته مان هت پيلواڙي ۾ رهڻ آيس ته بابا شيوارام جن به ڪجهه وقت ڪانپوءِ چوڻ لڳا: ”ماني هاڻي وڃ پنهنجي گهر. وڃي پنهنجن ٻال گوپالن جي سيوا ڪر.“ ”مون چيو مان ’مان پنهنجيءَ مرضيءَ ئي ٿورو ئي رهي آهيان. باباجن (بابا هرسرام صاحب) ڪين مونکي چيو هو ته ڪنواري ڌيءُ پرڻائي، ڇلا مٿائون لاهي اچي رهجانءِ. سو ڌيءُ ته ڇلا مٿائون لاهي آئي آهيان نه.‘ پس پوءِ بابا شيوارام صاحب جن ڪڇو ني ڪين.“

اما گوڪل ما ڏي نه رهڻ لاءِ الڳ ڪوٺي به ڪانه کپندي هئي؟ سڄو ڏينهن پيئي سيوا ڪندي هئي. ٻهاري جو سڄو ڪم مٿس هو پر ڪڏهن به نٿڪجي ڪانه. هميشه پئي کلندي. ننڍين ٻچن جا آرا انگل پورا ڪرڻ لاءِ هميشه تيار. رهڻ لاءِ الڳ ڪوٺي جا ڪانه هئس ته ڏاڪڻ ۾ ٿي پئي گذر ڪندي هئي. چوندي ته ڏاڪڻ مونکي ڏاج ۾ ملي آهي؟ پوءِ ڏاڪڻ بابت اهڙي ڳالهيون ٻڌائيندي جو

ندڙ اچي ڪل ۾ پوندا. ڇي: "شادي ڪم ۽ ولي هليا
ڏاڪڻ چاڙهي. ووٽ ڏيڻو هوم ته ب، ڇهائون ته ڏاڪڻ
نشان) کي ووٽ ڏج. هٿ ۾ ولٽي آهيان ڏاڪڻ ۾.
رندس ته ۾ ولي هلندا ڏاڪڻ تي." شهر جون ماڻهون
جڻ ستمگر پورو ٿيندو ۽ اما گوڪل ما کي ائين وراڻي
ويندا هون جڻ پٽڪ اچي جرمن لي پڙندا آهن. اما ۽ دربار
جو ڪونه ڪو ڪم ڪيڏي وهندي. ڪٿڪ سونٽي
هوندي، چهرو صاف ڪرڻو هوندو، دالين مان ڪڪرو
چونڊڻو هوندو. سيئي ماڻهون پوءِ ساڳئي ڪم کي لڳي
ويندا هون؟ اما گوڪل ما پاڻ ۾ ڪم ڪندي، پيس ڪان ۾
ڪم وٺندي؟ سيمي کي پنهنجي مينياج پري واٽيءَ سان پڻي
وندرائيندي. ڪڏهن باباڻ جون ڳالهيون، ڪڏهن ستمگر
۾ اڌل د رشمانت، ۽ ڪڏهن پنهنجي انهن جا آزمودا.
مطلب ته ڪم سان گڏ ستمگر ب ٿيندو رهندو. سوڪلائڻ
وقت آسيس ڪندن: "چڱو پلا. بابو ڏيندو پٽ؟ پوتا،
انٽ جوتا، ڪونه پوندو توٽا."

اما گوڪل ما ڪا وڏا ڪانه ورلي له ب ڪيڏي نه
سياٽپ سان پورو آهي. اهشور ناواٽي (مفلس) ڪجهه
ڏينهن پيلواڙي دربار ۾ اچي رهيو. سٺي شيوا ڪيائين.
براڻ پيو صاف ڪندو هو. هڪ ڏينهن اما چيس: "اهشور،
گهر ۾ به ائين ڪم ڪندو هوندين نه؟" جواب ڏنائين.
"اما، گهر ۾ اهو ڪم ڪريان ته شرمندي ڪڏهن چولندي
ته مٿي ۾ سور اٿم، ڪڏهن پيٽ ۾ سور اٿم؟ پوءِ نه
منهنجو مڙوئي ونو." اما ورائيس: "الهيءَ ۾ ڪهڙو عيب
آهي. جي پنهنجي پتنيءَ لاءِ پريشور آهين ته پتني به پتيءَ
لاءِ لڇمي آهي. سو ڪڏهن پتني شيوا ڪندي ته ڪڏهن

سکيا ڏيون. اڻ ڪا ٻاڌ سکيا. چئيس ته مان هيڏي ساري
اُٺ تي آهيان، ته به سکيا ورلي ڪانه اٿم." پوءِ ڪلي ڪلي
چوندي: "ٻلا سمجهن ٿا ته مائي آهي الٻياٽي، منتر جنتر
جهڙي نه جهڙي سو مولکي ته ٻابا سائينءَ چيو ته گهرو انين ئي
ڪبو آهي؟ ڪير ٻڌيئي ته چئين ته ڏسو ڪيو اٿم."
بس انين ٻئي سيڌي کي ڪلائيندي؟ ونڊ رائيندي. وقتن
لي ستسنگ ۾ ساڌن جي سنگ مان جن کي لاڀ مليو ان جا
به درشٽانت ٻئي ٻڌائيندي. چي: "هڪڙيءَ ماءُ پنهنجي
پٽ کي چار پئسا ڏنا ته ڪجهه سيڌو وٺي اچ. انهن وقت
پئسي جو به ملهه هو. ڇوڪري کي رستي ۾ هڪ ساڌو
مليو جنهن چيس ته چار پئسا ڏي ته توکي چار ڳالهيون ٻڌايان.
ڇوڪري به هرکجي ها ڪئي؟ ونو ڳالهيون ٻڌڻ. ساڌ چيو:

'وٺو ڪرمت وٺو ڪرمت' - هڪ ڳالهه - ڏي پئسو.
'نور جيان ٻيو نهاري' - ٻي ڳالهه - ڏي پئسو.
'وهان ڪين وڃان' - ٽين ڳالهه - ڏي پئسو.
'اهو لو وڃئي' - چوٿين ڳالهه - ڏي پئسو.

ڇوڪرو چارئي پئسا ساڌ کي ڏئي واپس ماءُ وٽ آيو.
ماڻس پڇيس ته سيڌو ڇو نه آندءِ ته چيائين ته چئن ڳالهين
لي چار پئسا ڏئي آيس. ماڻس ڏمرجي چيس ته ڪهڙيون
ڳالهيون؟ ڇو نه اڻوقت هڪڙي چور سيڌن گهر کي کامٽ
پئي هنيون. ڇوڪري به ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون.
'وٺو ڪرمت، وٺو ڪرمت.' چور جي ڪن لي اهي اکر پيا ته
چپ ڪري نهارڻ لڳو ته ڪير شاهد ڏسي وٺو. ڇوڪري
وري ٻي ڳالهه ٻڌائي! 'نور جيان ٻيو نهاري'. هاڻي ته
چور کي هٿائين پڪ ٿي ته ڪير ضرور ڏسي وٺو. سو واپار
ڪيائين ته بهتر آهي وڃان. الي ڇوڪري ٽين ڳالهه چئي:

ٻئي نه شيوا ڪندو."

امان جي هڪ ٻي ڌيءُ حيات آهي جا ڀوپال ۾ شادي ڪيل آهي. رواجي طرح سندس ملڪيت لاءِ انجو حق هو پر ڪليم امان جي ڏهٽروءَ ڀريو. امان جي سڀ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته امان جي صحيح وارثي ملڪيت بابت ڌيءَ ڇڪيون پر سڀ وارث ويس. دليل ڏنائينس: "ڌيءَ به ڇٽي اٿئي ڪاري ته ڏوهٽيون به جاڳون اٿئي ڪاريون. هاڻي جڏهن هزار ڏبا لڏهن ته وٺنديون." امان صحيح ڏيڻ ڪان نابري واري. چي: "اڳهاڻيون هونديون ته ڪاريون به اڳهاڻي وينديون نه ته حوروون به پيون ڌڪا کائينديون. جي وٺيون هونديون ته ڪن واريون به پيون لڏنديون نه ته لکن واريون به پيون ڀڄنديون." مالائون امان جون اهي ڳالهيون ڪن ڏئي ٻڌنديون. ڪي وري ڪانئس پڇن: "امان توهان ڪڙو ڪيو آهي؟" هڪ دفعي وجهه وٺي امان بابا شيوارام جن کي چيو: "بابا سائين، ماڻهو ٿا چون ته جيڪو دربار جي روٽي ٿو کائي سو نانڪ جي جوڻ پائي ٿو." جواب مليس: "ماڻهن لي اعتبار نه ڪر. ٿهن جي روٽي کائي به ساڌ سنگ ڪجي، سو هتي ته انيڪ ڇنبيه ڀوڄن آهن. ڇپڳل ڇهريءَ ۾ به سنت جو سنگ ڪجي، سو هتي ته مڙل مائڙيون آهن. لوڪي نه ڪير چوي، ته هن ٻاسي هڪ پير برگهٽ ٿيو آهي، جو مثل ماڻهوءَ ۾ ساهه ٿو وجهي ته به ٿون وساهه نه ڪجانءِ." وري پڇيائين: "بابا سائين، دادڙيون ٿيون چون ته تو ڪڙو ڪيو آهي سو مان ڇا چوان؟" جواب: "چئين ها ڪڙو ڪيو اٿم." ٻئي دفعي وري باباجن کي چيائين: "هيءَ دادڙي ٿي چوي ته مولڪي سکيا ڏيو." جواب ڏنائون: "صبوح ڪانوني سڀ اٿي ٿائين پيا ٿا

آءُ جهان تنهنجي آسري



سري مهنت بابا شيوارام صاحب اداسين- پيلواڙا.

نرمل نيارو، مٺڙو موچارو - ٻانڪ جي هئي ذات،
ٻاسائي گر راجهائي پيارو - ڏينهن هجي يا رات.

- ڪمل پياسي

'وهاڻ ڪٿين وڃان'. ڇوڪري ونڌر خاطري ٿي ته ڏسندڙ ڪو انتظامي آهي جو سندس من جو وڻجار به جاڳي ورڻائين سو اٿي پيڻ لڳو؟ ڇوڪري به انوقت چوڻين ڳالهه ڇٽي ٻڌائي: 'اهو ٿو وڃيئي'. اهو آهي پرلاب ساڌن جي ٽوري ٿي سنگ جو.

اهڙيءَ طرح ڏنهي ميناج سان ڳالهيون به پيرون ٿيندڙون؟ ڪم به پيو هلندو. مطلب ته اما جو چمڪ آهي سندس مٿي واڳي:

مٺ ٻولڙا جي، هر سڄڻ سواهي مورا
هڻ سمل ٽڪي جي، اوهه ڪري نه ٻول ڪوڙا

سڌن جي سنگ ۾ رهي، لنڪام پڻاڻ سان شعرا ڪري پنهنجو آپو مٽائي، جيون جي آهوڙي ڏنٽي، اما اڄ اوچ ڪونيءَ ڪي پهچي چڪي آهي. مثل اما وڏي آورجا ماڻي جو پنهنجي ماڪيءَ مثل ميناج واري واٽيءَ جو رس سيڻي ڪي سدبو چکائيندي رهي. ●

ڳڻ گروءَ جا ڳايان

(بابا شيوارام بابا هرپرام صاحب اداسين)

طرز - لاڙي ليپا

ٽل - ڌن گرو ڌن گرو ڌن گرو جي ، بابا هرپرام ڌن گرو جي
او ڌن ڌن ڌن گرو هرپرام

١. سڀني کي جن رستي لڳايو، نام ڏئي پوءِ پولر وڌايو
سڀني کي اچي لتار، ستگر، نام جپائڻ جانءِ

٢. ساڌ سنگت کي خوش ڪيائون، رلج ڌ ڪيهن کي اصل ڏنائون
سڀ جو جيءَ جيار، ستگر، درشن ڪرائڻ جان

٣. درشن ڏئي دکڙا ڪاٽيج، نام سندو ڪو سڪڙو ملائيج
آهن سيٺي پياسي، ستگر، پنهنجي صورت ملائڻ جانءِ

٤. داس شيوي جو عرض اگهائج، چرن ڪمل منهنجي هردي پسائج
صورت تنهنجي سونهاري، ستگر، پنهنجو ڌيان ڌرائڻ جانءِ

(٢) راڳ ڀيروي

ٽل - بابا هرپرام سنت اداسي، ڪاٽن جم جي ڦاسي

١. بابا صاحب هوئا پاڪ گيالي، سندن رهه رهت آهي نشاني
سڀ ڳالهه ڪندا هئا خاصي

٢. باباجن جي چال هئي سادي، سدائين پائين ڌوئل ڪاڏي
دنيا سمجهندا خاڪ ناسي

٣. ڌاهي چڙهائون جاٽي بجهي، ايها ڳالهه ڪانهي ڪا ڳجهي،
شيوڪ سڀ هئن پياسي

٤. ودان پنهنجو اڳيئي ٻڌرائون، تاروشاهه ۾ ڪائي چڙهو هٿائون
چت سدا هئن هلاسي

٥. داس شيوي لي مهر ڪيو ڪا، هرهڪ ڳالهه ۾ سائي ليو ٿا،
لوهان جي چرڻ جو آهيان پياسي

(٥) راڳ پيلو

ل - بابا هرسرام سائين هري اوتار آ
١. شهر پرين ۾ ڏيرو وسايو آ،
شيوا پڇن جو جتي پرسل پيدار آ
٢. ڪتا ڪيرتن جو جتي پرچار آ
سات سنگت جو واهه واهه گلزار آ
٣. دوکين جا دک ڪاٽن نام دوائي ڏئي،
اهڙو وڏو سندن اپڪار آ
٤. داس شيوي جو عرض اهوئي،
گرمت دان ڏيو ستگر پيارئان.

(٦)

طرز - تيري پيار ڪا آسرا چاهتا هون

ل - بابا هرسرام تهنجا ٻچڙا آهيون،
تهنجي چرڻن ۾ سر نمايون
١. بابا هرسرام تهنجي ياد ڪيون ٿي،
صبح سوير ۽ سانجهه ڪيون ٿي
ڪرڻ ۾ تورا ڪچڙا آهيون
٢. بابا هرسرام تون پراپڪاري، سيئي ڪي تو ڏني دلداري
هردم ستگرو توکي ٿا چاهيون
٣. بابا هرسرام تون سڀ جو والي،
وچن توهان جا ڀاڳي آ عالي
توهان جي درتان نام ٿا پايون
٤. داس شيرو تو سيس نوائي،
شهد سچي جو پوڄ تو پائي،
ڏوهه گناهه سڀئون بخشائي
پنهنجي ستگر کي سيئي ساراهيون

(٣) راڳ آشا

ٽڪ - ڏٺوسين پرڀُو جو پرڪاش بابا هرنام پرکن ۾

١. هرڪنهن سان هتِ پرڀُو جي وائي،
نه ڪنهن سان هلن اُچائي
حقيقت اها ڄاڻو، سدا شانت رکن مَن ۾

٢. حياتي ۾ ڪنهن ڪنهن سچالو، پنيان پوءِ سيئي ٿي ڄاڻو
هيٺر ڪنهن کان نٿا وسرن، آهن سڀ ڪنهن جي مَن ۾

٣. مهر اُن سڀ ڪنهن تي جهجهي،
اها ڪنهن کون ڳالهه ڪانهي ڪا ڳجهي
ڪڏهن ٻه ايندا هتا سوالي، ڏيندا هتن کوٽيون پري ڏن ۾

۴. داس شيوي جو عرض اهو ٿي،
توهان جي گود ۾ آهيون سڀئي
نڪي نڪپال لون رکج، توهان پنهنجي چرنن ۾

(۴) راڳ ڪانڙا - ٽين ٽال

ٽڪ - درشن ڏٺو هڪواري،
صورت آهي سُونهاري پتا لڳهجي

١. درشن سان ٿي موڪش ملي ٿو،
چت جو آنند ٽڏهن ٿئي ٿو
پوءِ موج ٿئي ٿي ساري

٢. بابا هرنام ملڻ جي پياس، سڀني پياسين کي آهي آس
جلد اچو هڪواري

٣. آس اندر ۾ سدا رهي ٿي،
اها صورت روزان روز گهري ٿي
ڏيندي اچڻ ولل هيڪاري

۴. داس شيوي جي مرضي اهائي، ٻي ڪا آس رکي نه ڪائي
توهان جي چرنن تان ٻلهاري

(١٠) راڳ جوڳ

ٽل - منهنجو جيءُ ستار، وو بابا! ٽالو مٿو لوهاڻن جو

١. بابا لوهاڻجي مٿي سان آسري پار پيو
مهر بنا هن جيءَ جو چاڙهو کون، ٽيندو
لڏهين ٻه رکندس ٽون، وو بابا! ٽالو مٿو لوهاڻجو

٢. من تو منهنجو سدا ساري، لوهاڻ جي درشن کي
پيو ڪو لاهي مانت منهنجو، لوهاڻ ڪيو پنهنجي کي
ڏهرج من کي ڏيو، وو بابا! ٽالو مٿو لوهاڻن جو

٣. من ٻه لوهاڻن جو، تن ٻه لوهاڻجو، ڌن ٻه لوهاڻن جو آ
سڀ ڪجهه لوهاڻن پنهنجو جاڻو، پيو نه ڪنهن جو آ
مڃو منهنجو سوال، وو بابا! ٽالو مٿو لوهاڻن جو

٤. داس شيوي کي تانگهه اهائي، پر ڪا لاهي ڪا
درشن پياسي سدا رهي تو واليان ۽ ڏمهان
لوهاڻ جي چرڻن تان قربان، وو بابا! وو بابا

(١١) راڳ پٽ منجري

ٽل- پنهنجي چرڻن جو ڪو ڏيان ڏيو،
مولڪي لاهي ڪو آسرو پيو

١. لوهاڻ جي چرڻن تي ڪري پوي ٿو،
تن من ڌن ارپڻ ڪري ٿو
بابا لوڪون سواءِ ڪوئي لاهي منهنجو،
تون ئي منهن جو آسرو

٢. بابا لوهاڻ جي صورت سهڻي،
من موهيندڙ مورت موهڻي
آش اندر ۾ الم اهائي، ڏيو دان دالار پنهنجو ڪٽي

٣. منهنجي عيبن کي نا ڏسجو ڏٽي،
پنهنجو بالڪ سمجهو پاڻ ڪٽي

(٧) راڳ ڀيروي

ٽل - بابا هرديرام سنت سياڻو، جن جو ڀرواسن ۾ آهي ٽڪاڻو

١. حليمي جو هار آهي صاحب، گرمت جو گهر آهي صاحب
هئو سُرو وسر ساماڻو

٢. ڀنڊارو جنهنجو کليل آهي، سنت ساڌو سيڪو پيو کائي
کارائن مکڻ جو چاڻو

٣. موهڻي مورت پياري پياري، دلبر بيشڪ آهي دلداري
آهي لعل مولئيءَ داڻو

٣. سدا سنتوشي آهي ساجن، طمع ڪنهن ۾ رکي نا راڄهن
مڃن مالڪ جو ڀاڻو

٥. داس شيوو ٿو سيس نوائي آسون اميدون سيئي پڄائي
ڳالهه سچي اها چاڻو.

(٨) راڳ ٽوڙي

ٽل:- ڏن ڏن ڏن گرو هرديرام صاحب

١. بابا صاحب پاڻ اوتاري، بيشڪ آهن واهه واهه ديداري

٢. باباجن جي آش اندر ۾، سدا رهي ٿي لئار لن ۾

٣. سدائين مونکي آش توهانجي،
ٻي ڪا ناهي تانگهه ڪنهن جي

٤. داس شيوو ٿو روئي پڪاري، آهي توهانجي چرڻن پياري

(٩) راڳ آشا

ٽل - بابا هرديرام هئا سدا اُپڪاري، سيئي ٿي جن مهر ڌاري

١. باباجن جون هيون لک ڀلايون، بابي گرو ڪان وڃان ٻلهاري

٢. بابا اسانجو هئو سدا ٻخشند، ڪلجڳ جا هئا وڏا اوتاري

٣. باباجن کي سارو جڳ ٿو ساري،
ڏسو سيئي کي پهنجي دلداري

٤. داس شيوي جي عرض اهائي،
قبول ڪري پهنجي رکو چرناري

٥. داس شيوري کي پنهنجو جاڻي،
ڪيو پنهنجي چرڻن جي ڪاڻي،
سدا انهي ۾ آهيو ساڻي، مان آهيان لوهان جي نماڻي.

(١٤) راڳ پَٽ منجري

ل:- مونکي لانگهه آهي لوهان جي چرڻن جي،
ٻي ڪا ناهي پياس ڪنهن جي
١. مان چرڻن تون قربان وڃان، ستگر توئن گهول وڃان
اها مهر ڪيو سدا ياد رهان، گولي لوهان جي قدمن جي
٢. لوهان جي ڳالهي ڪي مان ياد ڪري،
سرَڙو اوايان لوهان جو ڏيان ڏري
لوهان ڪون سواه دنيا ڪير ڪري،
سار ليهو پنهنجي پيارن جي
٣. سدا سار اٿو لوهانجي صورت جي،
من موهيندڙ مورت جي
نظر ڪيو مونتي لن من جي، مري گندي آهيان ڏر جي
٤. داس شيوري جي اها وينتي، وڙلي ڏيو پنهنجي چرڻن جي
اهو دان ڏيو پنهنجو بال جاڻي،
اهو رنگ رهي سدا، لعل جي

(١٥) راڳ توڙي

ل- ستگر منهنجا اپرو اپارا
١. ستگر سڀ جو بيڙو تاري، نام ڏنئي بهو جڳ جياري
٢. ستگورو منهنجو سرمور آهي،
ساڌ گرهستي سڀڪو پيو چاهي
٣. ستگر منهنجو بهه دلاسي، سڀ سان ڳالهه ڪندا هيا خاصي
٤. داس شيوري لي سدا بخشند، ستگر بابا رڪندو نندگ

هر وقت توهان پنهنجو چاڪي، جو انت وٺي سهائي آيو

۴. داس شيوي تي مهر ڪجو، جو انت آئين ساٿي هجو
پلا پاڳه ٻاٻان پنهنجي ڪرمن ڄمڻا،
درشن ڏئي سدا صورت جو.

(۱۲) راڳ پرڀاتي

ٽل- ايشور روپ شري گرو بابا
سيني ڪونڪو چالو ٿي ……
• ڪهين ڪهين ڇالو ٿي.

۱. پاڻ ڏيالو ديا ڪندا هئا، دل سڀني جي خوش ڪندا هئا
اسين موڙگن ڪين ڇالو ٿي.

۲. پرڀات وٺي سوامي آئن، آئي پنهنجو نام جپن
پوءِ پوءِ ٻين کي اُڌارائون ٿي.

۳. ٻهرلن پرمانند ايندو هو، قيمتراه سڀني شيوا ڪندو هو
آشا ٽيڪچند پائي ٿي.

۴. داس شيوي تي مهر ڪندن، منهنجي آهي سدا ونڊن
سدائين پنهنجي مهر ڪيائون ٿي.

(۱۳) راڳ ڀيروي

ٽل- بابا هرڀرام آءٌ تنهنجو، ڏکڙا دور ڪريو مون
بابا هٿڙا ڏئي پاڻ تون.

۱. پنهنجي هٿن سان شيوا ڪن، سدائين مک سان ٻاڻي پڙهن
اهو وڏو اپڪار ڪندن، انسان اوتار هئا

۲. پاڻ پنهنجي داسن لئي، مهر جي نظر هٿن ساهين تي
پر ڪيائون ٿي خيال سڀني تي، جاڳٿي جاڳڻهار هئا

۳. گرو ٻٽي پيا داس سڏائن، پاڻ ٻڌي واري ڪار ڪمائن
پنهنجي داسن کون پڻي شيوا ڪرائن،
گرو توهان سان ساٿ هئا

(١٨)

ز- گهٽا گهن گهور گهور

ي- ڌن گرو هري رام، ڌن ڌن آهيو

١. سنگي لوهان کي سدا ساڻن، لوهان جي درشن کي
هر گهڙيءَ پيا خيال ڊوڙائن لوهان جي صورت لئي
پر درشن ڏيئي ويو، مجهل من کولي ويو
ديالو سدا آهيو

٢. ساراهه ڪري ڪٿا ڳائين، لوهان جي صورت لان
پل پل ۾ پيارا خيال ڊوڙائن، پنهنجن پيارن لان
پر سچو خيال ڏيئي ويو، نام جپائي ويو
پريم من ٺاريو

٣. ڀلا ڀاڳ اسين سمجهون پنهنجي ڪرمن جا
اسان سڀني درشن ڪري ٽيون چڱن خيالن جا
ڪروڙ ڪٽي ويو، موهه مٽائي ويو
انڀور روپ آهيو

٤. اڙي نه رکندا، سوڪي نه رکندا، رکندا سڀ ڪنهن ڪان
تن من ڌن ارپڻ ڪريان، لوهان جي چرنن لان
سدا لوهن تاري ويو، داس شيوي کي تاري ويو
انت ۾ سهائي آهيو

(١٩) راڳ ڪلياڻ

ل- لون مهنجو آهين آڌار تو هو جي.

١. آڌار ڏيئي پاڻ سڀاريو، سنسار سمند ڪان سائين تاريو
٢. داس سمجهي پاڻ جهاريو، جيءُ جهاري تن من ٺاريو
٣. ماتا ۽ لونهن، پتا ۽ لونهن، لونهن جيءَ جهاريو
٤. داس شيوي جا گرو لوهان آهيو، آهيو آپ اپارو

(١٦)

طرز - اي من سندر آئيا

ٽل - اِهو من ساري سنڀاري ٿو، ٻاٻاڻ جي چرنن کي

١. ٻاڻ پنهنجي هٿن سان، ساري سنڀاري سنڌاري وٺا
ٻڌن وچان توهان جي ناتو ٽان،
جو سڌارلو پنهنجي داس کي

٢. داس پنهنجو پاڻ سان، سدا هردم رکو خيال سان
هيءُ اڻ ڄاڻ توهان جي سرن ۾، ايو ڪو ناهي خيال پاڻ کي

٣. انهي پهر توهانکي ياد ڪري،
رکي مورت من ۾ ڌيان ڌري
پر مورت صورت ساڻ هجي، ناس ڪري سڀ درد کي

٤. داس شيوي کي نا وسارلو، هٿڙا ڏنهي پاڻ بچايو
پر هونءَ ناهي چاڙهو منهنجو، پڪڙي توهان جي چرنن کي

(١٧)

طرز - خاموش نگاهين

ٽل - چا لڪان ساراهه ٻريو، تنهنجي چا لڪان
توهان جي مهر جي سدا آهي مونتي نگاهه، چا ....

١. راليان ۾ ڏينهان گذارلون توهان جي نظر ۾،
لساڻ وارا لوهين ڌٽي
ٻئي جي ناهي نگاهه. چا ....

٢. پت به توهين، گت به توهين، ڌن به توهين آهيو،
تن به توهان کي ساري، رهي سدا توهان جي چاهه. چا لڪان

٣. چت چرنن ۾ ارپڻ ڪري، سو توهان تو سدا
خيال ناهي ڪوئي ٻيو، ڏيو سدائين راهه. چا لڪان ....

٤. ٻالڪ سمجهي پنهنجو، سدا رکو نظر ۾
داس شيوي جو اهو تني خيال،
سدا ڏيو پنهنجي پناهه، چا لڪا ....

(٢٣) راڳ ڀيروي

ٽل - ٻابل تون آهين وڏو مهنجو سيٺ
ننگ رکندڙن اسون ليٺ

١. سيٺيون دنيا ۾ گهڻيون هوندا، وڻج واپاري سو ڀن هوندا،
مهنجي لاهي ٿي ساڃ ڏيهه وله

٢. آهي انهنجي سهڻي صورت، آهي من جي موهڻي مورت
سدائون سڀ جيون ممت

٣. مال خزانا گهڻيئي ڏيندا، ڏن پدارٿ سڀ مٺيئي ڏيندا
نام ڏيندڙن لکون نيٺ

٤. داس شيوو لڳو روئي پڪاري
آهيون لوڪان جي چرن ڀاري
ڪنديون اسون سڀ جي چيٺ

(٢٤) راڳ ڀيروي

طرز - گهر آيا ميرا پرديسي

ٽل - ٻابا هردرام تون ئي سهاءِ، پياسين کي تون درشن ڪراءِ

١. سنگت سهڻي در لي آئي. سيدي جي گروه آس پڄائي
آس وندن جو تون سهاءِ

٢. جتي ڪٿي مان لوڪي ٻڌنديان
هردي اندر سنگر سانديان
پنهنجي چرڻن ۾ ڏيندم جاءِ

٣. ڀاڳ چڱو مان پاتان تو، ملي سنگت مان پڪاريان تو
داس شيوي جي اهائي واءِ، هردم ڏيندڙن تون ئي سهاءِ

(٢٠) راڳ ڪلياڻ

ٽڪ - لعل آهيو پريو لعلڻا، گرو مهڙو سدا آهي لعل
ڪاٽي جم جو ڪالڻ

١. ٻاڻ سداوي، ٻاڻ جهاري، ٻاڻي پريو تارڻان
٢. آپو پريو سدا آپو، ڪولا ڪرم سڌارڻا
٣. کهڙي وڏائي ٻُڌان ستگر جي، ستگر سوڀا ڪرڻا
٤. داس شيوي ڪهي سدا ڏيو درشن،
توهان جو درشن من ڪري پرسن، چت چرڻن ۾ جوڙنا.

(٢١) راڳ ڪلياڻ ٽين ٽا

ٽڪ - بابا تنهجو سهاءِ گرو جي.

١. سچا ستگرو پران آڌارا، ڏن وڃان توهانجي نانءَ
٢. نانءُ نِڌان آهي توهانجو، توهان جو نانءُ ڏياءِ
٣. پل چوڪ بخشڻهار آهيو، خالق مالڪ آهه
٤. بابا هرارام همت ڏيو ڪا، تنهو شيوي لي سهاءِ.

(٢٢) راڳ ڀيروي ڏِلوارا

ٽڪ - ستگر تنهجي جهوليءَ ۾ داسي بڻجائونگي

١. ڏن توهان جون ڪهاڻيون، ڏن توهان جون ٻاڻيون
ڏن سدا آهيو، چرنا امرت پيئونگي
٢. گيان جي گودڙي پهري، ڪميا جي ٽولي پائي
سَت جي سهلي ڪٽي، سَت بڻجائونگي
٣. جَتَ جو آڙ بندي، سيل لنگوٽي پهري
اڪال جي مورت من ۾، ڌيان لڳائونگي
٤. داس شيوي لي مهر ڪيو ڪا
جنم جنم کي ڦاسي ڪٽ جائونگي.

٤. بابا هرسرام، بابا ڪرپارام، بابا مهرام، بابا آتمارام،
بابا سريچند کي لک ساراهون. بابا ....

٥. جوڙي هٿڙا ڪرين اڳيان، سڪ شرڌا سان سڌن اڳيان،
ملي آرداسون پڙهون. بابا ....

٦. ايڪادشي آهي پيارن واري،
ملي اچي سنگت ساري،
ڏهه اندر رهون ٻارهون من ملائون. بابا ....

(٢٥)

ٽل - منهنجا ستگر ڏسن ڏيال، سدا ڪرپال، پرانا شهر وارا،
بابا هرداسرام سَت سهارا ....

١. ڇڏي شهر کي جهنگل وسايو تو،
۽ جهنگل ۾ منگل مچايو اٿو،
سڀ سردي گرمي پوهه سدا کي پارا، بابا هرداسرام ....

٢. تو اشترمڪ ايهاس ڪيو،
ساري ڪام ڪرودهه کي ناس ڪيو،
پڳت ڏرو پراپر ڏيان کي ڌارڻ وارا، بابا هرداسرام ....

٣. گرو وداس مثل ودوان هئين،
گرو گيان هوندي نرماڻ هئين،
گرو گيان عوامي ڀڳتيءَ جا ڏ پيدارا، بابا هرداسرام ...

٤. شيوا داس کي گيان بتايو تو ۽ اوم جو جاپ جپايو تو،
لوکي پراپي سنيالن پر اسر جون ڪرن پڪارا،
بابا هرداسرام ....

(٢٦)

طرز - بابا من کي آکين کول
ٽل - بابا قيصر پوڄ لڳايون
مرچ مصالح سونف ٽڪي سُرها
مصري لنهن ۾ ملايون. بابا ....

١. سلاوڻي ۽ ڏنا ڪوندا، پرلسر سان سيڪي گهوڙن گهوڙا،
پوءِ صاف صافي ۾ ڇاڻيون. بابا ....

٢. پنج ٽڪي صافا، پنج پيالا، پنج پوڄاري منهنجا چيلا،
اڳيان رکي سرڙو جهڪايون. بابا ......

٣. واس ڏوپ ۽ جوت جڳائي،
سنگت لوهانجا گڻ ٿي ڳائي،
گسرمالسرا آرتيون آلاپيون. بابا ....

تون پاڪ ڏٺي

(١)

مان خاڪ ڏٺي - تون پاڪ ڏٺي!
مان حرص حوص - هيراڪ ڏٺي!
تون نوراني - طب سلطاني!
مان ڏانهه ڏنگو - ناپاڪ ڏٺي!

(٢)

تون رحم ڪرين - مان پاپ ڪيان،
تون ٻاجهه ڪرين - ور لاپ ڪيان،
هن چت کي تو لاءِ چاهه ڪهي،
شل 'هري هري' آلاپ ڪيان.

(٣)

تون رهبر - تو کئين راهه سجهي!
تون جيون پر همراهه سجهي!
مان مڪتو تي اپاڏيان تو،
بي سمجهه مان - ڏي ساڃاهه سجهي!

(٤)

تون راجا جوڳي تپ تپائي،
تون برهما وشنو ورائي،
تون ابناسي مان اٿ 'اپاسي'،
هيءَ تن اٿ ڪر، اما موڳي.

ليکڪ جي قلم مان

شرڌانجلي

گرو گيان وارو

هر هر رام دالا - هر هر رام سائين.
تنهنجي ٻاجهه جو در کليل آ سدائين.

(١)

ميا مهر مالڪ - گرو منهنجو پيارو،
هجي شل سدائين انهيءَ جو سهارو،
هوئي ماڻ سورج هوئي چنڊ تارو،
ڏٺي ٻاجهه وارو، گرو گيان وارو،
سدائين اسان سان گرو تون نڀاهين،
هر هر رام دالا - هر هر رام سائين.

(٢)

ٻلبل ياونا کي سهارو ڪهي تون،
ٻڏيءَ کي جيئن ڪو ڪنارو ڪهي تون،
لالڻ جي لڏو لاءِ لاڙو ڪهي تون،
جگر جان لاءِ دل دلارو ڪهي تون،
هو ڏاتار ڏني پهو، آگهائي ڪمائي،
هر هر رام دالا - هر هر رام سائين.

(٣)

گفتار جنهنجي عجب گيان واري،
رڏي ۽ سڌي رام ۾ ڌيان واري،
مٿي خاڪ ٿي، رت ايمان واري،
نمرتا ۽ نوڙت ۽ ايمان واري،
او سائين سدائين وڏي هئ وڏائي،
هر هر رام دالا - هر هر رام سائين.

آرتي

جئه ستگر بابا

1- اوم جئه ستگر بابا، سوامي جئه ستگر بابا
هرنام سنت اداسين، دانين جا داتا — اوم جئه ستگر بابا!

2- بالپڻي کان نهنا نماڻا، سنت ٿيا سچار
گر شيوا جو بار تو جهليو، ڪري ٿيو اوتار — اوم جئه ستگر بابا!

3- جوڳين ۾ توهين جوڳي آهيو، گيانين ۾ گياني
سنتن ۾ آهيو سنت سچا، اوهين ڌيانين ۾ ڌياني
اوم جئه ستگر بابا!

4- ذات پات جو ڀيد مٽائي سڀ سان ڪيو پيار
جڳ جا جيو توهان جي خاطر، هڪ سڀ روپ مرار
اوم جئه ستگر بابا!

5- سادن ۾ سرمور سوامي، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار
پرم سندي پرچار ڪرڻ لاءِ ورتي آيا اوتار
اوم جئه ستگر بابا!

6- ساري سنگت سوامي سڀالي، توهان ڪئي هر وار
ڏکي درشن بابا ڏيئي، غم لاهيو غمخوار — اوم جئه ستگر بابا!

7- جيڪو توهان جي آرتي، پريم سان پيو ڳائي
سو ٿي سدائين سک ڦل، نشچي تو پائي — اوم جئه ستگر بابا!

8- داسن داس تو سدا پڪاري، ڏيو چرڻ آڌار
هٿڙا رکجو سدائين، پئو ساگر مان پار — اوم جئه ستگر بابا!

سري سنت بابا هرنام کي ونڊون وار وار،
جاس نام پرتاپ سي مٽت هڪ پاپ هزار۔

هري اوم شانتي! شانتي! شانتي!

* شڌي پتر *

ڇپڻ ۾ پرڪاش ڪرڻ جي اُتاولائيءَ سبب پستڪ "سنڪ مهنجا سپرين" ۾ ڪي حروف ريڊنگ جون چُڪون رهجي ويون آهن، جي هيٺ ڏيون ٿيون. پاٺڪن کي ونتي آهي ته اهي پنهنجون سڌاري پوءِ پستڪ جو پاٺ آرنڀ ڪن.

صفحو	سٽ	ڇپيل	برابر
8	١٤	جهل	جهڙ
8	٢٢	مهِ	مهڙ
8	٢٣	عشف	ڪشف
18	٢٥	۾ هوُ	مان هو
٣٤	١٧	ڇو وڻهه	ڇو وڻهه
٤٢	٢	گفا	گدا
٤٢	٢	جن	من
٤٨	٢٤	لاءِ	ڪان
٥٠	٢٥	جو	- (ڪاٽي ڇڏ بو)
٥٤	١٤	جي	- (ڪاٽي ڇڏ بو)
٦٥	١٥	۾	؟
٨١	١١	د ڤعو	د ڤعي
٨٢	١٥	جي	جو
٨٧	٢٦	پاسي	پاسو
٨٩	١٣	ٿي	کي
٩٠	١٥	اد مبر	بغير
٩٥	٢	هي	سال
٩٦	١٤	—	ڪٽن ('ڪيپس' ڪانپوره)
١٠٠	١٠	سڌارڻ	سڌ رڻ
١٠١	١٩	ٿي	۾
١٠٨	٢٠	—	جي ('پاپاجي' ڪانپوره)

صفحو	سٽ	چُڪ	برابر
١١٩	٢١	—	۽ (’ڪي‘ ڪانپوءِ)
١٢٢	٢٥	ديرلو	ديرڙو
١٢٣	١٢	جي	– (ڪاٽي ڇڏبو)
١٢٥	٦	سان	مان
١٢٨	١٦	جي	جو
١٣٣	٨	جو	– (ڪاٽي ڇڏبو)
١٣٣	١٦	مشن	مش
١٣٨	٩	عامل	ڪامل
١٤٥	١٤	ڳالهائڻ	ڳالهائن
١٤٨	٢٠	عرضي	عريضي
١٦١	٨	اچاري	آچاري
١٦٤	٩	ڪيل	ڪليل
١٦٦	١٢	—	۽ (’تي‘ ڪانپوءِ)
١٦٦	١٢	جتي	(ڪاٽي ڇڏبو)
١٦٧	١	ڳالهه جي	ڳالهه جو
١٦٧	٤	جو	جي
١٦٧	٤	،	(ڪاٽي ڇڏبي)
١٦٧	١٩	؛ هوگ	هوگيه
١٧٢	١٠	ڪري	ڪدي
١٧٢	١٠	بول	بولي
١٧٧	٢	پٺو	پٺهو
١٨١	٩	پيال	پيا
١٨٤	٩	لا	لال
١٨٤	٢١	گهُوٽا	گهوٽا

ڏ نيواد.

سمپادڪ